Bab

عجیب زائیم
عجب دلیم

حیرت بابائی

Pradeep Kalani
Chairman

GIRISH WINES
Industries Pvt. Ltd.

Gala No. 1, Chander Shekhar Azad Marg,
Near Ruhani Satsang Hall, Khemani, Ulhasnagar-2.
Off. 546677-540309-548301 2/3/4/5/6
Resi. 544320 1/2/3/4/5
Bom. Off. 8367367/68 8370908/07 Fax 546777

With Best Compliments From;

POOJA ENTERPRISES

Liquid Glucose, Maize Starch, Sugar Khandsari,

Gur & Maida Merchant

2, Pooja Complex, Pawai Chowk, Ulhasnagar-3.

Off. 72880-74694 Resi. 542135

With Best Compliments From :

Assandas & Sons

Govt. Contractors

5/4, Hira Co-op. Hsg. Society, Ulhasnagar-3.

☎ 551759-551830

Assandas Budharmal

3, Hira Co-op. Society, Ulhasnagar-3.

☎ 550427-551830-551773

Gram : NAVJNBANK

☎ 545652
543847
547145

The Navjeevan Co-op. Bank Ltd.

(Regd No TNA/ULR/Bank (0) 101/84-84 date 14-2-85)
Regd. Off. : Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar–3

— We pay higher rate of interest than that offered by Nationalised & Commercial Banks on all types of deposits.

— We extend Financial assistant to retail/small traders, professionals, self employed, transport operators, Small Scale/Tiny Industries & other priority sectors.

— Deposits upto Rs. 1,00,000/- in respect of each depositer are fully protceted by the Deposit Insurance & Credit Guarantee Corporation Bombay.

— Safe deposits locker facility available

Chairman
Bacho Rupchandani

Vice Chairman
Smt. Komal G. Jani

ڀارت جو آئيندو اوهان تي ئي مدار رکي ٿو
اٿو جاڳو ۽ نه رُڪو جيستائين پنهنجي منزل تي نه پهتا آهيو

سوامي وويڪانند

Space donated by :

A WELL WISHER

With Best Compliments From;

Ashok R. Tolani
Director

Haresh R. Tolani
Managing Director

HARDAYAL

Pharma Distributors Pvt. Ltd.

Shop No. 6, Sneh Sagar Apt., Near Post Office,
O. T. Section, Ulhasnagar-1. ☎ 543979

With Best Compliments Of -



SAIBABA

Building Material Suppliers

Poonam Hsg. Society, opp. Ulhasnagar Municipal Council
Building, Ulhasnagar-3.
Tel. 74931-71728

Raju Traders

Wholesale Wine Merchants

Plot No 40, Sector 23, Turbhe, Vashi, Dist. Thane.
Tel 7686503-7686459

Prop. Mrs Raju G. Khubchandani

With Best Compliments From

Tel. Shop 545129 Resi. 543828

RAJKUMAR

Saree Centre

Specialist in :
Silk Sarees & Embroidery Fancy Dresses

Shop No. 103, Sindhunagar-2.

With Best Compliments Of -

Gehimal H. Karia
Pradeep H. Karia
Lucky Steel Furniture Works

Dealers in : A to Z Plumbing & Sanitary wares, Roofing Sheets, Water Tanks, Water Proofing Products, Decorative Wall & Floor Tiles, Rolling Shutters & Collapsible Gates.

Mumbai Off. : 11, Mohatta Maiket, 5th floor, Palton Road, Mumbai-400001. Tel. 2615916-2612431

Showroom : Shop No 105-107, Karia Acrade,
opp New Era High School, Ulhasnagar-3.
Tel. 545021-547021
Fax 0251-550791 Cable : KARIA'S

With Best Compliments From :

AMBIKA ASSOCIATES

Off. : 14, Lav kush Tower, Near Chopda Court,
Ulhasnagar-3.

☎ 541677-540749

With Best
Compliments
From;

M. K. Achhra & Co.
A. M. Achhra & Co.

Authorised Transport Contractors

94, Surat Street 2, Fancy Chambers, Masjid, Mumbai-400009
Tel. 346651

Section 17, Ulhasnagar-3.
Phone : Off. 76146 Resi. 70553-70677-75091

اوهان پنهنجي ٻار کي ڏرت جي سزا ڏيندا؟

بلڪل نه نه ڄاڻائيءَ ڪري ڏيو؟ غور سان پڙهو.

شاديءَ کان اڳ رت جي تپاس اوهانجي اولاد کي خوفناڪ بيماريءَ کان بچائي سگهندي. ”ٿيلاسيميا ميجر“ Thallasaemia Major ٿيلاسيميا مائنر (ننڍي) بيماريءَ جا جوڙا جاڻي جن کان ٿين ٿا. مرد ۾ يا استري ۾. جڏهن ٿيلاسيميا مائنر جيوڙن وارا وڏا ٿي شادي ڪندا ته انهيءَ اولاد کي ٿيلاسيميا (وڏي) بيماري ٿي سگهندي.

ٿيلاسيميا ميجر علاج رهت بيماري سمجهي جائيءَ ۾ چڱو قهليل آهي. ان بيماري وارن ٻارن جي رت ۾ هيموگلوبن ضرورت کان گهڻو گهٽ هوندي آهي جنهنجي ڪري ۾ رت ٻاٽيءَ وانگر پيلو ٿي ويندو. اهڙن ٻارن کي زنده رکڻ لاءِ ٻار ٻار نئين رت وجهائڻ جي ضرورت پوندي آهي اهڙي ٻار جون ٻڪورون ۽ جيرو وڏي ويندو آهي، انڪري مٿا پيشاب ۽/يا دل جي بيماري ٿي پوندي آهي. اهڙن ٻارن جي عمر وڌ ۾ وڌ 15 کان 20 سالن تائين ٿيندي آهي. انهيڪري اڳواٽ رت جي تپاس جو فيصلو برٻادي ۽/يا آبادي جو رستو ٿو سگهيو. هاڻي ئي عمل ڪريو!

ٿيلاسيميا لاءِ رت جي تپاس ڪرايو!

جاتيءَ جي ڀلي لاءِ هيءَ اشتهار وجهايو وڃي ٿو

شڀ ڪامنائن سان :

HOTEL ROSEWOOD

99/C. Tulsiwadi, opp. Air-Conditioned Market, Tardeo.
Mumbai-400034
Ph. 494 0320 27 (8 Lines)

Telex : 011-76396 ROSE IN

Fax 4953764

HOTEL TILSONS

M/s. Tilsons Enteprises

M/s. Tiloomal & Sons

Builders, Developers & Govt. Contractors

M/s. Sansar Textiles & Processors Pvt. Ltd.

TILSONS SHOPPING CENTRE
Kalyan Ambernath Road, Ulhasnagar-3.
Tel. Off. : 550191-73003-550561-550996
551197-553200 Resi. 550855-551921

M/s. Ambratlal Sukhwani

Builders & Govt. Contractors

Shop No. 7, New Ajanta Society, Near Aman Cinema,
Ulhasnagar-2. Dist. Thana.
STD 0251 Off. 544414, 545630
Resi. 551170, 551735
Gram : AMRIT SUKH

With Best Compliments From :

V. L. PHARMA

Manufacturers of :

Ayurvedic Medicine

Off. : 20, Lokmanaya Tilak Marg, Mumbai-400003.
Phone : 322435
Fact. : 318/A, Ulhesnagar-1. Dist. Thane. Tel. 76545

With Best Compliments from

SAIBABA CHEMICALS

Furniture Bazar, Ulhasnagar-2.

With Best Compliments From;

National Engineering Works

Manufacturers of :

Automatic Biscuit making Plants & Biscuit Roller Dies on Pentograph Machine

Ulhasnagar-3. ☎ 70226-71312

With Best Compliments
Of

Bhawani Builders

Builders, & Govt. Contractors

M/s Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar-3.
Tel. Off 75104 Resi. 71444-76880

پيڙهيءَ در پيڙهي مڪمل ڪاريگري

Generation by Generation Quality Craftmanship

TARACHAND TECKCHAND
J E W E L L E R S

تاراچند ٽيڪچند جويلرس [لاڙڪاڻي وارا]

بهترين دل لڀائيندڙ زيورات، گهرائي واحي

787, Zaveri Bazar, Ulhasnagar-421002. Phone : 541919

With Compliments from

Gobindram Lachhmandas
Chander Talreja
Sunil Talreja

L & T Cement

Authorised Stockist :

Gobindram Lachhmandas & Co.

Shop No. 459, Ghansham Niwas, Main Road, Ulhasnagar-3.
Tel. Off. 547624-545123-548323

B-8(177)

ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم

(آتم ڪٿا)

ڀاڱو چوٿون

000006

ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشنس

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

With Best Compliments From :

Prop. Gurudinomal

MAHALAXMI JEWELLERS

Govt. Approved Regd. Valuers

806, Zaveri Bazar, Ulhasnagar-2.

☎ 542209-545310-540182

Cable : LAXMI JEWAL

"آدم" جي ڪٿا؟

تازو ئي پياري مسٽر ٺاڪر سنتوش روهڙا لکيو:

توهانجي آدم ڪٿا جو ٽيون ڀاڱو مليو... پهريان ٻه ڀاڱا ٻڙئي پڙهيا هئم، پر هيءُ ڀاڱو سچو ئي من لڳائي پڙهيم ۽ اهو ڀاڱو پڙهي دل ۾ 'ڪمزور شخص' لاءِ وڌيڪ قرب ۽ "ڪمزور ڪارنامه ڪرڻ" لاءِ وڌيڪ عزت پيدا ٿي. توهانجي آدم ڪٿا مان سنڌي ماحول جي سڃاڻ ۽ گهڻي ڄاڻ ملي ٿي، پر اها "آدم" جي ڪٿا جو اصل نٿي ٺهجي. سنڌي ماحول جو بيان ٿي لڳي. ڪٿي ته ان مان ڪيترين چالن ڄاڻون، وري ڄاڻڻ لاءِ مليون، ان ڪري لاڳاپيون ٿيون ۽ ڪي ايون ڄاڻون به معلوم ٿيون. چوٿون ڀاڱو لکندا ته سڀ ئي ٿيندو، جو جيڪو بيان لڳو شروع ڪيو آهي اهو مڪمل ٿيندو. اندر ۾ ساڳيهندس ته من سمجهيو، ان ڪري چئي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

سنتوش روهڙا

جواب ۾ مون کيس ڪجهه هن رات لکي موڪليو:

اوهين ٺيڪ ڀاڱا پڙهي پوءِ تاثرات لکو ها ته ڪجهه ٻيو ئي اثر ٿئي ها. خير، وري به سڀ جو اوهان پنهنجو رد-عمل ڏنو.

ڄاڻان ٿو "ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم" ۾ منهنجي آدم جي ڪٿا سان گڏ، چڱو حصو منهنجي **ڪرم جي ڪٿا** جو آهي. پر اها مراد مون پهريان جلد ۾ ئي ظاهر ڪئي هئي ته، پنهنجي ڪٿا سان گڏ پنهنجي ڄاڻ جي جدوجهد (زنده

KUJH BUDHAYUM
KUJH LIKAYUM

An Autobiography
By : KIRAT BABANI

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3.
Tel. 544100

Publishe by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press,
493, Opp. Hotel Eagle,
Ulhasnagar-421 003.
Phone : 544616

Author's Address ;
3/41, Adrash Nagar,
Prabhadevi,
Mumbai-25.

Sole Agent ;
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2.
Tel. : 540455

SINDHI TIMES
(Quarterly Book Series)
Yearly Subs. Rs. 80/-
Half Yearly Subs. Rs. 40/-

Price : Rupees Forty Only

This Book Price Rs. 40/-
This Issue:Apr-May-Jun 1998

Year : April 1998

● ڪجهه پڙهايم، ڪجهه لکايم

١٩٧٢ ۾ ڏهين اپريل پارس سنڌي ساهت سڀا (اجميءَ) وقت سڀا جو صدر مون کي چونڊيو ويو. خوشي سان گڏ مون کي گهڻي جوابداريءَ جو احساس به ٿيو؛ جيڪر اُنهن ئي جوان ته منهنجي ساٿين هڪ وڏي پرتڪشا جو چئلينج اُٿاريو ويو. مون کي وشواس هو ته اهڙي للڪار سان مان ڀيٽائي سگهندس، سڀا جي ڪارج کي اڳتي وڌائي سگهندس.

هن کان اڳ سڀا جو ڪارج هڪ گس تان ٿي هليو، جنهن ۾ هڪ طرف هو، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم جي پرچار مدي لي پرچاري آندولن ۽ ٻئي طرف دستوري ڪارروائي ڪم جو اعلان ڪرڻ وغيره. جوڙجڪي ۽ تخليقي ڪارج طرف گهٽ ڌيان ڏئي سگهيا هئاسين. مون پنهنجي من ۾ خاڪو لاهي ورتو ته سنڌي ڀاشا جي مسئلن لي پرچاري (agitational) ڪارج سان گڏ هاڻي جوڙجڪي ڪارج جو آرنڀ ٿيڻ گهرجي. ان بابت ڪجهه چوڻ کان اڳ هڪ ٻيءَ ڳالهه لي لو اچان.

سنڌي ڀاشا جي پارس جي جوڙجڪ ۾ ساهتا جي سوڀ لي اسين سڀ خوش هئاسين. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجين ڀارتي ڀاشائن سان برابريءَ جو حق مليو هو ۽ سنڌي جاتيءَ جو مان مٿي ٿيو هو، پر هڪ ڪنڊو اسان جي ڪک ۾ چڀي رهيو هو، سو هو سنڌي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جي حرڪت،

زهڻ جي ڪشمڪش) کي به جوڙيندو ويندس. هو انهن ۾ جي ڏسڻي ۽ اها جد وجهد (سندس جي هلچل) ۽ منهنجي جيون ۾ سڀاڳيءَ ”آدم“ سان پڻ لاڳاپي پيئي ڳنڍي بيٺي آهي. اُن جو مان سڀاڳيءَ ۾ سرگرم پاسو رهيو آهيان، انهن کي پنهنجي آدم ڪٿا کان ڪيئن ٿو الڳ رکي سگهان؟ ۽ اهڙيءَ طرح نه جاليءَ جي هن الوکي ڪشمڪش جي عڪاسي لازمي آهي. پر پوءِ نه مان ڏو سان شامل راهي آهيان نه منهنجي ”آدم“ جي اچا اهي نه ڪٿا آهي؛ جا اجا لکڻي آهي. پنج سال لڳن، ڏهه سال لڳن اها لکي ضرور ويندي. اها هن گرانٿ جو آخرين پنجون ڀاڱو ٿيندي.

ڪيرت ٻاٻاڻي

وهڻ کان اڳ، انهن ۽ ٻين سنڌي پرڏيهين تعليمي وزير نورالحسن جي بنگلي ٻاهران زوردار مظاهرو ڪيو ۽ منهنجي اڳواڻي ۾ سندس گهر اندر هلي، عرضو ڏنيءِ، سنڌي ڀاشا لاءِ ٻن لپين جي هانيڪار فيصلي خلاف اعتراض ورتو. هر روز سوين سنڌي ڀائر ۽ ڀينر دهلي نواسي ٽولين ۾ اچي اسان سان حالي احوالي ٿي، همدردي ڪندا هئا. بک هڙتال جي هن واقعي پارليامينٽ جي ميمبرن ۾ ڪافي چرپر آندي. ڇهين مارچ تي ڪانگريس پارليامينٽري پارٽي جي هڪ ٽولي، جنهن ۾ سيڪريٽري نول ڪشور ۽ ٻيا ميمبر آغا ڪشميري، ستپال ڪپور ۽ امرت ناهٽا، ٽولين ۾ اچي بک هڙتالين سان حالي احوالي ڪيا ۽ اسان تي زور آڻيندا رهيا ته اوهين اختياريءَ وارن جو پنهنجي مقصد طرف ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ويا آهيو. وڌيڪ اهو به خاطري ڏياريون ته هو اسان جي سوال تي پردان منتري شريمتي اندرا گانڌي جو ڌيان به ڇڪائيندا. سنڌين جي پارلياڻن جو آدر ڪري، ٣٦ ڪلاڪن بعد اسان سنڌين هٿان رس جو گلاس وٺي، اُپواس ٽوڙيو. ٧ مارچ تي اسان جي هڪ سفارش شري امرت ناهٽا جي اڳواڻي هيٺ پردان منتري شريمتي اندرا گانڌيءَ سان سندس آستان تي گڏي ۽ هڪ سؤ سنڌي ادبي، تعليمي، سيڪيولر سنستائن طرفان صحيح ڪيل عرضو پيش ڪيو. مون اُن بابت ڳالهائيندي شريمتي اندرا گانڌيءَ کي عرض ڪيو ته شري جيرامداس دولترام لپيءَ جي سوال تي صحي رخ نه وٺي رهيو آهي ته مرڪندي چيائين، "هو اسان جو بزرگ ليڊر آهي ۽ اسان کي سندس مان ڪرڻ گهرجي". اسان ڪجهه چوڻ، تنهن کان اڳ، هوءَ اٿي نڪري وئي.

هن هڙتال جي موقعي تي ڪيترائي نوجوان اديب ڪيترن شهرن مان آيل هئا. هڪ لينڪ ۾ اسين ڏنڌجي سڀا جي آئيندي

۽ بعد ۾ سنڌيءَ لاءِ ٻن لپين جي فارمولا منظور ڪرڻ. جيستائين سنڌي ٻاشا جي تسليميءَ لاءِ ڪمشن ٺاهڻ جو سوال هو ته اسان وڏي مقصد جي حاصلات لاءِ سنڌ جي بنياد کي لپيءَ جي لڪاري مدي ڏانهن ٻري رکيو هو. ٻر هاڻي ٻوليءَ جي مانيتا، اسان جا ٻڌل آزاد ڪيا هئا ۽ ١٩٧١ ۾ اسان سنڌ جي جوڙجڪ ۾ بنيادي تبديلي آئي، سنڌ کي سنڌي لپيءَ ۾ وشواس رکندڙن جو ٻانهفارم قرار ڏنو هو. هيءَ هڪ اهم ڳالهه ان فيصلو هو جنهن طرف منهنجو فورن ڌيان ويو. سنڌ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي منڍ ۾ مون رٿ پيش ڪئي ته ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي جي اهڙي ارهه-زوراوري ۽ سنڌي ٻاشا جي لپيءَ سان هٺ ڌرالد خلاف اعتراض طور ڀارت جي پارليامينٽ ٻاهران ٤٨ ڪلاڪن لاءِ ٥٢ سنڌي ليکڪ بک هڙتال ڪن ۽ اسپيڪر کي عرضو پيش ڪن. ٥٢ انگ ان ڪارڻ رکيو ويو هو جو اسان جي شاهوڪار ۽ پوري ٻاڳي سنڌي لپيءَ ۾ ٥٢ اکر آهن. ايءَ ڪنهن به دنيا جي لپيءَ ۾ ايترا اکر مشڪل سان هوندا. فيصلو ٻڪراءِ وڏي جوش ۽ فخر سان ورتو ويو.

٥ ۽ ٦ مارچ ١٩٧٣ تي پارليامينٽ جي ٻاهران ٻوٽ ڪلب وٽ ٤٨ ڪلاڪن لاءِ اعتراض ۾ بک هڙتال ڪرڻ جي تياري ڪئي وئي ۽ ڪيترن اديب ليکڪن ۽ پاڙن کي سنڌ طوفان خط به لکيا ويا. ٢٢ شهرن مان اليڪ سنڌيءَ جا ٻيارا اچي بک هڙتال ۾ شامل ٿيا، جن ۾ ٻارهيڙ مان آيل به مسلمان پاڙ ۽ دهليءَ جي ڪن اديبن جون ڌرمپتنيون ۽ اهڙيا ٻار به هئا. سنڌ جي اپيل تي اهيءَ ڏينهن تي سڄي هندستان ۾ هزارن سنڌي پاڙن ۽ ليکڪن اپواس رکيو. ڪيترن شهرن ۾ ٻڪراليءَ ۾ ٻر لس ڪانفرنسون ڪوٺائي لپيءَ جي سوال تي سنڌين سان ٿيل انياءُ ڏانهن پارلي ٻلڪ کي واقف ڪيو ويو. بک هڙتال تي

ڪيو هو ته سنڌيت جي هلچل کي ڪشادو ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جوڙجڪي سرگرمين کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ترجيح ڏيندس. اُن مراد کي وڌائيندي، مون سڀني طرفان سنڌي تعليمي ڪانفرنس سڏائڻ جو ٻيڙو ورتو. احمدآباد (گجرات) جي ٻن مشهور هستين ڊاڪٽر سنمک لولاڻي ۽ پريم لکياڻي جي مدد ۽ سهڪار سان ٻن ڏينهن لاءِ احمدآباد ۾ ١٧ ۽ ١٨ نومبر تعليمي ڪانفرنس سڏائيسين. ڪانفرنس جو مهورت گجرات راڄيه جي نائب وزير وشمداس مولياڻي ڪيو. صدارت ڪرڻ جو شرف مون کي مليو. مکيه مهمان طور گجرات سرڪار جي صحت ۽ پنچايت کاتي جي وزير ٺاڪر ڀائي پٽيل ڪرسي سينگاري. ٻاهرون دعو هو جو سڀني سنڌين جي تعليمي مسئلن تي وستار سان ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ، سنڌي اڌياپڪن ۽ تعليمدانن کي گهرايو هو، جن تمام گهرائي سان سنڌي ٻارن جي تعليم تي سوچ ويچار ڪيو ۽ گنڀيرتا سان سڀني مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، هڪ تعليمي چارٽر تيار ڪيو، جيڪو ڀارت جي راشٽرپتي، پرڌان منتري، تعليم کاتي جي وزير، پرديشن جي مکيه منترين ۽ گورنرن کي موڪليو ويو. تعليم جي ڪانفرنس سان گڏ اسان هڪ سنڌي سنگيتڪ پروگرام به رکيو هو، جنهن ۾ اڙڪه ٽوڙي آسرانڊ ڪلاڪارن خوب نچايو ۽ ڀڳونتي ناواڻي ۽ مشهور سنڌي ڀڳت کهنڀارام، رات جو دير تائين خلق کي آنند ۾ جهولائيندا رهيا.

هت ٻڌجي، منهنجي اندر مان هڪ دانهن ٿي نڪري. گذريل ذري گهٽ اڌ صديءَ کان سڀني طرفان سنڌي جاتيءَ جي الڳ الڳ مسئلن تي مرڪزي توڙي پرديشڪ سرڪارن کي، الائي ڪيترا اڻ ڳڻت عرضيون، درخواستون، تذڪرا ۽ ياداشتون ڏنيون ويون آهن - اگر سڀني کي گڏي رکجي ته

تي سوچڻ ويٺاسون ته ڪٿان سنڌ جي ڪارڪنن کي وٺائجي. لکمي ڪلاٽي ڪلڪتي مان هڪ هڙتال ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو هو. تمام سنڌ رت ڏنائين ته سڀا طرفان سنڌي اديبن ٻانڪن جو آسو ۽ چنائي ڪرائي وڃي. ٻهران اهڙي آسڪ لاءِ مان سنڌي پوٽ انسوسٽيشن طرفان، سڀا ڪـي اهڙي ڏني رهيو آهيان. اسان جو قدم هڪ اهم سرگرميءَ طرف کڻي ويو. سيپٽمبر ١٩٧٣ ۾ سڀا طـرفان ڪلڪتي ۾ ٻهراون اڪـل ڀارت سنڌي ٻانڪ آسو ۽ چنائي سڏائي وئي. ڏار ڏار شهرن مان آيل اڪن ٻانڪ ٽولين ڀاڱو ورتو. آسو روهڻدر رائگهه شالا ۾ ٿي ڏيهن هليو. ڪنهن ٻهران ٽن ٻانڪن کي شاعر ليکراج عـزيز يادگار ٽرافيون، اڪد رقم ۽ قدر شناسيءَ جا سرٽيفڪيٽ عطا ڪيا ويا ۽ ساڳيءَ طرح جوهر ڏيکاريندڙ ڪلاڪارن، هدايتڪارن وغيره کي پـڻ ٽرافيون، اڪد انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنـا ويا. اصلوڪين ڪهاڻين رچنائن کي پڻ پرسڪار ڏنا ويا. سنڌي اديبن ٻـانڪن جـي فيسٽيول جي شروعات ٿي ته اهو سلسلو هلندو ٿي رهيو آهي ٿـوري ٿوري وڇوٽيءَ کانپوءِ، ڪل ڏه ٻانڪ فيسٽيول سڀا جي پليٽفارم تان ٿي گذريا آهن. جـن سنڌي ٻانڪ لاءِ چڱي رچي ۽ چاهه پيدا ڪيو.

سنڌي ٻانڪ کيتر ۾ فيسٽيول ڪوٺائڻ جـي جا روايت پئي سا اڄ ڏينهن تائين قـائم رهي آهي. منهنجي سمجهه ۾ سنڌي ٻانڪ ڪافي ترقي ڪئي آهي، جيتوڻيڪ معيار جي لحاظ کان اڃا گهڻو ڪجهه گهربل آهي ۽ سنڌي ٻانڪ پـولين ٿوري وقت اندر معيار ٿوڙي مقدار ۾ لکاوٽ جـا اهـڃاڻ ڏيکاري رهيو آهي.

مون پنهنجي من ۾، سڀا جون واڳون ولـڻ کانپوءِ اهڙو

ٻروڙا شيام آهوجا، هزارن ۾ خلق! ڪلاڪارن ۽ ڏسندڙن جو پاڻ ۾ واهه جو لال مل! پنجواڻي صاحب پاڻ لاءِ اڃا پر مڃ لي وڌلن کي ته لڳائي. ان ڏينهن هو الائي ڪهڙي مستيءَ ۾ هو. قوالي ماڻهن کان ته اسٽيج تي اچڻ سڀني پيو نچايائين. درشيه ڏسڻ وٽان هو. ڪافي دير تائين محفل جو رنگ مستو رهيو. اڄ ته اهي السو جا فوٽا ڏسان ٿو ته من اندر مستيءَ جون لهرون اٿن ٿيون.

سال جو آخري اسر، مون دوري لاءِ رکيو هو. مون سوچيو ڪيئي ۾ وٺي، اسين سنڌي جڳت جي هڪ محدود تصوير ڪشي ڪندا رهيا آهيون. ٻاهر نڪري ڏسون ته ٻين هنڌن تي سنڌين جو ڪهڙو واءُ سواءُ آهي. ٻهرين دوري لاءِ مون مڪاني ٻرداش کي چونڊيو. ته ڪارڻ هئا: هڪڙو ته ٻولي جي حوالي ۾ اهو ٻرانت مڪمل ٻنڌي هو. هندي ڀاشا، سنڌيءَ مٿان غالب پئجي وئي هئي ۽ ٻيو اهو ته ته سونٽا جو ڀاءُ گلاب وجي راڻپور ۾ رهيو هو. ڪميونسٽ پارٽيءَ جو تمام سرگرم ڪارڪن هو. مون کي ٻه فائدا ٿيڻا هئا: هڪڙو ته هن جي ڏات وات، مون کي دوري ۾ لاپرواهي ٿيندي ۽ ٻيو ته سونٽا کي سندس ڀاءُ وٽ ٽائيٽو ڪري، اي-اولو ڏهاڪو ڏينهن سفر ڪري وٺندس. رواجي طرح ته سونٽا کـي گهر ۾ اڪيلو ئي ڇڏي ويندو آهيان، پر هن دفعي اهڙي ڳالهه روا نه هئي. اڳين ته پنهنجي ٻرٽيل ڇاهٺاليهن سالن (١٩٥١-١٩٩٧) ۾ مڪمل ڪو نڪاٽو نه رهيو آهي، جنهن جيئو آهي، ڪڏهين رهي ۾ ته ڪڏهين جيل ۾، جيتو ٽيڪ همت پارٽ ۾ جيل جي اڏاٽ اچا ته نه آئي آهي، پر اها حقيقت آهي ته هلچل جي شروعاتي ويهارو سالن ۾ اڪثر گهر کان ٻاهر هوندو هوس ۽ مڪمل واسر يا لاپرواهيءَ جو اهو عالم هو جو سونٽا جي

شايد هڪ پوري ڳوٺ ۾ پڙهي وڃي. پر هنن معتبر سرڪارن جي ڪن ڏي جوڻن ۾ ٻه ڇپي آهي. شروعاتي دور ۾ گهٽ ۾ گهٽ سگهڻي پهچ نه ملندي هئي، پر هاڻي ته هري الهه! آهي عرضداشت ۽ درخواستون سرڪاري دفترن ۾، معزز لکي ٿا ڪتبن ۾ درج ٿي رهيا آهن. هڪڙو تازو مثال آهي. هن سال کان وٺي مهاراشٽرا راڄ، سنڌي ساهتيه اڪاڊمي کي جواب جي سوال تي اڳيڪ بار عرضداشت ڏئي ۽ ملاقاتون ورتيون ويئون آهن، پر لوڪسڀا جي ناني ۾ هلندڙ هيءَ نوائي سرشتو الڳ و ۽ پوڙو ٿي چڪو آهي، انتري حد تائين جو هڪڙي اسيڙي پارٽيءَ جا جاڙا وزير، هڪ وڏي ۽ معتبر پارٽيءَ جي وڏن اڳواڻن کي به ڪوڙ تا اڪين، ته پوءِ سنڌين جي ڪهڙي هلندي؟

چيٽي چنڊ، جهوليلال جو ميلو، جنهن کي پارس ۾ سنڌي جاتيءَ جي سطح تي سنڌين جي قومي ڏينهن ڪري ملهائڻ لاءِ اڪل پارس سنڌي بولي ۽ ساهت سڀا سڏايو هو، انهن کي جاتي جذبي سان جوڙڻ لاءِ، سڀا ان کي "چيٽي چنڊ-سنڌيت ڏينهن" جي نالي سان ملهائڻ جي رٿ چالو ڪئي آهي. منهنجي ايامڪاريءَ جي پهرين سال (١٩٧٣) ۾ ڪوشش ڪئي سين ته ممبئي ۾ وشال اسولي ۾ ملهايون، جنهن ۾ هزارين درشڪ اچن، سنڌي ڪلاڪارن جي ڪلا جي موج ماڻين ۽ سنڌي سرڪردن جو سنڌيش ٻڌن. ممبئي جو وڏو ڪليل هال، ڏونبي تلاءُ تي رانگ ڀون ان لاءِ رٿيو ويو. سنڌيءَ جا ٻه ٻرڪ قاعدبدان ٽرسٽي هو ٽيچند آڏواڻي ۽ قانون جو ماهر رام جيٺملاڻي موقعي تي مکيه مهمان هئا ۽ ممبئي جا محبوب ڪلاڪار رام پنجواڻي، دپڪ آشا، ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا، جمنالال ۽ اڊيڙا ون اسر لي. ڪلاڪار آشا ۽ پيدا آلمچنداڻي ۽ مستان سنڌوانگر جو، ڪلا تي پيٽ ۾ سور وجهندڙ "لٺو چڙ لو" جهنجهو

سنڌي ميڙن ۾ ساڳئي سُر ۽ انداز ۾ ڳالهايو، سنڌيت جي هلچل جو خاڪو سندن اڳيان رکيو ۽ پنهنجي شهر ۾ خانگي طور سنڌي سيکارڻ لاءِ راتري شالائون هلائڻ جي اپيل ڪئي. ڪٿي اثر پيو ۽ ڪن مٿن اُساهه وڃان، ڪوششون به ڪيون پر سنڌي اسڪولن جي غير موجودگيءَ ۾ خانگي ڪوشش جو نتيجو محدود ئي سمجهڻ گهرجي. مان هن دوري جون تفصيلي رپورٽون سنڌو سماچار سنڌي روزاني اخبار، جيڪا ٻن سنڌي اديبن ۽ ٻين سنڌيت جي پيارن جي جفاڪشيءَ سان امبئيءَ مان، ان وقت نڪرندي هئي، تنهن ۾ ڏيندو رهندو هوس. هن دوري جو واسطيدار شهرن ۽ ٻين هنڌن تي ڪافي اثر پيو.

اکل ڀارت سطح تي سنڌي ساهت سميلن گهرائڻ جي روايت کي اسان قائم رکندي، سال ١٩٧٤ ۾ ٻارهون سميلن راجڌانيءَ ۾ پيو پهرو ڪيترن سالن جي وٿيءَ کان پوءِ سڏايو. ان سميلن کي تاريخي واقعو بڻائڻ لاءِ اسان هر ممڪن ڪوشش ڪئي، بلڪل ڪائي به ڪسر ڪانه ڇڏي. اسان کي ڄاڻ هئي ته دهلي سميلن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هزارين ڊيليگيٽ اچي وارد ٿيندا. دراصل هن دفعي اسان ڊيليگيٽ ڪرڻ جي مهم هلائي هئي ۽ چٽاڀيٽي رکي هئي ته گهڻي ۾ گهڻا ڊيليگيٽ ڪندڙ سنڌيت جي شيدائن کي سونا ۽ چانديءَ جا ٻلا انعام طور ڏنا ويندا. ٽن ڀائرن ايم. آر. سنڌاڻي (گانڌيڌام)، ميول آهوجا (بڙودا) ۽ گرمکداس (سنڌونگر) کي گهڻا ڊيليگيٽ ڪرڻ ڪري انعام عطا ڪيا ويا. جملي چار هزارن جي قريب سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڊيليگيٽ ڪيو ويو. ههڙن ڊيليگيٽن جو اسڪولن ۽ ڌرمسالائن ۾ بندوبست ڪرڻ ۽ انهن هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڦيرائڻ بلڪل ناممڪن هو، تنهن ڪري سميلن شاهي

جنم ڏينهن جي تاريخ يا پنهنجي وهانءَ جي تاريخ جو به ڪو
حوصلو نه رهندو هو. ڄاڻايئو، اهو اسورو لاحق آهي ۽ ڏوهه
قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر انصاف ڪريو، جنهن شخص کي
پنهنجو جنم ڏينهن ئي ڪڏهن ياد نه رهيو آهي، تنهن لاءِ
ڇا چئجي؟ مان مگر ائين ڪريان ۽ اڪو ڪو مان هرو ڀرو رومانوي
پٽجڻ نه چاهيان. اها حقيقت آهي ته منهنجي جنم جي تاريخ
هميشه، ڪو دوست يا منهنجو ڪو پيار موليڪي فون ڪري
يادگيري ڏياريندو آهي. ڪيترا دفعا ته مولي ۽ ڪلا پرڪاش
دانٽي مان، صبوح ساڻ واڌايون ڏيندا آهن.

مون پنهنجي دوري جي شروعات رائپور مان ڪئي.
سنڌي يونٽ سرڪل وڏي پيماني تي ڪالي ٿي، شهر جي معزز
شخص جو معزز رکيو، جنهن ۾ مون سنڌي جاتي ۽ ٻولي بابت
پنهنجا ويچار پيش ڪيا ۽ پنهنجي ڀاشا ۽ سڀيتا کي محفوظ
رکڻ جي اپيل ڪئي. گهڻي قدر واپاري طبقي جا ماڻهو هئا،
جن کي دالدي ۽ ٻٽي وهنوار ۾ هندي ڳالهائيندڙن سان ايڏو
ول مل ٿي ويا هئا، جو سنڌيءَ لاءِ چاهه ڀيا اروح ايڏو نه ڪو
نه هون. ڪن اسڪولن ۾ نه شاگردن اچيان؛ ڀاشا ڏيارڻ لاءِ
وٺي ويا. ماسترن ۽ ودياٿين ۾ وڏيڪ اُتساهه هو، پر سنڌي
ڀاشا جي پڙهائي لاءِ سيکاريندڙ ۽ ڪتاب ڪٿان اچن؟ هوليئن
شايد سنڌي مئنيجمينٽ وارن اسڪولن ۾ سنڌي وشيه جي
پڙهائڻ جو بندوبست ٿي سگهي ها، پر لپيءَ جي سوال
تي ڀيڙاٽي ۽ مشڪلن ڪري اها ڌري نه پئي هئي. رائپور
ڪاسواءِ هن سفر ۾ مان ٻيا چار شهر جبلپور، ڪٽني، ملاپور
۽ ناگپور نه گهميس. ڌرمشالا يا مندر يا اسڪول ۾ پنهنجاس
ڀيا ڪنهن ساهتڪ سڀا طرفان اڪثر معزز رکيائون ۽ مون ته

هو مڙس!

١٩٧٤ سال واري سميلن ۾ پوپٽي هيرانندائي کي سڀا جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. هوءَ زوردار نموني سڀا جي ڪم ۾ ڀاڱو ڀائي ٿي اٿي، ايتري قدر جو فورٽ ۾ ڪنهن دوست جي آفيس ۾ جڏهن اسان سڀا جي آفيس قائم ڪئي ته هوءَ منجهند کانپوءِ ٻه-ٽي ڪلاڪ روزانو اچي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. جنهن ڪري اسان جو سڀا جي ڪاروباري ڪم (لکپڙه وغيره) ۾ ٻين سرگرمين ۾ به چستي اچي وئي. اڳين سال وارايون ٻيون سڀ سرگرميون ته قائم رهيون، پر هن سال ليکڪن جي دائري ۾ اسان پير وڌايو. ڪيترائي اسان جا ليکڪ دوست، جيڪي سنڌي هلچل جا سرڪردا رهيا هئا ۽ سڀا جا تنظيمي سطح تي پڻ ٿنڀا ليکيا ويندا هئا، تن کي هڪ واجبي شڪايت رهندي آئي هئي ته سميلن جي دوران سنڌي ليکڪن لاءِ ڪا دلچسپيءَ واري ڳالهه ڪانه ٿي ٿئي. ساهتڪ بيٺڪ مان ڪجهه خاص لاڀ ڪونه ٿي مليو. ٽورن ڪلاڪن جي بيٺڪ عام ڀاشڻن ۾ اڪري ٿي وئي. ساهتڪارن کي ڪجهه هڙ پلئه ڪونه ٿي پيو. سندن دل هئي ته ليکڪن لاءِ سڀا ڪجهه خاص پروگرام رٿي، جنهن گڏيل واتاوَرڻ ۾ هو پنهنجا تخليقي ۽ ٻيا ساهتڪ مسئلا سوچ ويچار هيٺ آڻي سگهن. انهيءَ گهرج کي خيال ۾ رکي، سڀا سنڌي ساهتڪارن جا خاص سميلن سڏائڻ جي ١٩٧٤ ۾ شروعات ڪئي. پهريون سميلن ١١-١٢، آگسٽ تي احمدآباد ۾ سڏايو ويو. پهريون ئي پيرو سڀا ٻاران ساهتڪ ميڙ اهڙي وڏي پيماني تي رکيو هو، جنهن ۾ ڏهن ڌار ڌار شهرن مان پنجاهه کن ليکڪ شامل ٿيا. ٻن ڏينهن جو سميلن هو. پهرين ڏينهن جي وشيه هئي – "ڀارت ۾ سنڌين جو تمدني طور پڪالو ٿيڻ" ۽ ٻئي ڏينهن جي وشيه هئي – "رچنائڪ ليکڪ

تنهن اندر ڪرڻ جو فيصلو ورتو ويو. اهي ٿيو ڦال ڪنورا گاڏين ۾ ڪٺا ڪيا ويا ۽ مٿس هيٺيون ڪالاٽي نگر نالو ڏنو ويو. پڻڪن لاءِ هڪ وڏو تنبو رکيو ويو، جنهن کي جيئي سنڌ هال نالو ڏنو ويو. ٻماهه واري تنبوءَ کي هوشو هال سان سڏيو ويو. رهائش لاءِ هر شهر لاءِ الڳ تنبو ۽ اسپتال لاءِ ڌار تنبو. تعمن جو پورو بندوبست ڪيو ويو. پنهنجي جهالردار آڪار سان لڏندڙ ۽ لهرائيندڙ، هيٺيون ڪالاٽي نگر، گويا سنڌيت جو شاندار شهر پاسي رهيو هو. اماه ۾ پڻ ڪافي اهم چيزون رکيل هيون، جنهن جو اُدگهاٽن ساهتيه اڪاڊميءَ جي اُن وقت جي جنرل سيڪريٽري شري پربڀاڪر ماچوي ڪيو، جنهن پنهنجي ڀاشڻ ۾ سنڌي جاتيءَ، ٻوليءَ، لپي جي قدامت جي ساراهه ڪئي ۽ انهن کي ڀارت ۾ برقرار رکڻ جي زوردار حمايت ڪئي.

دهلي سميلن لاءِ اسان شري اندر ڪمار گجرال کي مهورت لاءِ گهرايو هو. اُن وقت هو شريمتي اندرا گانڌي جي ڪئبينيٽ ۾ سماچار کاتي جو وزير هو. خوشيءَ سان اچڻ قبوليو هئائين ۽ سڀ پيچ هو سميلن جي مهورتي پروگرام لي پهتو ۽ اچي، پر منچ تي اچي ڳالهائڻ کان لاهري واري ويٺو. ڏاڍي اسان منٿا ڪئي ته اسٽيج تي اچي خلق کي پنهنجي رُوشڪل ڏيکاري ته اسان جي رهجي اچي، پر نه مڃيائين. اسان کي سمجهڻ ۾ دير ڪانه لڳي. اڳ ۾ به اسان کي آزمودو هو، سنڌي ليکڪن جي ڪنوينشن وقت (١٩٦٩ - دهلي) پڻ شري جيرامداس دولترام اسان وٽ اچڻ ۽ ڳالهائڻ کان پري رهڻ لاءِ زور آندو هو. پر اُن وقت هو آيو هو، پر اکر ڳالهايا هئائين، پر هن وقت ته ٿدو اکر واري ويٺو ۽ منچ تي چڙهي ماڻهن کي شڪل ڏيکارڻ کان لاهري وارائين. ڪافي ڪو ڪڙڪ زور آيل

ٿياسون. راجڪوٽ کان جھوناڳڙھ پھتاسون. سنت ليلاشاھ جي ياد ۾ ٺھرايل سنت ليلاشاھ وديالي جي پرنسپال هيمنت ڪمار ٽولاڻي سڄو اسڪول گھمايو. هر ڪلاس جي شاگردن سان ملياسون ۽ کين سنڌي ڀاشا سان محبت قائم رکڻ جو اپاءُ ڏنوسين. جھوناڳڙھ مان هيمنت ڪمار ٽولاڻي به اسان سان دوري لاءِ نڪري پيو. هاڻي ٿياسون چوواڙي ۽ پھتاسون ڀاٽيا، جتي سنڌين جو هڪ جھونو جوڳي رام لڪاڻي سنڌيت جي جوت جڳائي ويٺو هو. رات جو سنڌي ڌرمشالا ۾ سنڌين سان ميلاپ رکيائون، جتي سڀن ۾ سنڌي سڄڻ اچي ڳاھٽ ٿيا. خوب ڪچھريون ۽ سوال جواب ٿيا. هتان لديڙي شھر ۾ سنڌي پنھنجي اصوڪي سنڌي ڳوٺ جھڙو واھو ماڊل قائم رکي ويٺا هئا. ڀاٽيا کان اسان جو قافلو ڪٽيانا مان ٿيندو وراول پھتو، جتي جو آدم ٽوٽل اسي هزار هو، جنھن مان سنڌي رڳو ايڪائي هزار هئا. پر اُتي سنڌين درجي تائين لوئر مڊل اسڪول سنڌيءَ ۾ هلندڙ هو، جنھن ۾ سٺ سو ٻار سنڌيءَ ۾ پڙھندا هئا. هاءِ اسڪول جي به ڪوشش هلندڙ هئي.

سوراشٽر واري علائقي ۾ گھڻا ٽا ماڻھو سنڌ جي ديھاتي علائقي جا هئا، جيڪي پنھنجي ٻولي ۽ ڀاشا کي اُتي پيار ڪندا هئا. جتي گذريل سال مڌ پرديش جي دوري وقت ٿيون وشواس ۽ جھجھو اُتساھ مليوسين. هن ڀاڱي ديوناگري لپيءَ جو ته نالو نشان به ڪونه هو ۽ اڪو ڪو گھراڻي ڀاشا سنڌيءَ کي ڳرڪائي ويٺي هئي، جيڪا حالت مڌ پرديش ۾ هئي، جتي هندي، نه صرف سنڌيءَ کي ڳرڪائي ويٺي هئي، بلڪ سنڌي گھرن ۾ به گھسي آئي هئي. حقيقت اها آهي ته شھري ماڻھو ٿي جلدي پنھنجن ٻارن کي ڪوھڻ ۽ اصليت کي وسارڻ جي پراسيس ۾ ڏاڍا جلد باز آهن. اھو نه

جي آزاديءَ جو سوال.“ اٽڪل درجن کن ٻيهر ٻـڙهيا ويا ۽ ڪليل ٻٽ ٿيو. سيمينار کان مٿائون ٿي، ڪرشن ڪـٽواڻيءَ ٻئي سال جي ليکڪ سيمينار لاءِ الور لاءِ دعوت ڏني.

هن سال ۾ سنڌين سان ڏيٺ ويٺ ڪرڻ لاءِ دؤري جو پروگـرام رکيو ويو ۽ سؤراشٽرا ڏانهن نڪتاسون. ٻـوٽي هرالنداڻي ۾ مــون سان گڏ هئي. هوءَ زوردار عورت آهي. ساڻي مردن سان حجاب-هيڪ ڪرڻ سندس سڀاءَ ۾ ئي آهي. مردن ۾ مرد آهي. ڪيترن هنڌن تي دؤرا ڪنـدي، جڏهين اسين سنڌي گهرن ۾ روٽي کائڻ يا رهڻ لاءِ ترسنـدا هئاسون ته اڪثر گهرن جون سنڌي استريون ڪانئس حال احوال وٺندي ۽ اهو ڄاڻندي ته هوءَ ڪنواري آهـي ۽ ڪنهن ڌاريان مردن سان شهرن جا گشت ڪري رهي آهي، حيرت ۾ پئجي وينديون هيون. اڻاوليون ٿي پڇنديون هيس ته ”ڇـوڪري ڊپ ڪونه ٿو ٿئي؟“ ته هوءَ کين سمجهائيندي هئي ته اسين پـاڻ ۾ ساڻي آهيون ۽ سنڌي جاتيءَ لاءِ راس ڏيهن پيا وهڻ ولـوڙيون.... اسان جو پاڻ ۾ وشواس آهي ۽ ڪلنڌي ساڏاڻ مائن ڪي انهن ۾ چوندي هئي- ”ڪوٺي مرد مون ۾ ٻوي اظر وجهي ته اکيون ڪڍي ڇڏيانس ۽ جي اڃا ۾ قدم اڳتي وڌائي ته آنڊا ڪڍي ڇڏيانس.“ ويچاريون سادڙيون مائــون اکيون ڦاڙي کيس ڏسنديون هيون. شايد دل ۾ ائين چونديون هجن- ”مائي آهي يا راڪاس!“

گشت دؤران اسان چـــگا شهر ڦرياسون- گانڌيڌام سان شروعات ڪئي سين، جتان شري مهيرام سنڌاڻي ٻڻ اسان سان شامل ٿيو. ان مان ني ٿياسون. راجڪوٽ پهتاسون. شاستري نگر شرڻارٿي ڪئمپ جي ڪم ڪندڙن سان ملياسون ۽ راس جو لال سائين مندر اڳيان ڪٺي ميدان ۾ عام سنڌين سان مخاطب

ٿي چڪو هو ته، "اي. جي. اُلم هجاءِ اگر تون جنرل سيڪريٽري پد لاءِ لڙندين ته اسين تنهنجي مخالفت اصل نه ڪنداسون". ڪيترن وقتن لئي ڪيتري نه ٽڪراءَ وقت هو مون سان تمام سهڻي ڳالهه-ٻولهه ۾ هوندو هو جڏهن ٻاري ۽ مون کي اشارا اپوائنٽ ڏيندا آهن. مون کي خاطري هئي ته موهن ڪلپنا وٽ شڪتي ۽ سوچ جو ڀنڊار هو ۽ جي ان کي پورو ۽ صحيح ڏيڻ ملي وڃي ته ان مان گهڻا ٿي ڪارائتا نتيجا نڪري سگهن ٿا.

موهن ڪلپنا جنرل سيڪريٽري چونڊيو ته مڙس پوڙهو ۽ اڇي وارو. پهرئين ٿي مون کي چيائين: ڪيرس ڏس! ايندڙ سمهڻ اسين سنڌ جي **نيرڪ آسڻان** (سنڌ واسڪر) ۾ ڪنداسون. اهو سمهڻ اهڙو ڪري ڏيکاريندوسانءِ جو تاريخ ۾ ياد رهندو. مون کي رکو تنهنجو ساٿ کپي. منهنجي من ۾ شڪا هئي، پر مون ان کي اُپرٽ نه ڏنو. جڏهن جو سنڌس دل ۾ اُتساهه جو سمنڊ ڇوليون ماري رهيو هو، مان ان کي ٽوڙ جي ڪوشش ڇو ڪريان؟ هو **سنڌونگر** کي ايترو پيار ڪندو هو، جيترو **سنڌ** کي. تنهن ڪري سنڌواسڪر جو سمهڻ سنڌس ڪلپنا ۾ وڏو آڪار پائي چڪو هو.

اِهين الائي ڇو آهي، ڇا ڪنهن رڳا سان آهي، يا اهو محض اتفاق آهي. پر اِهين به نه ٿي سگهي، تو نه اها هندو ڏاند ڪٿائن جي ڏين ۽ پرمپرا پٺاندڙ آهي. اسرهماڻ، وشنو ۽ مهيش جي تمورتي هندو ڌرم ۽ فلسفي جو هڪ بنيادي سڌانت آهي ۽ اها پرمپرا اساڻي جيون سان ايڏي جڙيل ۽ جڙيل آهي، جو اهو تمورتي جو آڪار پنهنجين ترالين حالتن ۽ ڪارڻن موجب خود بخود اُڀري ٿو اچي. ڪيترائون تمورتيون الڳ مقامن تا ڪيترن ۾ ٿي ۽ ٿيڪي ٿيون اچن. سنڌي ساهتڪ

سماجڪ بدل سدل جي هڪ پرسچو ترتيب آهي، جنهن جو وڏيڪ وستار ڪرڻ جي هت گنجائش نه آهي. صرف هڪڙي ڳالهه چوڻ جهڙي آهي ته جيڪا قوم/ جاتي پاڻ طرف سجاڳ آهي ۽ پنهنجي شاهوڪار ورثي ۽ روايتن سان جڙيل آهي، سا پنهنجن پاڙن کي سولو ڪونه کسڪڻ ڏيندي آهي. هـن باري ۾ ڪنهن ٻئي وقت سوچينداسون.

مان جيون جي ٻئي ڪنهن پهلوءَ ڏي اوهان سان ڏوبدو ٿيان، ان کان اڳ، هڪ خاص ساهت سمپلن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. ١٩٧٦ ۾ آديپور سمپلن وقت موهن ڪلپنا، جنهن جا اسان ترقي پسند سنڌي اديبن جي ٽوليءَ سان، جيڪي نه سخت متڀيد هئا، سي سڀ وساري پيا مڙئي، هـو سڀا کي انترو انردبڪ اچي ويو هو جو نه صرف ڪاروباري ڪاميٽي ۾ اچڻ لاءِ راضي ٿي ويو، بلڪ اچا به اڳتي وڌي هـو سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ جـون جوابداريون سنڀال ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويو. منهنجن ڪن ويجهن ساٿين کي اهڙي آس ٿي دل ۾ شنڪائون پيدا ٿيون. پر مون هنن کي خاطري ڏياري، آئت ڏنو ته اهڙي ڪابه ڳالهه نه ٿيندي. مون وٽ ان وشواس لاءِ ٻه مضبوط ڪارڻ هئا. هڪڙو اهـو هو جو موهن ڪـلپنا سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي جاتيءَ جـو سچو شيدائي هو. هن جي سنڌيت سان ڪمٽمينٽ اهڙي ئـي مضبوط هئي، جهڙي ڪنهن سنڌي-پرست جي ٿي سگهي ٿي. هن جا اسان مـان ڪن سان انفرادي سطح تي ويچارن جا متڀيد يا تڪرار هئا، جيڪي وقت پائي، اُها چٽائي وڃائي ويٺا هئا. ٻـئي طرف موهن ڪلپنا جـو مون سان تال-ميل بلڪل سٺي ۾ سٺو هو. اوهان کي ياد هوندو ته اسان سان سخت ۾ سخت مخالفت وارن ڏينهن ۾ به هن ڀوپال سمپلن وقت مون کي خانگي طور اچين

ويو هو، سو ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي صرف ڪي چند ديوالاڳري پرست پنهنجي هٺ ڌرمي وچان اڃا ۽ هوڏ تان نٿا لهن. ان سان انهن ۽ پنهنجي شڪتي وڃائڻ جو هاڻي انهن کي شوق به آهي. اسان پنهنجي سنڌي لپي جي طرفداريءَ تي قائم آهيون. ان کان هٽڻ وارا نه آهيون.

سچو ثابت ٿي ويو. سنڌي ويچارن جي حاضر معزز شخص هڪراءِ سميلن ڪوٺائڻ ۽ ان کي دلي سهڪار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪن کي چوندو ٻڌو ويو ته: ڪيترن ڀاڀاڻي جادوگري ڪري، سنڌي لپي هٿ ڦيرائي، فيصلو ڪرائي ورتو آهي، پر هو پنهنجي ڏاڍ وچن تي قائم ڪونه رهندو. اهڙا الزام به انهن شخصن ٻئي ڦهلايا، جن سميلن کي ناڪام ڪرڻ لاءِ لپيءَ جي سوال کي ٽپائي آندو هو. سندن اصلي مراد سميلن کي ڪنهن نه طريقي سان ناڪام ڪرڻ جي هئي. پر آخر تائين ان مراد ۾ ڪامياب نه ويا. منهنجي هن قسم جي ويچار تي اڻڦيرپسند نموني جو هڪ يار، اڃا غصي ٿي ويو. سندس سمجهه ۾ مون سڀا جي اصولن سان سمجهوتيبازي ڪئي آهي، انهن ڪري سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ تان استعيفا ڏياري موڪليائين. پڻ هڪ ان ميمبرن کي پڻ اڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ويو ڪجهه نه. هي صاحب وڏهن سالن کان سڀا سان ان ڳالهه تي ڏمريو ڦري ۽ گهڻو ڪجهه غيرواجبي ۽ اڻ سهائيندو چوندو ۽ لکندو رهي رهي ٿو. مٿين نموني کانسواءِ ملڪ جي ٻين مکيه هستين به زوردار حصو ورتو، جن ۾ خاص هستيون هيون: پرسرام ڪالاڻي، اسوالنداس خواچندائي، ديچند ڪالاڻي، ڪشن دواڻي ۽ نوجوان اديبن مان ڪشور ڀوجا ۽ ٽيڪچند مست. ڊيليگيٽن جي حاضريءَ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو. پنج هزار ڊيليگيٽ اچي پهتا. سڀ اسڪول ڪاليج ڌرمشالائون ٽمٽار ٿي ويا. پر ڪٿي به رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست اڻٺو ڪونه.

ڪيترن ئي پڻ الڳ الڳ دؤرن ۾ اهي تصورتون وجود ۾ آيون آهن. مان انهن کي شمارڻ ڪونه ويٺو آهيان. رڳو هڪ طرف ڏيکارڻ ٿو چاهيان ته جنهن وقت جي مان ڳالهه ويٺو ڪريان، تنهن وقت ۾ سنڌونگر جي ساهتڪ کيتر ۾ به هڪڙي جهڙي تصورتي اڀري اچي چڪي هئي- سلامتراءِ ٻرسواڻي، موهن ڪلپنا ۽ ارجن سڪايل، جيڪا پڇاڙيءَ تائين قائم رهي. پهرين هنن ٽن ٻارن گڏجي چوڏهين سميلن جو خاڪو تيار ڪيو ۽ ڪن ٻين دوستن کي پڻ پاڻ سان شامل ڪيو. سميلن جي سوڀ لاءِ هنن هڪ وڏو ميڙ سڏايو، جنهن ۾ سنڌي ڌرين ۽ گروهن جي مکيه ماڻهن کي دعوت ڏيئي گهرايو ته جئن سنڌي جو سهڪار حاصل ڪري سگهجي. اُن ميڙ ۾ مون کي ۽ مالهيءَ کي به سڏ ٿيو. ميڙ ۾ پهرين ڪجهه ترشي بحثا ٿي. ڪجهن حجت اٿاري ته لپيءَ جي سوال تي تڪرار پيدا ٿيندو، جنهن ڪري اسان جي شهر جي شانت واتاورڻ ۾ ڏڦيڙ پئجي ويندو. مون کان ان باري ۾ صفائيءَ جي گهر ڪيائون. مون کين ٺهڏل سان سمجهايو ته اسين واتاورڻ کي بگاڙڻ يا سنڌين ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ لاءِ سميلن ڪونه ڪوٺائي رهيا آهيون. سميلن جي مراد آهي ته سنڌين ۾ ايڪتا اچي ۽ اسين پنهنجن اصلي مسئلن تي يڪمشت ٿي، گهرون سرڪار اڳيان رکون. مون چيو، "مان توهان کي وشواس ٿو ڏياريان ته ڪوبه تڪراري مسئلو اسين سميلن اڳيان نه آڻينداسون، جنهن مان واتاورڻ ۾ ترشي اچي." لپيءَ جي سوال تي پڻ مون پنهنجي ويچار کي صاف چٽو ڪندي چيو ته سنڌي لپيءَ جي سوڀ ٿي چڪي آهي، سرڪاري سطح تي، تعليمي سطح تي، ساهتڪ سطح تي سنڌي لپي تسليم ٿي چڪي آهي. سنڌي ڀاشا جي لپي بدلائڻ وارو جيڪو نعرو گمراهه ٿيل اڳواڻن طرفان لڳايو

پنڊت جواهر لعل نهرو ۽ روس سان دوستيءَ جو ناتو وڌايو. جواهر لعل نهرو روسي انقلاب جي ڏهين سالگره (١٩٢٧ ع) روسي سرڪار جي دعوت تي جشن ۾ حاضر رهيو هو. ڏاڍو متاثر ٿي آيو هو ۽ ڪافي ڪجهه ساراهه ۾ لکيو ۽ هيائين. پر جڏهين ڪوي رابندر ناٿ ٽئگور روس جي دوري تان ٿي موٽيو ته انهي ساراهه ڪيائين جو سڀ ڀارتي باشندا ائين تهڙي ٿي حيران ٿي ويا ۽ روسي لوڪن سان ڀارتي جنتا جي ڏاڍي سهڻولي ٿي وئي ۽ دوستيءَ جو هٿ اڳيان وڌي ڏکيو ٿيو. سوويت يونين کليءَ دل سان ڀارت جي اڏاوت ۽ آرٿڪ ترقيءَ ۾ لوڙي ڀارت جي پڇاڙي سلامتيءَ لاءِ دل کولي مدد ڪئي، جيڪو گذريل تاريخ جو هڪ اهم باب آهي. جڏهين جڏهين اولهه جا شاهوڪاري ملڪ ڀارت خلاف منصوبا سٽيندا هئا يا آرٿڪ ترقيءَ لاءِ گهربل سامگري ڏيڻ کان انڪاري ڪندا هئا يا سياسي دٻاءُ آڻيندا هئا ته سوويت يونين ڀارت کي مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ايندي هئي ۽ اولهه جي ڀارت دشمن کي ڪڏهين ته اک ۽ ڏيکاريندي هئي. ڪشمير جي سوال تي يا پاڪستان سان ١٩٧١ واري لڙائي وقت ڀارت کي سوويت يونين وٽان ڪيتري اخلاقي مدد ملي، سو هر ڀارتي ڄاڻي ٿو.

انترراشٽري سطح تي پڻ هڪ حقيقت ته اُڀري رهي هئي، جنهن کان ته سڄي دنيا جي خلق پليءَ پٽ واقف آهي. اها حقيقت هئي ته سوويت يونين جو وجود، اولهه جي سرمائيداري ملڪن لاءِ چالنيءَ ۾ ڪنڊي برابر هو. هنن روس جي آڪٽوبر (مزدور) انقلاب کي ڪڏهين ته قبول ڪونه ڪيو هو. هنن منڍ کان وٺي سوويت راڄ سان دشمني ۽ ناڪاري ڪرڻ جو هنڌار لاڳو رکيو هو ۽ روس جي

ٿي ٿي دعا چاوڙن جون ڳالهيون ٿي لکندا.

ڇوڏهين سيٽن جو مهورت اُن وقت جي مهاراشٽرا سرڪار جي وزير شري هشو آڏواڻي ڪيو. صدارت جو شرف مونکي مليو. صدارت کانپوءِ جنهنکو ڪلچرل پروگرام پيش ٿيو، تنهن ۾ بمبئي ۽ اُلهاس نگر جي مڙني اوچ ڪوٽيءَ جي ڪلاڪارن ڀاڱو ورتو. عام ڪٿ موجب اٽڪل پندرهن هزار سنڌو نگر واسين پروگرام جو رس ورتو ۽ اها روئداد ٽيئي راتيون هلي، بمبئي دور درشن جو ڀلات ٿيئي ڏينهن سنڌو نگر ۾ ڪجهه ڪوڙي اچي ويٺو هو ۽ آخر ۾ اڌ ڪلاڪ جي ٽي. وي رپورٽ تيار ڪري بمبئي دور درشن تان پيش ڪئي ويئي. موهن ڪلپنا جي اها خواهش ته سنڌو نگر جو سيٽن لاءِ ڪائي حيثيت وارو ٿئي، سا مڪمل پوري ٿيس.

مکيه طور مان سنڌيت جي هلچل سان وچن بڌ رهيس. پر منهنجي ڪرم جو ڪيتر صرف سنڌي جاتي جي مسئلن ۽ مشڪلاتن لائين محدود ڪون رهيو. مان انتر راشٽري هلچلن کان به متاثر ٿيس. خاص طور سماجوادي ملڪن سان دوستيءَ جي هلچل ۽ وشو امن هلچل طرف ڪافي ڇڪجي ويس. ڪميونسٽ هئڻ جي ناتي منهنجي دلچسپي سوويت يونين ۽ ٻين سماجوادي ملڪن ۾ سڀاوڪ هئي، روس ۾ سماجوادي انقلاب ڀارت جي ڀڳتان جو خاص ڌيان ڇڪايو هو. شروعاتي دور ۾ ئي ٻال گنگاڌر تلڪ ۽ مهاتما گانڌيءَ روسي ستم زده عوام سان ڏاڍي همدردي ڏيکاري هئي ۽ جڏهين مظلوم روسي جنتا زار شاهيءَ جو تخت اُلٽو ڪري عوامي سوويت (پنچايتي) راڄ قائم ڪيو ته هنن ليڊرن اُن جي گرمجوشيءَ سان خوش آمديد ڪئي. جڏهين ڀارت ۱۹۴۷ ۾ آزاد ٿيو ته ڀارت جي پهرين پرڌان منتري

ڪنهن کي نهاري. هندستان ۽ دوستي جو پيچ مضبوط آهي، ۽ ٻنهي ملڪن ۾ نازي سياسي سنگت ڪارڻ اها مضبوطي ۽ رعب ان ۾ رهيو آهي. ڪنهن وقت جڏهين سوويت يونين جو دنيا ڀر ۾ دٻدٻو ۽ وقار هو ته روسي سرڪار ڀارت جي دوستيءَ کي ڀرپور مضبوطي ڏيڻ لاءِ پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي نالي ۾ هڪ انعامي سلسلو شروع ڪيو هيو جنهن کي **جواهر لعل نهرو سوويت لئنڊ اوارڊ** جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اهو انعام ڀارتي ڀاشائن جي سٺي لکڻين لاءِ ڏنل هو. جنهن ۾ ساهتڪ ڪتاب ۽ اخبارن ۾ ڇپيل ليک به انعامي انعام ۾ اچي ويا. لکڻين ۾ ان اُڌيشن جو خيال رکيو ويندو هو - هڪڙو، ٻنهي ملڪن ۾ دوستي وڌائڻ، ٻيو وشو امن جي ڀاونا کي زور وٺائڻ. انهيءَ ٻنهي مراد جي بنياد تي لکيتن کي پرکيو ويندو هو ۽ هر ڀارتي ٻوليءَ ۾ ٻهراون ۽ ٻيو نمبر انعام ڏنو ويندو هو. ٻهراون انعام کٽيندڙ کي نقدي رقم سان گڏ سونو ٻلو ۽ قدرشناسي جو سرٽيفڪيٽ تنهن ڪانسواءِ پندرهن ڏينهن لاءِ سوويت يونين جو سوويت سرڪار جي خرچ تي دورو به ڪرايو ويندو هو. اهڙي انعام جي چاهنا وچان مون وشو شانتيءَ جي سوال تي، **امن جي اُفق ڏانهن** نهاري سان هڪڙو ڪتاب ١٩٧٨ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جيڪو سفارش ڪاميٽي کي پسند پيو ۽ ان جي ڪنوينر شري خواجا احمد عباس سفارش ڪري موڪليو ته پر آل انڊيا سفارش ڪاميٽيءَ، ان سال ڪنهن ٻئي اهم شخص کي ڪنهن زوراور هيٺ اهو انعام ڏيارايو ۽ مون کي ٻئي وقت ٽرخائڻ لاءِ چيو ويو.

مان اداس ٿيس ۽ ٻيو جهٽڪو به آهر نه زوردار ڪان وڏي حيثيت وارا ماڻهو به ڇٽل ڪونه آهن، مان جڏهين عباس صاحب

خلاف خوب ڀاڱيون پائي ڪيون. هن ڳالهه کان اُمن پسند دنيا جا ملڪ ۽ سماجواد جا شيدائي بلڪل جاڳرت هئا، تنهن ڪري سوويت يونين کي ڪارين شڪتين جي حملي کان بچاءَ ڪرڻ ۽ سندس حق ۾ آواز بلند ڪرڻ لاءِ دوستاڻيون سنسٿائون کڙيون ڪيون ويئون. شروعات ۾ ڀارت ۾ ڪن ٻڌيمانن فرينڊس آف سوويت يونين اُسريا ڪئي، جنهن جو ٻئو مقصد هو: (١) سوويت يونين جي باري ۾ ڀارتواسين کي صحيح ڄاڻ ڏيڻ ۽ ڪوڙي پرچار کي رد ڪرڻ (٢) ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دوستاڻا ناتا وڌائڻ، سنسڪرتڪ ڏي وٺ ڪرڻ ۽ ڀرسپر لاڀ لاءِ دائما دوستيءَ کي مضبوط ڪرڻ. اڳتي هلي، اها فرينڊس يونين، ڪلچرل سوسائٽيءَ جي نالي ۾ بدلي ۽ اُنجو نالو انڊو سوويت ڪلچرل سوسائٽي رکيو ويو. هن سوسائٽي ۾ مون سالن جا سال تمام سرگرم ڀاڱو ادا ڪيو. سنميلنن ۾ توڙي ٻئي طرح ملڪن جي ميڙن ۾ ڀارت ۽ سوويت يونين سان واسطو رکندڙ سوالن ۽ مسئلن توڙي ٻنهي ملڪن جي سنسڪرتڪ رشتن تي ڪافي وشين تي تيار ڪيل مقالا پڙهندو هوس. هن ڪلچرل سوسائٽي جي ممبئي شاخ جو مان وائيس- پرڌان چونڊيو ويو هوس، جنهن مشهور اخبار نويس آر. ڪي. ڪرنجيا بلٽز جو سمپادڪ پرڌان هوندو هو. خواجا احمد عباس، سردار جعفري، اي. ڪي. هنگل ۽ ٻيا پرسڌ ٻڌيمان ڪلچرل سوسائٽي سان جڙيل هوندا هئا.

سوويت يونين ڀارت جي جنتا ۽ نيتائن کي ڏاڍي وڏي عزت ۽ محبت سان ڏسندي هئي. ڀارت سان دوستيءَ کي هو وڏي اهميت ڏيندا هئا. جيستائين سوويت يونين ٽڪي ٿي هئي، ٻنهي ملڪن جون گڏيل ڪوششون دنيا جي سلامتيءَ لاءِ ٿيل هيون. مجال آهي ڪنهن ملڪ کي جو ميري اک سان

ڪرانب ڪري ڏيکاريو، سو دنيا جي اتهاس ۾ هڪ حيرت انگيز ڪارنامو هو، جنهن دنيا جي تاريخ کي نئين موڙ ڏانهن چاڙهيو. لينن کان ڪيترن ئي انقلاب پرستن دنيا جي بيوس ۽ مظلوم انسان جي قسمت جو چڪر بدلائڻ جا خواب لڌا هئا، ان کي لينن ئي ساڪار بڻايو ۽ ڪنهن وقت ڌرتيءَ جي ڇهين ڀڱيءَ تي محنتڪشن جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ سوويت راڄ جي سربراهه سرڪردي جي حيثيت ۾ پهرين پهلڪ پڌرائيءَ ۾ غلام قومن جي آزادي، هن ڌرتيءَ تي امن ۽ وشو جي هر پراڻي لاءِ آزادي، برابري ۽ انصاف جي حق جو اعلان ڪيو.

لينن منهنجي لاءِ هڪ اعليٰ آدرشي شخص رهيو آهي ۽ اهو اتفاق ئي چئجي، جو منهنجي چهري جي ڪجهه ڪجهه مشابهت لينن جي مهانڊي سان آهي، ايتري حد تائين جو جڏهن پهريون دفعو مان روس ويو هوس ته ماسڪو ايئرپورٽ تي ويزا - پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ وارا آفيسر ئي منجهي پيا هئا، ۽ ان جو ذڪر مان اڳتي هلي پوري جڳهه تي ڪندس. لينن جو جيون منهنجي لاءِ ته اهڙي عبرتناڪ ۽ چمتڪاري قصو آهي، جو آءٌ خود مان سندس طرف موهجي ويو هوس. مون هڪڙو ننڍڙو پستڪ انڪل سؤ صفحا - "**لينن، دنيا جي عظيم انقلابي شخصيت**" نالي سان لکي تيار ڪيو، جيڪو مارڪسي پبليڪيشن (احمدآباد) ١٩٨٠ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. مون ان ئي سال اهو پستڪ **سوويت لئنڊ نهرو اوارڊ** لاءِ پيش ڪيو ۽ مون کي سنڌي ڀاشا ۾ پهريون نمبر انعام مليو، جنهن ۾ پنج هزار روڪ، هڪ سند، قدرشناسيءَ جو سرٽيفڪيٽ، سونو ٻلو ۽ روس ۾ ٻن هفتن لاءِ گشت ڪرڻ جي دعوت نامو موڪلي وئي. سڀني ٻولين جي ڪتابن کي دهليءَ ۾ سڏايل خاص انعامي جلسي ۾ پنڊت جواهرلعل نهروءَ جي جنم ڏينهن

ساڻ مليس ته هن مون کي پنهنجيءَ ڪان واقف ڪيو، پر همٿ ڏني ته "اوهان ڪوشش ڪري هيءُ ڪتاب لکو، مان وري به انهيءَ جو نالو سفارش ڪندس، جو مان لوکي شخصي طور ڄاڻان ٿو ته توهان ان انعام جا حقدار آهيو جو اوهان جي ليکڪ ۽ ڪيترو نه زوردار رول ادا ڪري رهيو آهين." اُن وقت مان امن جي هلچل ۾ به ڏاڍو اڳرو هوس. پارٽيءَ ۾ اُن هلچل هلائڻ واري جيڪا سنسٿا- آل انڊيا پيس اينڊ سالڊيرٽي آرگنائيزيشن هئي، انهن جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو پڻ نائب صدر هوس ۽ مسٽر ٽي. گوديوالا پرڪ ڪميونسٽ وڪيل ان جو پرڌان هو، جنهن منهنجي پستڪ- امن جي اوڙڪ لاءِ زوردار مهاڳ به لکيو هو. ٻئي طرف هن کي اِها ڄاڻ هئي ته سوويت دوستي ڪلچرل سوسائٽيءَ ۾ پڻ ڏاڍو سرگرم ڪارڪن هوس. مون همت ڪانه هاري. مون کي پنهنجي ذهن هزارن جي انعام جي اون ڪانه هئي، پر سماجواد جو شيدائي هئڻ ڪري اُن ملڪ کي ڏسڻ ٿي چاهيم، جيڪو ان وقت اسان جي خوابن جو مرڪز هو ۽ اسان لاءِ ڌرتيءَ تي سرڳ سمان هو. پوءِ ته اهو سرڳ جو سپنو ٽٽي پيو. پر اِها پوءِ جي ڳالهه آهي، جنهن بابت مان انهن صفحن ۾ پنهنجو رد-عمل ضرور ڏيندس.

مون پنهنجو هيءُ ڪتاب دنيا جي عظيم انقلابي شخص لينن لاءِ تيار ڪيو. لينن جو پورو نالو ولاديمير ايليچ اليانوف هو. زار شاهيءَ جي ڏمر هيٺ جنهن وقت سائبيريا جي ارڏاني ٻٽن ۾ سزا ڪاٽي رهيو هئو، جتي هن پنهنجو گهڻو وقت لينا نديءَ جي ڪناري گهاريو هو، جنهن تان پنهنجو لڪل نالو لينن رکيائين. هن روسي انقلاب جو جيڪو

موت (١٩٢٤) کانپوءِ انقلاب جون واڳون ۽ سرڪاري ڪاروبار جون ذميداريون غلط ليڊرشپ جي هٿ ۾ اچي ويون، جن اندرين لوڙي ٻاهرين نيتيءَ ۾ ملڪ پٺون ڪري ورتو، جنهن مطابق هڪ طرف آمريڪا سان جنگي هٿيار ٺاهڻ جي شرط ۾ کڙالو لڳيندا ويا ۽ ٻئي طرف ٻين ملڪن سان نه دوستي ۽ ڌاڙڻ ۽ شان برقرار رکڻ لاءِ ويا ٻين ملڪن کي اڻميو پيسو ۽ مال ڏيندا ۽ هوڏاهن سندن پنهنجي جنتا جو ڪو نه خيال ڪين ڪيائون، بلڪ انهن کي هڪ طرف سکو پڪو کائڻ لاءِ مجبور ڪيائون ته ٻئي طرف دک سور جو اظهار ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ هنن جو منهن بند ڪري رکيائون ۽ مخالفت ڏانهن بدسختيءَ جو رخ اختيار ڪيائون. آخر ٻنهي محاذن تي ناڪامياب ويا ۽ سرشتو ٽٽي پيو. اڄ به روس ۾ سماجوادين جو ڌوڙا (روسي پارليامينٽ) ۾ ڪافي زور آهي، پر سماجوادي سرشتي ۽ ويچار ڌارا کي ڪافي ڌڪ لڳو آهي. ٻيا موجوده سماجوادي ملڪ رشيا جي ناڪاميابيءَ مان سبق سکي، پنهنجن ملڪن ۾ ساڳئي قسم جي غلطين جو جائزو وٺي، انهن حالتن هيٺ خود سماجواد جي ڪچاين ڦڪاين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. منهنجو اڃا به دلي وشواس آهي ته بهتر ۽ خوش، امن ۽ نياءَ ڀري سماج لاءِ موڙيدار جو فلسفو نه، پر سماجواد جو فلسفو مفيد ثابت ٿيندو، صرف عمل جي محاذ تي بلڪل خبردار رهڻو پوندو ۽ اختياريءَ جي غلط ۽ غيرواجب استعمال خلاف اکيرون / هدايتون چٽيون ڪيل هجن.

جلد ئي وري ٻيو دفعو مون کي رشيا ڏسڻ جو وجهه مليو. مون اڳواٽ ئي ذڪر ڪيو آهي ته مان وشو امن هلچل

تي ١٤ نومبر ١٩٨٠ تي ڀارت سرڪار جي ان وقت جي مالي وزير مسٽر آر. وينڪٽرامن، جو پوءِ ڀارت جو راشٽرپتي ٿيو، جي هٿان انعام ڏياريو ويو.

سماجواد جو سنڌر سپنو جيڪو مون ١٩٤٢ کان وٺي، هڪ اعليٰ آدرش جي صورت ۾ دل ۾ سمائي ۽ سنڀالي رکيو هو ۽ جنهن جو سڄو روپ مان پنهنجين اکين سان وڃي ڏسي آيو هوس سو جڏهن ١٩٨٩ ۾ ڊهي پيو ته ڏاڍو ڏک آيو. جڻ هڪ سنڌر آدرش چڪناچور ٿي ويو. ساري ترقي پسند دنيا پريشان ٿي، پر اولهه جي پونجيواد دنيا ۾ جشن ٿيا ۽ فتوائون صادر ٿيون ته سماجواد جو فلسفو ناڪامياب ويو ۽ هاڻي دفنائجي ويندو. پر اها سماجواد - ورودي شڪتين/ملڪن جي ناسمجهي هئي، جيڪا پوءِ جي گذريل ستن - اٺن سالن ۾ صاف چٽي ٿي پئي آهي. سماجواد سماج جو تجربو هڪ ملڪ (روس) ۾ برابر شڪست کائي چڪو آهي، پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته سماجواد جي فلسفي سان ڪا بنيادي خرابي يا وڏن آهي. اها صرف انسان جي انفرادي عمل جي ناڪاميابي آهي. تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا مثال آهن، جتي پيغمبرن ويچارن ۽ اهڪ مرادن کي عمل جي اڏيءَ تي انسان پوريءَ طرح ناڪامياب ٿيو آهي. ڪارڻ اُن جا انيڪ رهيا آهن - ڪڏهن سندن ناسمجهيءَ ڪري، ڪڏهن سندن آپي جي سوارٿ ڪري، ته ڪڏهن وري غلط فيصلن ڪري. سوويت روس ۾ سماجواد جو تجربو مٿين سڀني ڪري ٿي مار کائي ويو. هڪ ته تجربو اهڙي وڏي پيماني تي هو، جهڙو اڳ ڪڏهن انساني تاريخ ۾ نه ٿيو هو، ٻيو ته هيءُ تجربو سماج جي اندر بنيادي تبديل آڻڻ ۽ هزارن سالن جي سڙيل سماج جي ڪايا ڪلپ ڪرڻ لاءِ هو، جا ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. ٽين ڳالهه ته انهن جي

پڙهائون ٿيون ۽ ان لاءِ ورلڊ پيس ڪائونسل، دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي. هر سال ڪنهن نه ڪنهن يورپ جي ملڪ ۾ ورلڊ پيس ڪائونسل جي انٽرنيشنل ڪانفرنس سڏائي ويندي هئي، جتي شانتي قائم ڪرڻ لاءِ دنيا ڀر جا مفڪر، سائنسدان، ڪلاڪار، ودوان، ڪن ملڪن جا انٽرنيشنل سنستائن جا عيوضي گڏجي دنيا جي شانتي کي قائم ڪرڻ لاءِ پورن ڪندا هئا ۽ جدوجهد هلائڻ لاءِ گڏيل پروگرام ٺاهيندا هئا.

١٩٨٣ ۾ ماسڪو ۾ اهڙي هڪ دنيا جي امن ڪانفرنس ۾ ڊيليگيٽ طور شامل ٿيڻ جو وجهه مليو. ان وقت مان ممبئي ۾ هلندڙ امن تحريڪ جي سنستا جو وائيس پريزيڊنٽ هوس. ڪانفرنس جو نالو **دنيا جي امن پسندن جي اسيمبلي** هو. مون کي نه اندازو به ڪونه هو ته ان ۾ ڪيترا ڊيليگيٽ شريڪ ٿيندا. ممبئيءَ مان جملي پنج ڊيليگيٽ هئاسون. ڪانفرنس سماجوادي ملڪ چيڪوسلواڪيا جي گاديءَ جي هنڌ **پراگ** ۾ رکيل هئي. جڏهن اسين دهليءَ ۾ پهتاسون، جتي ڀارت جا سڀ ڊيليگيٽ گڏ ٿي **پراگ** ڏانهن روانا ٿيڻا هئاسون ته اسان جي ڊيليگيشن جو ڪل انداز ٻه سؤ هو. انهن ۾ سنڌي، مان هڪ ئي هوس. جڏهن اسين پراگ پهتاسون ته جملي انداز، ٽي هزار ڊيليگيٽ پڙاءُ ويو. جيڪي هڪ سؤ ٽن ملڪن مان آيل هئا. آمريڪا جي ڊيليگيشن کي ڇڏي، ڀارت جي ڊيليگيشن تعداد ۾ ٻيو نمبر هئي ۽ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي ته جنگباز جي ملڪ ۾ پڻ شانتيءَ لاءِ تمام گهڻو چاهه آهي.

ڊيليگيشن کي پراگ جي وڏي شاهي هوٽل ۾ رهايو ويو. هر هڪ ڊيليگيٽ کي الڳ ايئرڪنڊيشن ڪمرو مليو.

۾ ڏاڍو اڳرو هوس. اِن وشيه تي هڪڙو ڪتاب به لکيو هوم. ڪنهن وقت وشو امن هلچل ڏاڍي زوردار تحريڪ هئي، جڏهن دنيا مٿان جنگ جا ڪارا بادل ڇانيل هئا ۽ انسان ذات آئٽم بم ۽ هائيڊروجن بم جي ڊر جي ڇانوَ ۾ گهٽڻ محسوس ڪري رهي هئي. ٻنهي طرفن کان- سوويت بلاڪ، نيٽو اولهه جي سرمائيدار ملڪن جو بلاڪ، هڪ ٻئي جي دوبدو ائٽمي هٿيارن جا انبار جمع ڪري رهيا هئا. ڪنهن وقت انهن هٿيارن جا ذخيرا ايڏا وڏا هئا جو وگيانين جي ڪٿ موجب انهن سان هن دنيا کي ٻارهن دفعا ناس ڪري سگهجي ٿو. هڪ ائٽم بم جي شڪتي ايتري هئي، جو بمبئي جهڙي شهر کي ٻن بمن سان رک جو ڍير بڻائي سگهجي ٿو. اهڙا بم هر هڪ بلاڪ وٽ، اٺن کان ڏهن هزارن تائين، گدامن ۾ موجود هئا. مسائيلون جيڪي اهو بم کڻي وار ڪري سگهن، سي به هزارن ۾ هيون ۽ انهن جو نشان پنج هزار ڪلوميٽر دوريءَ تي ٿي سگهيو ٿي. دنيا جي گولي تي ڪو به شهر ڪنهن مهل به تباهه ٿي سگهيو ٿي. دنيا جڳ تباهيءَ جي چوٽي تي وڃي هئي. ڪڏهن به ڪا چڻنگ لڳي ته هيءَ سهڻي ڌرتي تباهه ٿي سگهي ٿي ۽ انسان جي هزارين سالن جي لاٿ سان پاليل انساني تهذيب به ختم ٿي سگهي ٿي. ائٽم لڙائي ڪانپوءِ انسان ذات هزارين سالن تائين وري جهنگلي حيثيت / حالت ۾ رهڻ لاءِ مجبور ٿئي ها.

اهڙي سمي انسان جو وويڪ جاڳي اٿيو. سڄي سنسار ۾ اهڙن خطرناڪ خبرن ۽ حقيقتن واويلا ۽ هاهاڪار مچائي ڇڏي. سڀ سڄاڻ شخص ۽ ملڪ خطري کان ساوڌان ٿيا ۽ اهڙن هٿيارن جي پيدائش خلاف آواز اٿاريو. سڄي ملڪن ۾ وشو شانتيءَ لاءِ مچڙ، ميٽنگون، جلوس، جلسا، ڌرڻا ۽

هو صاحب اندر گهڙيو. ڊيليگيٽ جيڪي ٽولين ۾ بيٺا هئا، تن سان "هلو هلو" ڪندو، اڳتي وڌندو ويو. جڏهن اسان پارٽي ٽولي وٽان لنگهيو ته اسان هٿ جوڙي نمستي ڪئي. موٽ ۾ هن به ساڳي نموني آدرستڪار ڪيو. ڀارت جو اهو "خوش آمديد" ڪرڻ جو رواج سامراجوادي ملڪن ۾ مشهور ٿي چڪو هو ۽ جتي ڪٿي اسان سان هٿ جوڙي "نمستي" ڪندا هئا.

اٺي ڏينهن لي ميٽنگون شروع ٿيون. مون به پنهنجو نالو ڳالهائڻ لاءِ ڏنو. هر ڪنهن وفد پنهنجي جاءِ تي ڳالهائڻ لاءِ ٽيليفون موجود هو. جڏهن وقت جي سڀاپتيءَ منهنجو نالو پڪاريو ته مون انگريزيءَ ۾ هڪ پرزور تقرير ڪئي، جنهن جو تاثير هن ريت هو: اڄ دنيا ٽن ملڪن ۾ ورهايل آهي. هڪ آهي سلطنتشاهيءَ جو ملڪ جيڪو هٿيار ٺاهڻ ۽ اهي وڪرو ڪري دنيا ۾ جنگي واتاورڻ پيدا ڪرڻ لاءِ آماده آهي. شانتيءَ سان هن جو ڪو پرواهه ڪونهي. ٻيو ملڪ آهي، سامراجوادي ملڪن جو، جيڪي پنهنجي تازي آزادي حاصل ڪرڻ ڪارڻ نؤنرماڻ جي ڪم ۾ رڌل آهن، تن کي نڪو هٿيارن جي ۽ نڪو جنگ جي ضرورت آهي، هو ته امن جا ڪانڪي آهن. ٽيون ملڪ انهن ملڪن جو آهي، جن سامراج کان آزادي هٿ ڪئي آهي ۽ هاڻي گهٽي پاڳي جي طرفدار گٽ ۾ شامل آهن، سي به پنهنجي آرٿڪ اوسر لاءِ امن ٿا چاهين ۽ مٿين ٻن ملڪن جي وڙهه کان الڳ رهڻ ٿا گهرن. دنيا ۾ امن جون شڪتيون، جنگي شڪتين کان وڌيڪ مضبوط آهن. اگر سامراجوادي جنگ جو نارو اُٿاريندا ته دنيا جي عوام کين اهڙي نموني شڪست ڏيندي. عوامي شڪتيءَ اڳيان سڀئي بم، ميزائيلون، ٽئنڪون

کاڌي لاءِ سڀني کي ڪوپن ڏنا ويا هئا، جن کي ڏيکاري هوٽل جي ريسٽورانٽ ۾ ڪنهن به شيءِ جو آرڊر ڏيئي سگهجي ٿو.

ڪانفرنس جملي ستن ڏينهن لاءِ هئي. پهرين ڏينهن تي اسان کي هوٽلن مان بسن رستي پراگ جي هڪ شاهي هال ۾ وٺي هليا، جتي ٽي هزار ڊيليگيٽس ماپي ويا. صدارت يوگوسلاويا جي پريزيڊنٽ ڪيو، جنهن کان پوءِ ٻين ملڪن مان آيل اهم هستين به ڳالهايو ۽ آخر ۾ ورلڊ پيس ڪائونسل جي پرڌان مسٽر روميش چندر ڳالهايو ۽ ڪانفرنس جي پوري پروگرام جي روپ ريکا ڏني. ڪانفرنس کي ڪميشن ۾ ورهائڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ هرڪنهن کي پنهنجي پسنديءَ واري وشيه سان لاڳو ڪميشن ۾ ڀاڱي وٺڻ لاءِ چيو ويو. مون ادب ۽ ليکڪ وشيه واري ڪميشن ۾ نالو ڏنو. ٻئي ڏينهن جي پوئين اڌ ۾ چيڪوسلوواڪيا جي سيٽيٽ ٽولين سندن ارٽيسٽ، سنگيت ۽ لوڪ ڪلا جي سنگم جو هڪ دل آڪرشڪ پروگرام، ڊيليگيٽن جي ونڊر لاءِ پيش ڪيو. چيڪوسلوواڪيا جي پريزيڊنٽ (نالو ياد نه رهيو آهي) وٽان سڀني ڊيليگيٽن کي رات جي کاڌي جي دعوت مليل آهي، جنهن لاءِ دعوتناما اڳواٽ ئي ورهايا ويا آهن. بسين ۾ سڀ ڪاروان چيڪوسلوواڪيا جي پريزيڊنٽ جي محلات تي پهچي ٿو وڃي، جتي سڪيورٽيءَ جي چڪاس کان پوءِ هرڪو محل اندر داخل ٿيندو ٿو وڃي. ٽي هزار ماڻهو محلات ۾ سمائجي ٿا وڃن. کاڌي پيتي جو شاهي بندوبست آهي. سڀڪو پيئڻ ۽ کائڻ ۾ مشغول آهي ۽ ٽوليون ٺاهي هڪٻئي ۾ روح رهاڻ ڪري رهيا آهن جو، اوچتو سس پس ٿئي ٿي ته پريزيڊنٽ ڊيليگيٽن سان آدرستڪار ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي. هزارين اکيون وڃي هال جي مکيه دروازي تي اٽڪي بيٺيون. پر ڪنهن ڏٺائي ها "پوش پوش" جي

ڪانگريس (ايس) جا ليڊر هئا - ڊاڪٽر پدم سنگھ ڀاڙل ۽ دلا هيگهي، جيڪي بعد ۾ شرد پوار جي وزارت ۾ منتري پڻ ٿي پيا، چونڊيا ويا هئا. اسين ٽيئي ڄڻا، ڏاڍي موج مستيءَ ۾، چرچا گهٻا ڪري پيا ٽهڪڙا ڏيندا هئاسون. خاص طور اسانجو ڌيان هوائي هئو هڪ جوڙي ڏي. پنجاب جو اُن سمي جو مکيه وزير پرڪاش سنگھه بادل ۽ سندس پتني ڊيليگيٽ بڻجي آيا هئا. ٻئي اڌن ۾ ٻرال ڏاڍي لوڏ سان چنبڙي ڏکجي اچي اسين ۾ وهندا هئا. دلا ميگهي ڏاڍو مذاقي شخص هئو. سردار ۽ سردارڻي کي ڏسي، ته مٿي آسمان ۾ نهاري چوي: ”بابا جي! بادل اور بجلي آ رهي هئين.... ذرا سنڀلي ۾ گردن جهڪائيئي!“ مان چوانس: ”نامراد! گردن نه ڪاٽ لي تيري.... ڪرپان سي ڪهين ڊرتي؟“ اسين ٽهڪ ڏيندا رهون ۽ ٻيا ڊيليگيٽ پيا وائڙن وانگر اسان کي ڏسن ته هن چڱمڙس جا ڇا ٿيو آهي. ٻئي اهڙا ٻار ٿي ويا، جو زور پيا پرائن ته، جي مان شرد پوار جي ڪانگريس ۾ داخل ٿي وڃان ته الائي ڪٿي پهچي ويندس! هر وقت پيا ٽوڪن ڪٿي ساٿيون رکن ته رڳو هن ڏي لکي ڏي ته تون اسان جي پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ ٿو چاهين؛ باقي ڪم اسين پاڻهي راس ڪنداسون. منهنجو هڪڙو ٿي ٽڪيه ڪلام: ”باز آئي از محبت سي.... راجنيتي منهنجي وس جو روڳ نه آهي....“

ڪانفرنس ڪالهه پراگ شهر جي تاريخي، تهذيبي ۽ قومي آستانن تي پارٽي جي ڊيليگيٽن کي وٺي هليا، جتي ڪيترو ئي ڪجھه ڏسڻ - ٻڌڻ لاءِ مليو، خاص طور ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ نازي فوجن جيڪي برباديون ۽ قهر ڪيا هئا، سي اکين سان ڏسڻ لاءِ مليا. جيڪي محل - ماڙيون، گهٽيون ۽ جهڳيون، ديوليون، سيٽيڪ مرڪز، ميوزم وغيره ناس ڪيا ويا هئا،

۽ جهاز ماٺ ٿي ويندا .... ليڪن هميشه شانتيءَ جو دوست آهي. لڙائيءَ کي هو ڌڪاريندو آهي. انسان ذات جي انصاف، سچ ۽ بهتر جيئڻ جي لاءِ لڙائي جي حق ۾ سندس قلم هن کان وڌيڪ طاقتور آهي.... دنيا جي سڀني ملڪن جي ورڪ پسند ليکڪن لاءِ اڄ آزمائش جو وقت آيو آهي، هو قلم کڻي ٻاهر اچن ۽ ان کان جنگ خلاف تلوار جو ڪم وٺن.

مان پنهنجي تقرير پوري ڪري اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺس مس ته ڪن ملڪن جا اخبار نويس پڇندا مون وٽ پهتا. چي: "توسان ملاقات ڪرڻي آهي." هال جي پاسي ۾ انٽرويو لاءِ الڳ ڪوٺي هئي، تنهن ۾ وڃي ويناسون. ڪئميرائن ۽ ويڊيو ڪئميرائن جي تکي روشنيءَ ۾ سوالن جي بوڇاڙ شروع ٿي وئي. ڪافي دلچسپ ملاقات ٿي. ڪافي سوال جواب ٿيا. هڪ ٻن اخبارن، جن کي مون پنهنجو ڪارڊ ڏنو هو، تن انهن اخبارن جا پرچا به موڪليا، جن ۾ منهنجي ملاقات جو ذڪر ٿيو هو.

پارٽي ڊيليگيشن جي اڳواڻ هئي، شريمتي پورٻين روهيش چندر، ورلڊ پيس ڪائونسل جي پريزيڊنٽ جي ڌرمپتني، جيڪا مون کي نائب اڳواڻ جي حيثيت ڏيندي هئي. پڌري پٽ ته، پر حقيقت ۾ جتي ڳالهائڻو هوندو هو ته پهريان مون کي ڳالهائڻ لاءِ چوندي هئي. سواگتي ميڙن / ميٽنگن ۾ پڻ پارٽي ڊيليگيشن طرفان شڪرگذاري وغيره جي رسمي ڪارروائي لاءِ مون کي ئي هدايت ڪندي هئي. اهڙيون گهڻيون ميٽنگون ٿيون، جتي سنسٿائون پارٽي ڊيليگيشن کي عزت ڏيڻ لاءِ سڏينديون هيون.

پارٽي ڊيليگيشن ۾ هڪڙا ٻه خوش مزاج شخص هئا، جن سان منهنجو ڏاڍو پيار جو سٻنڌ ٻڌجي ويو. اهي شرد پوار جي

وري ڪالهه ئي، ۽ نه ڪڏهن وسرندي، جنهن منهنجي لُڪيءَ ۾ ساهه آهي، جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن، ڪن ادا أهان، آن کي منهنجو شخصي سوداءُ قرار ڏنو آهي. اهڙي سوداءَ تي مون کي فخر آهي ۽ ان ڪان نه وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه ڇا آهي ته ان سوداءَ ۾ مان اڪيلو نه آهيان، پيا به ڪوڙ مون سان همسفر آهن، پوءِ پل جدائي جي ڊگريءَ ۾ ڪٿي فرق هجي. پر منهنجو ايندهن سوڙهن آلا پڪو، پختو ۽ سچو آهي. جي ڪي ڪن وقتن تي مون همت رنو نه آهي، ته پڪ جاڻو ته سندن جي محبت ۾ جيڪي گيت ڳاتا ويا آهن، ان ئي اڪثر مون کي روئاريو آهي .... راهيءَ جا بيت، "سنڌ ۽ سنڌي" يا "مون کي ڪو ماروئڙن جو ڏس ڏيندو"، جڏهن به پڳوانيءَ جي درد ڀرئي آلاپ ۾ ٻڌندو هوس ته بي اختيار ڳوڙهه لڙي ايندا هئا. ڪنهن دفعي، پنهنجي سنڌي دوست جي گهر خانگي مجلس ۾ ڀڳت ڪنوررام جي راڳ، آءٌ ڪاڻ ڳا ڪر ڳالهه .... جي ڪئسيٽ ٻڌم. ٻارڻ جهلي ڪوانه سگهيو هوس، جنسي اوچنگارون ڏئي رنو هوم ۽ اچي سڏڪن ۾ پيو هوس. منهنجي پتني، پٽ - پوٽا، ڌيئرون، سالون، سالا سڀئي سڀ حيرت ۾ پئجي ويا ته هيءَ خشڪ ۽ سخت دل انسان ڪيئن پڇي پيو! سو ڀتا کي ڇڏي، پيا سڀ جو سڀ، ورهاڱي ڪان پوءِ جي پيدائش هئا، جن کي ڌرتيءَ سان ازلي پريت جي جاڻ ۽ مٽي مائٽن جي گسود ڪان وڇوڙي جنو احساس ڪين هو. هو ڪئن نه انسان وڃان سنڌ جي سڪ جون منهون ڳالهيون ٻڌي حيرت وچان انسان ڏي نهاريندا رهندا آهن، اوشواس سان!

اهڙي صادق ۽ گهري جدائي جو اظهار، ڀارت ۾ اچڻ ڪان پوءِ، مون پنهنجي پهرين ڪهاڻي - "اڻ پڇين ئو مان ڇو اداس آهيان؟" ۾ ڪيو، جنهن جو سنڌ ۾ ڏاڍو گهڻو اثر ٿيو. ان جو

سي ساڳين سر اڏاوت ڪري، لحاظ سهڻي نموني ۾ ڪرڙا ڪيا اٿن. صرف نشاني طور ڪٿي، هڪڙو ٻڙو ڀاڱو حصو قائم رکيو اٿن ته دنيا جا ماڻهو ڏسي سگهن ته نازين ڪيڏي نه تباهي آندي هئي ۽ سندن جنتا اهڙي تباهي جا ڪيئن نشان مٽائي وري شاندار شهر جياري ڇڏيا آهن.

پراگ ڪانفرنس ڪانپوءِ پارٽي جي ڊيليگيشن کي رشيا جي گهمڻ جي دعوت ملي هئي. پارٽي جي ٻن ٽن ڊيليگيشن کي پراگ مان خاص ٽرين رستي ماسڪو ڏانهن روانو ڪيو ويو. رشيا ۾ ساڳيا چار شهر - ماسڪو، ليننگراڊ، تاشقند ۽ سمرقند گهمائڻ جو پروگرام هئو. ٽرين ۾ منهنجو سنگ ڊاڪٽر پدم سنهه، پانل ۽ دتا منگهي کان ٽٽي ويو. گوئا کان آيل هڪ ٻيو وڪيل دوست، مئنيول ڊسوسا روم، پارٽنر جي حيثيت ۾ پڪي ياري ۾ ڳنڍجي ويو. ساڳين شهرن ۾ ساڳيا ٽي هنڌ ڏيکارڻ ٿي ويا، جيڪي مان اڳواٽ ڏسي چڪو هوس، تنهن ڪري هر شهر ۾ پهچڻ کانپوءِ، گهمڻ ڦرڻ واري پروگرام کان مان ٽرائي ويندو هوس. ڊسوسا به هن نموني گهمڻ جو شوقين ڪونه هو. اسين هڪٻئي کي اشارو ڏيئي، بس گسائي ڇڏيندا هئاسون يا ناچاڪائي ۽ ٿڪ جو بهانو ڏيئي، ڪوٺيءَ ۾ آرام ڪرڻ جو مڪر ڪري پاڻ ڇڏائي ويندا هئاسون، ڪڏهن ڪافي - پيئندا يا خريداري ڪندا هئاسون. انهن اٺ ڏينهن ٻيا به گذريا. ٽن هفتن جي دوري کانپوءِ وطن ورياسون. هڪ نرالي دنيا جو درشن ۽ انڀو ڪري آياسون. ذهني طور تي پاڻ کي ڪافي شاهوڪار پاتوسين.

سنڌ مان جلاوطنيءَ جو خطاب حاصل ڪرڻ کانپوءِ به اڄ ڏائين، سنڌ سان لڳهن جو ناتو قائم رکيو اٿم. سنڌ مون کان

اوهان ٻنهي کي سرحد پار ڪرائي، سنڌ اندر گهڙڻ جو بندوبست ٿو ڪريان. منظور؟" مون چيو: "سائين منهنجا، اسان هندو ڪافرن کي ڪٿي ٿا سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ ڏين!" چيائين، "اوهان لاءِ ڌرم- مذهب ڪهڙي معنيٰ آهي؟ وطن لاءِ ڪا به قرباني ٿوري آهي؛ سڀ ڪجهه گهوريو. اوهان اگر ڌرم بدلايو ته اوهان کي ڪهڙو فرق پوندو؟ اسان جي درويشن، الله لوڪن ۽ سچن سنتن ته ڌرم/ مذهب جي ليبل کي قبول ئي ڪونه ڪيو آهي. سچل ڪونه چيو آهي: "هندو مومن ناهيان، جو ئي آهيان، سو ئي آهيان." روحل فقير به فرمايو: "مذهبن ماڻهو منجهايا..." اسان ڪلي سنڌس ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو، ٻيا شاهد چيو ته اسان کي سوچڻ ڏيو. دراصل ڳالهه ڌرم بدلائڻ جي ڪانه هئي. اگر اسين سچا انسان آهيون، انسانيت جا سڀ گڻ ۽ خصلتون اسان ۾ آهن ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو وڏو مذهب / ڌرم ٿيندو آهي؟ پر سياست جي لعنت هڪ اهڙي چيز آهي، جنهن کي نڪو ڪوئي منطق، نڪو ڪوئي عقل ۽ نڪا ڪائي انسانيت جي خواهش ٿيندي آهي. سياست هڪڙو ڪڙو، ننگو ۽ ٻڇڙو سچ آهي.

پاڪستان جي ٺهڻ کانپوءِ ته سنڌين سان ويل وهي وئي. ٻاهريان (ڀارت مان) آيل حاڪم پاڻ کي سنڌ جا فاتح سمجهڻ لڳا، گويا هنن ئي سنڌ تي سوڀ پاتي هئي. أصلي سنڌين کي گهٽ سمجهڻ لڳا ۽ سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي گندن ۽ اُڻن جي تهذيب قرار ڏنائون. سنڌي مسلمان جن وٽ هزارن سالن جي شاهوڪار ٻولي ۽ تهذيب جو ورثو هو، سي اصل شاڪجي ويا. پاڪستان جو ٻاهريون ئي ميوو سنڌين لاءِ ڪٺو ۽ ڪڙو ته، بلڪ زهريلو لڳو. ڪيترا ئي

اردو ۾ ترجمو ٿي سنڌ ۾ ڇپيو ويو. خط، اخبارن، ليڪن، ڪتابن جي معرفت ٻاهرين دوستن جي اچ وڃ رهڻي، سنڌ سان محبت رکندڙ لکارين زنده رهيا آهن، جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ايڪ قسمن جي بندشن، ڏنڊن ۽ ڏاڍاين ڪري، ان سلسلي ۾ ڪمي آئي آهي، پر ذهني، اخلاقي ۽ معنوي اُلڪن ۾ ڪابه ٻلائي ڪانه آئي آهي، بلڪ وقت بوقت وطن دوستن جي آمد ڪري گهرائي آئي آهي. ٻنهي طرفن جا سنڌي هڪ قوم جو احساس قبول ڪن ٿا.

ورهاڱي کان اڳ، مون جي. ايم. سيد کي رڳو هڪ دفعو سندس ڳوٺ سَنَ ۾ ڏٺو هو. ١٩٤٤-١٩٤٥ جي زماني ۾ جڏهن جي. ايم. سيد آخرڪار طور محمد علي جناح جي مسلم ليگ کي الوداع ڪري، پاڪستان جي ٻن - قومن جو اُصول کي رد ڪري، سرحد جي عظيم اڳوان، عبدالغفار خان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي قومي ۽ ترقي پسند گروهن کي ۽ عناصرن کي گڏي هڪڙو ڪشادو محاذ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، تڏهن اهڙن وطن پرستن جي هڪ ڪانفرنس پنهنجي ڳوٺ ۾ گهرائي هئائين، جنهن ۾ موهن پنجابي ۽ مان شامل ٿيا هئاسون. ان ڪانپوءِ ته ملڪ جون حالتون بگڙجي ويون ۽ اهي ليڊرون خود جناح سان ٽڪر کائڻ ڪارڻ مصيبت ۾ اچي ويا. هن جي مراد ٿي اڌوري رهجي وئي.

پوءِ هت ڀارت ۾ ٥١-٥٢ ڌاري هڪڙي ڏينهن ڀائي پرتاب ڏيئامل جي گهران گوبند مالهي ۽ مون لاءِ نياپو آيو ته جي. ايم. سيد ونس لقل آهي ۽ اسان سان ملڻ ٿو چاهي. اسين ڀائي پرتاب جي چرچگيٽ واري مڪان پام ڪورٽ ۾ ساڻس ملڻ وياسون. ڏاڍي قرب ۽ گرم جوشيءَ سان مليو. چي: "اوهين هت ڇا وانا ڪريو. اوهان جي جڳهه ته سنڌ ۾ آهي. مان

موجب سنڌ جو وجود ئي ختم ٿي ويو. پاڪستان جي ٺهڻ
کان سنڌ ائي گم ٿي وئي. اهو سڄو حصو وڃي ٿيو اولهه
پاڪستان. سنڌ ۾ ته ون-يونٽ مڙهي وئي. اهو ڏينهن ڪارو
ڏينهن، ماتم جو ڏينهن ڪري ملهايو ويو. سڀ وطن پرست
سنڌي، خاص طور اديب ۽ شاگرد گڏين ۾ اڳري آيا. مٿن
لٺبازي ٿي ۽ گرفتاريون به ورتيون ويون. ڪيترا ئي محب
وطن جيلن ۾ اڇلايا ويا، جن ۾ جي. ايم. سيد، سنڌ جو باغي
شاعر شيخ اياز، ٻرڪ ڪهاڻيڪار رشيد ڀٽي ۽ ٻيا به هئا.

سنڌ ڌرتيءَ جي بهادر وطن دوستن سان ڏاڍ ٿي ۽ ظلم
جو گهوڙو هلايو ويو ته سچاوڪ ڀارت جا سنڌي سانت
ڪري ڪوڻ رهندا. جڏهن ٿي اهڙيون خبرون سرحد پار کان
هت پهتيون ته ممبئيءَ جي سنڌي ساهتڪارن ۽ ٻين شعوري
ماڻهن ٽرڪان اسان هت ممبئي ۾ جلوس ڪڍيو ۽ مظاهرا ڪرڻ
لاءِ پاڪستان جي ڪانسل جي آفيس ٻاهران پهتاسون. مون
اڳيءَ جلوس جي اڳوائي ڪئي. هڪ اعتراضي عرضو ٺاهي،
وقت جي ڪانسل کي آفيس ۾ پيش ڪيوسين. سنڌ جي
هلچل سان اسان جو هيءُ پهريون سرگرم همدرديءَ جو قدم ۽
عمل هو. جڏهين سرحد پار اسان جي دوستن کي جاڻ پيئي ته
ڀارت جي سنڌين ساڻن همدرديءَ جو اظهار ڪيو آهي، ته هو
ڪافي خوش ٿيا ۽ فخر محسوس ڪيائون. اهڙي نموني مان
سنڌ جي هلچل سان سرگرم اموالي جڙي ويس، جڏهين اڃا
جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جو نعرو بلند نه ٿيو هو ۽ اڄ
ڏينهن ڏانهن جڙيو رهيو آهيان. ڀارت ۾ سنڌيت جي هلچل
کي جڏي، باقي ٻئي جڏهن وڏي ۾ وڏي ڪارج کي گهٽي ۾
گهٽو وقت ۽ شڪتي ڏني اٿم، سا سنڌ ۾ هلندڙ هلچل
آهي. ان سان منهنجي ڪمٽمينٽ اتري ئي مضبوط آهي،

سنڌي ليکڪ دٻجي ۽ هيسجي ويا، ٻا عهدن لئي وڪامجي ويا.
پر ڪي اهڙا به هئا، جن سنڌ جي سڀمان ۽ غيرت جو جهنڊو
بلند ڪيو. جي. ايم. سيد، انهن ۾ اول قطار ۾ هو.

پوءِ ته سنڌين تي باقاعدي حملا شروع ٿي ويا. سيڪنڊري سطح تي سنڌي ٻولي ۽ تهذيب جي جڳهه تي اردو ٻولي ۽ اردو تهذيب کي ترجيح ملڻ شروع ٿي وئي. سنڌي اسڪولن ۾ اردوءَ جو اسول بالا ٿي ويو. سنڌي نالا بدلائي اردو ڪيا ويا. انهن کانپوءِ ٻيا سنڌين تي راڄڌانيءَ حملا - ۲۳ جولاءِ ۱۹۴۸ع تي فرمولي حڪم جاري ڪري پاڪستان جي گورنر جنرل، محمد علي جناح، ڪراچي شهر کي سنڌ کان الڳ ڪري پاڪستان جو تختگاهه مقرر ڪري ڇڏيو. سنڌين جي پيرن هيٺان زمين ئي نڪري وئي. وطن دوست جي. ايم. سيد زبردست اعتراض ورتو ته کيس ٽن مهينن لاءِ پبلڪ سيفٽي ائڪٽ هيٺ سندس ڳوٺ سن ۾ نظربند ڪري رکيائون. هتان کان ئي سنڌ سان ڏاڍ جي شروعات ۽ سيد جي سورن جي ڪهاڻي ۽ ساڳئي وقت جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي هلچل جي شروعات به هتان ٿي ٿي.

۱۹۵۴ع ۾ ته سنڌ ۽ سنڌين مٿان قاتلاڻو وار ٿيو. اولهه پاڪستان وارو حصو، جنهن ۾ پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس (NWPF) اچي ٿي ويا، تن سڀني کي گڏي، هڪڙو جاگرافيائي ٽڪرو بڻائي ان کي اولهه پاڪستان نالو ڏنائين، ڌڙ ڌولس ڪيائون، جنهن هڪ طرف هنن ننڍن پراڻن کي هڪ لوهي چنبي ۾ بند ڪري، سنڌين عوامي تحريڪن کي قابوءَ ۾ رکجي، ٻئي طرف اولهه پاڪستان ۾ اڻندڙ قومي سجاڳيءَ جي لهر کي مٿهن ڏئي سگهجي. هن هڪ ٽڪري (One Unit) جو مطلب اهو ٿيو جو، مٿين اسڪيم

۾ پاڻ سان کڻي ويو." پيسا واپس نه ڪيا، ورثائن جو چوڻ آهي ته اها امانت اوهان جي آهي ۽ سائين جي حڪم پٽاندڙ واپس نه کڻي ويندو.

جي. ايم. سيد جو دستخط هڪ طويل تاريخي دستاويز هو. سرو هوس - **پاڪستان جو حال، ماضي ۽ مستقبل.** مون ٻن ٽن ڏينهن اندر پڙهي پورو ڪيو ۽ سائين جي انقلابي لکيت کان ڏاڍو متاثر ٿيس. سياست، سماج، تاريخ، مذهب ۽ ادب جي آئيندي بابت سندس ويچار بلڪل نئين انقلابي هئا. مذهب جي انڌي وشواس، تاريخ جي غلط سمجهاڻي، سياست جي ٻٽاڻي، سماج جو اسورو انياءُ، پاڪستان جي حاڪمن جي حماقت ۽ ڪٽرتا مٿان لغاري جي چوٽ سان حملو هو. هيڏو باغي ڪتاب پاڪستان ۾ شايع ڪرائڻ مشڪل نه، ناممڪن هو ۽ هن ڪتاب جي اشاعت هر لحاظ کان ضروري هئي. مون شري ديالداس موٽواڻي **جهوليلال** هفتيوار اخبار جي سمپادڪ کي دستخط ۽ پنج هزار موڪلي ڏنا ۽ وڌيڪ پيسا موڪلڻ جي به خاطري ڏنيماس. جي. ايم. سيد جو بلڪل ريڊيڪل ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو ۽ سنڌ جو صورتحال ۽ سيد جي انقلابي خيالن بابت ڀارت جي سنڌين کي ڀرپور دفعو صحيح تصوير ملي. سيد بابت غلط فهمين جي صفائي ٿي، ڇاڪاڻ ته هن نه صرف پاڪستان جي حمايت ڪرڻ جي ڀاري ڀل کي قبول ڪيو، پر ان لاءِ پڇتاءُ جو پڻ اظهار ڪيو. ڀارت ۾ "جيئي سنڌ" هلچل لاءِ دلچسپي پيدا ٿي.

تنهن کانپوءِ جي. ايم. سيد جو ٻيو ڪتاب - "سنڌ جي ڪهاڻي - سيد جي زباني" - نالي پڻ **جهوليلال** هفتيوار جي معرفت ڇپائي پڌرو ڪيم. هي جي. ايم. سيد جي تقريرن جو مجموعو هو، جنهن ۾ هن صاحب ١٩٦٦ ۾ لمبي عرصي کانپوءِ

ٻيٽري منهنجي سنڌيت جي هلچل سان آهي. منهنجي سمجهه ۾ اهي ٻئي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن ۽ ٻنهي جي مراد به هڪ ئي آهي. سنڌي جاتيءَ جي سنمان کي قائم رکڻ، سنڌي ٻولي، تهذيب ۽ ورثي جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌين جي واجبي حقن لاءِ، هر قسم جا قدم وٺڻ. ٻنهي ملڪن ۾ ساڳيءَ مراد سان هلندڙ هلچلون هڪٻئي کي اُتساهه ڏيئي سگهن ٿيون. راڄنيتي سطح تي هنن جو پاڻ ۾ ڪو به تعلق ڪونهي. آزاد ملڪ جون آزاد تحريڪون آهن. ان پهلوءَ کان ڌار الڳ ڳالهه آهي.

جي. ايم. سيد جيڪو اڄ جيئي سنڌ تحريڪ جو ابو ليکيو ٿو وڃي، ۽ جنهن سنڌ جي صدقي ٽيهارو سال جيلن ۾ يا نظربنديءَ هيٺ گذاريا آهن، تنهن انڪل پنجاهه کن ڪتاب الڳ وشين، پر سنڌ - پريم ۾ اچي لکيا آهن. مون کي اهو شرف مليو آهي، جو سندس چار ڪتاب، جيڪي ضبط ڪيا ويا آهن، سي مون هت ڀارت ۾ ڇپايا هئا. اهو به هڪڙي ادڀت ڪهاڻي آهي. هڪ ڏينهن صبوح جو مان گهر ۾ ڪنهن ڪم ۾ مشغول هئس ته در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. دروازو کوليم ته هڪڙو معتبر شخص اندر لنگهي آيو. دعا سلام ڪانپوءِ، پنهنجي ٿيلهي مان هڪ ٿلهي، هٿ لکيل ڪاپي ڪڍي ڏيندي چيائين: ”مان سنڌ کان آيو آهيان، هيءَ دستخط اوهان لاءِ سائين جي. ايم. سيد ڏنو آهي“. وري پنهنجي ٻٽونءَ مان نوٽن جي ٿهي ڪڍي چيائين: ”هيءَ پنج هزار روپيا اٿوَ. خرچ ويهارو هزار ايندو. في الحال اوهين ڪم چالو ڪريو، وڌيڪ رقم جو به بندوبست ڪري ڏينداسون.“ مون چيو: ”سائينءَ کي پيسن موڪلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اسين پاڻهي پيسن جو بندوبست ڪري وٺنداسون. هيءَ پنج هزار

بمبئيءَ جي پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ اسين ساٿ ڪري ڪولمبو وياسون. اسان پنهنجي مهم کي اڳا ۽ زور وٺائڻ لاءِ راڄڌانيءَ (دهلي) ۾ آل انڊيا **جيئي سنڌ ڪنوينشن** ڪوٺائي. ٢٤ ۽ ٢٥ جنوري ١٩٧٢ تي ماولنڪر هال ۾ ان ڏينهن جي ڪنوينشن ٿي، جنهن جو مهورت پارليامينٽ جي ٻرڪ ممبر مسٽر **امرت نهاٽا** ڪيو، جنهن پنهنجي تقرير ۾ پاڪستاني حڪمرانن کي چتاءُ ڏنو ته اگر هو ڏاڍائي ۽ بي-انصافي کان باز نه ايندا ته سنڌي جنتا پڻ **بنگلا ديش** وارو رستو وٺندي، لوڪشاهي راڄ اسٿاپت ڪندي. اسانجون سڀ اڇائون ۽ پوريون همدرديون ڀارت سنڌي جنتا سان رهنديون. ٻين ڪيترن ٻاهران آيل ڊيليگيٽن پڻ سنڌي جنتا سان سهانڀوتي جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي سنڌي هلچل سان واسطو رکندڙ هڪ نمائش به ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌي ڪتاب، فوٽا، اخبارن جون ڪٽرون وغيره رکيون ويون. پهريون ڀيرو سنڌ جي سنڌين سان، اهڙي پيماني تي ڀٽرائيءَ ۾ ڀارت ۾ آلاپ ڪيو ويو هو.

ڀارت ۾ جيئي سنڌ تحريڪ سان همدردي پيدا ڪرڻ ۽ ڀارت جي جنتا توڙي ٻڌيمان طبقي کي سنڌ بابت صحيح علم ڏيڻ لاءِ، مون جي. ايم. سيد جو انگريزيءَ ۾ پستڪ ڇپائڻ جو ارادو ڪيو. ١٩٧٤ جي زماني ۾ جي. ايم. سيد سنڌ جي قياس جوڳي حالت ۽ سنڌين جي ٻرندڙ مسئلن بابت انگريزيءَ ۾ ايڪائي سؤ صفحن جو ڪتاب ڇپايو هو- A country in chain - Sindhu - Desh. مون وٽ اُن پستڪ جي ڪاپي لائبريريءَ ۾ موجود هئي. ڦوڪي ناهي ٻاهر ڪڍيم. نظر ڦيرائڻ سان لڳو ته ڏهه سال اڳ لکيل مواد بلڪل ٺهڪندڙ هو. مون ان کي سوڌي ناهي، لهذا بيان مختصر ۾

جنهن مان چئن ٻعد "نئون صوبائي سنڌ" جي پليٽ فارم تان، سنڌ جي گهڻي دؤران پنهنجن مقصدن، مرادن ۽ آئينده پروگرام بابت چٽيءَ طرح سمجهاڻيون ڏنيون هيون.

١٩٧١ ڊسمبر ۾ ڀارت هٿان پاڪستان کي ڀاري شڪست ملي. بنگلاديش هڪ نئين راڄ جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي اڀري آيو. هن واقعي سنڌ ۾ هندستان جيئي سنڌ هلچل کي زبردست اخلاقي پٺڀي ڏني. ڀارت ۾ اسان ٽڪڙو سنڌي مهاڄ نالي سان پليٽفارم کڙو ڪيو، جنهن اسين پنهنجن سنڌ جي ڀائرن جي اخلاقي پٺڀرائي ۾ پنهنجو يوگدان ڏيون. مهاڄ جو صدر مون کي ڪيائون، نائب صدر پوٽي هيرانندائي ٿي، جنرل سيڪريٽري موهن گيهاڻي بڻيو ۽ سيڪريٽري مولي پرڪاش ٿيو. اسان ممبئي ۾ ريڊيو ڪلب ۾ ١٨، ڊسمبر ٧١ تي هڪ شاهي پريس ڪانفرنس گهرائي، جنهن ۾ ممبئي جي سڀني (انگريزي، هندي، مرهٽي، گجراتي، اردو ۽ سنڌي) روزاني اخبارن جا عيوضي حاضر هئا. مون پريس کي ٻڌايو ته وراڻي ڪاڇوءَ سنڌين سان ڏاڍايون ڪيون ٿيون آهن. سيٺڪ لوڙي راڄنيتي طور مٿن ظلم ٿي رهيو آهي. انهن بي انصافين جا تفصيل مون پريس اڳيان رکيا ۽ اپيل ڪئي ته سنڌين جي حق ۾ هو آواز بلند ڪن ۽ ڏاڍ خلاف لکن. سنڌي مهاڄ طرفان اسان شريمتي اندرا گانڌيءَ کي تار رستي عرض ڪيو ته سنڌ مان جيڪي ايراضيون ڀارت جي بهادر فوجن پنهنجي قبضي ۾ آنديون آهن، تن ۾ عوامي راڄ استاپت ڪيو وڃي ۽ اهو سنڌ جي قومپرستن جي هٿ ۾ ڏنو وڃي ته لوڪشاهي طرز تي ڪاروبار ڪڙو ڪن، جو ته اهو قدم باقي سنڌ جي ايراضيءَ لاءِ روشن مثال ثابت ٿيندو ۽ سنڌ ۾ ڊڪٽيٽرشاهي راڄ جو خاتمو آڻيندو.

ڏينهن جي اندر اسان کي سنڌي مترن ۽ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي اطلاع ڏنو هو ته ٻمبئي ايئرپورٽ تي سائينءَ جي سواگت لاءِ اچي مقرر وقت تي پهچن. اٽڪل پنجاهه - سٺ اديب، ڪلاڪار، اخبار نويس ۽ ٻيا شيدائي، اخبار جي پڌرائيءَ تي ايئرپورٽ تي پهچي ويا. اڌ ڪلاڪ اڳ مان وڃي ايئرپورٽ منئيجر سان مليس ته سنڌي جاتيءَ جو مهان نيتا ۽ جيئي سنڌ هلچل جو ابو پارس اچي رهيو آهي، تنهن ڪري مان اندر وڃي ڪيس وٺي اچڻ چاهيان ٿو. خوشيءَ سان موڪلي موڪل ڏنائين. اميگريشن هال ۾ مان سندس انتظار ڪندو رهيس. اوچتو سامهون ڏٺم ته سائينءَ کي وهيل چيئر تي سندس پٽ امداد شاهه ۽ سندس خدمتگار (نالو ياد نه رهيو آهي) هلائيندا پيا اچن. خوشيءَ وچان مان اصل متوالو ٿي ويس، ڊوڙي وڃي سائينءَ کي ڀاڪر پاتم ۽ روئي ويٺس. چيائين: ”ڪيرت آهين؟“ سڏڪو ڀري چيم: ”ها سائين، ڪيرت آهيان.“ پاڻ به کڻي مونکي ڀاڪر ۾ جهليائين. ڪيترو وقت آب اکين وهندو رهيو. پوءِ پاڻ کي سنڀالي ورتم. ڪسٽمس جون رسمي ڪارروايون پوريون ڪري، سائينءَ جي وهيل چيئر کي مان ڇڪيندو ٻاهر آيس، جتي پنجاهه - سٺ، سنڌي اديب ٻمبئي ۽ سنڌونگر مان آيل موجود هئا، جن ۾ گوبند مالهي، ايم، ڪمل، ڪرشن راهي، گوبند پنجابي ۽ ٻيا هئا. چوڌاري زوردار نعرن سان آسمان گونجڻ لڳو - جي. ايم. سيد زنده آباد! جيئي سنڌ تحريڪ زنده آباد! سنڌي ٻولي زنده آباد! جي. ايم. سيد ايترو سڀهو ڏٺو: ”مان سنڌ مان اوهان لاءِ امن ۽ ڀائپيءَ جو پيغام کڻي آيو آهيان. سنڌ اوهان کي اڃا به ساري ٿي. انشاءالله! اوهين سنڌ ڏانهن وري موٽي ايندا....“

جي. ايم. سيد جي رهائش وغيره جو بندوبست سنڌيت

آڻي، غير ضروري ڳالهين جي ڪٽ ڪوٽ ڪري، هڪ سؤ صفحن ۾ آندو ۽ ان کي نالو ڏنو A Case For Sindhu - Desh پنهنجي سورٺ پبليڪيشن جي نالي ۾ ڇپائي پڌرو ڪيم. ڪن دوستن ڇپائيءَ ۾ مالي مدد جو همٿ ڏيکاريو. هيءُ انگريزي پستڪ مون گهڻي ڀاڱي ڀارت جي پارليامينٽ جي ميمبرن، غير سنڌي اڳواڻن ۽ پرڏيهي ملڪن جي نمائندن وغيره ڏانهن موڪليو. هن ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون مون کان ڀارت سرڪار به خريد ڪيون. اُن وقت راجيو گانڌي ڀارت جو وزير اعظم هو ۽ ٻڌڻ ۾ آيو هو ته هن سنڌ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي ۽ پرڏيهي کاتي ۾ سنڌ ڊيسڪ به قائم ڪيو ويو هو.

چوٿون تمام طويل ڪتاب جيڪو مون جي. ايم. سيد جو ڇپايو، سو هو - سنڌو ديش جي ساڃاهه، جيڪو سنڌ لاءِ هڪ مڪمل گرانٿ آهي ۽ جي. ايم. سيد جي مذهب، اتهاس ۽ مٽيءَ جو نچوڙ آهي، جنهن مان سندس وسيع ڄاڻ، ديانتداري، سچ جي پاڪائي، آزادي جي ديوتا، آتمڪ پيڪائي ۽ ڪٽرتا کان نفرت جهڙن گڻن جو سهڻو ۽ شفاف درشن ملي ٿو. هيءُ پستڪ به مون سورٺ پبليڪيشن طرفان ڇهه سؤ صفحن جو، ٻن جلدن ۾ ڇپايو. دوستن کي اپيل ڪري بنا نقصان- بنا فائدي جي اصول تي ان زماني (اُسي واري ڏهاڪي ۾) پنجٽيهه روپيا ڪتاب جي قيمت موڪلڻ لاءِ لکيم. هزار ڪاپيون ٿورن مهينن اندر ئي کپجي ويون. هن وقت ته مون وٽ خود لاءِ به ڪاپي ڪانه آهي.

جولاءِ ۱۹۸۷ مهيني ۾ اوچتو هڪ رات ڪراچيءَ مان ٽيليفون آيو ته سائين جي. ايم. سيد اسپتال پهچي رهيو آهي. اُن

رهن ٿيون. ٻهراڻ ڪوشش کي ڇهه سال ۽ ٻيءَ کي پنج سال پورا ٿيا آهن. هن ڪارج ۾ ڪن دوستن همت ٻڌي ورتي آهي ۽ مدد به ڪئي آهي. ٻيئي ڪافي لوڪپريا ثابت ٿيون آهن، جنهن جو اندازو اسان وٽ خاص توڙي عام ماڻهن وٽان ايندڙ خطن مان لڳائي سگھجي ٿو. هنن ٻنهي جي اهميت ٻيءَ طرح به لڳائي سگھجي ٿي ته پاڪستان جي ٻن پرانتن، **سنڌ** ۽ **فرنٽيئر** ۾ هنن پترڪائن تي بندش وڌي وئي آهي. باوجود هن بندش جي هر مهيني، باقاعدي ٻه - ٻه سؤ ڪاپيون سنڌ ڏانهن، ڪنهن نموني موڪليون وينديون آهن. جن وٽ اهي پترڪائون پهچن ٿيون، تن کي حيران - پريشان ڪيو ٿو وڃي. اهڙا اياپا اسان وٽ ڪڏهن پهچي ويندا آهن.

سنڌ ۾ مون کي تمام گهڻي عزت ۽ محبت سان ڏٺو ويندو آهي. جيڪي به همراهه سنڌ مان هت ڀارت ۾ ايندا آهن، مون کي ڏسڻ ۽ مون سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. هنن جي لفظن ۾ مان سنڌين جو هڪ لڙاڪ سپاهي آهيان ۽ **جيئي سنڌ** تحريڪ جو ڀارت جي اندر غير سرڪاري امواي ايلچي آهيان. خود سائين جي. ايم. سيد جڏهن زنده هو ته مون ۾ انڌو وشواس هوس جو ڀارت ۾ ڪنهن به ڳالهه جي ڄاڻ پهچائڻ لاءِ مون کي اياپا موڪليندو هو. اها حقيقت اِن مان به واضح ٿئي ٿي ته پنهنجا سڀ بندش پيل ڪتاب هت ڀارت ۾ منهنجي معرفت ڇپائي پڌرا ڪيائين. پوءِ مان هتان پنجواهه - پنجاهه ڪاپين جا پارسل ٺاهي، ڪن طريقن سان ڪيس روانا ڪندو هوس. تنهن ڪري پاڪستان جي حاڪمن جي لفظن ۾ مان سنڌن ڪٽر دشمن آهيان ۽ **بلڪ اسٽ** تي لمبر ٻهراون ادو آهيان. جلاوطني جي گذريل ايتاليهه سالن ۾ ڪيئي بار پنهنجي وطن سنڌ گهمڻ اچڻ لاءِ مون پاڪستان سرڪار کان ويزا جي

جي شيدائي مسٽر چندر منگهاڻي (فرزند مورجمل منگهاڻي) پنهنجي هوٽل روز ووڊ ۾ ڪيو. امڙيءَ ۾ سنڌ جو پبلڪ سواگت لهاڻت وڏي پيماني تي ڪي. سي. ڪاليج هال ۾، امڙيءَ جي انيل ٺاڪو ساهتڪ ۽ سماجڪ سنڌياڻين طرفان ٿيو، جنهن جي صدارت ايڪا ڦالودان ٻراسٽر هرتچند آڏواڻي ڪئي. مڙني سنڌياڻن جي عورتن طرفان سنڌ جي پشپ مالهائن ۽ سنڌر شبدن سان مرحبا ٿي. سنڌس سنڌيش اهو ٿي ته: مان سنڌ مان اوهان لاءِ شانتي ۽ پائيچاري جو پيغام کڻي آيو آهيان. پر سائينءَ جو سواگت جيڪو سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي سنڌونگر ۾ ٿيو، تنهن جو ڪوئي مثال نه آهي. دهلي- دمالن ۽ شهنائن سان سنڌس خوش آمد ٿي ۽ ميونسپل ڪانوانسل هال ۾ لڪرواسين پاران شاندار آجيان ٿي. جي. ايم. سيد، ناگپور ۽ دهليءَ ۾، ويو، جتي پڻ سنڌس شان ۾ جلسا ٿيا. دهليءَ ۾ مسٽر راجيو گانڌيءَ سان خالگي ڳالهيون به ڪيائين. ٽيئي هفتا جيڪي هو ڀارت جي دوري تي رهيو، ڀارت جي لڳ ڀڳ پريس کي انٽرويو ۽ ملاقاتون ڏنائين، جن ۾ پاڪستاني حڪمران جا جنسي چوڌا لاٿائين. سنڌين سان تعدي ۽ انياءَ جو پردو فاش ڪيائين. ضياءالحق، جو ان وقت پاڪستان جو پريزيڊنٽ هو، تنهن جو نالو سو ڪوڙا ورتائين، پر ان سڌي امولي پاڪستان جي سياست جو ڊڪٽيٽري نقاب لاهي ڦٽو ڪيائين.

آخر ۾ مون جڏهن سنڌ ٽريڪ جي پنڌرالي ۾ سال ١٩٩٢ کان انگريزيءَ ۾ چئن صفحن جي اليڪٽرانڪ سنڌ رائيزز ۽ ١٩٩٣ کان سنڌيءَ ۾ چئن صفحن جي ماهوار پترڪا سنڌ سجاڳ نالي سان شروع ڪيون، جيڪي اڄ تائين باقائدي شايع ٿينديون

منظوريءَ واري ٺپي جي مٿان ڳاڙهيءَ ٻين سان ڪئنسل اکر
لکيو پيو آهي. ساواڪ کين ڪمپيوٽر تي اسلام آباد مان
سنديش آيو هوندو ته اهڙي خوفناڪ شخص کي ڪيئن ٿا
وڃڻ ڏيو! اڄ به اهو پاسپورٽ، جنهن ۾ پاڪستان ايمبسيءَ
وڃڻ ڏني ۽ ڪئنسل ڪئي آهي، سو يادگار طور مون وٽ
رکيو آهي.

جن ڏينهن ڄام صادق علي سنڌ جو مکيه وزير ٿيو ته
هڪ ٻئي منهنجي جگري دوست (حفاظت جي لحاظ کان
سندس نالو لڪايو وڃان) وري منهنجي وڃڻ لاءِ ڪوشش ورتي.
ڄام صاحب کي زور آندائين ته ڪيرت لاءِ وڃڻ جو بندوبست
ڪر ته هو پنهنجي وطن مان گهمي ڦري وڃي. ڄام سان ڏاڍي
ويجهي ياري هئس، تنهن ڪري ڄام مرحوم انا جو انگ رکي،
پاڪستان جي پرڏيهي سيڪريٽريءَ کي هڪ خط روانو ڪيو ته
ڪيرت ٻاٻاڻي، منهنجو شخصي دوست آهي. هو پنهنجو وطن
ڏسڻ ٿو چاهي؛ کيس وڃڻ جي سهوليت ڏني وڃي. ڄام
صادق علي، انهيءَ خط جي ڪاپي، منهنجي ڄاڻ لاءِ موڪلي
۽ موڪلي ڏني هئي. پر وريو ڪجهه ڪونه. بعد ۾ ڄام
انهيءَ منهنجي دوست معرفت اهو ٻڌايو ۽ موڪليو هو ته
ڪيرت کي چئو ته دهليءَ لاءِ واڳا ڪراچيءَ، ٽڪيٽ وٺي،
جهاز ۾ چڙهي پوي. پوءِ موڪلي اطلاع ڏجو ته، منهنجا ماڻهو
کيس ڪراچي ايئرپورٽ تان سڌو منهنجي گهر وٺي ايندا.
ڏهه - پندرهن ڏينهن ٻلي هت گهمي ڦري. رکو انتظاميون به ڪري.
واپسيءَ ۾ به وري، کيس منهنجا ئي ماڻهو جهاز تي چاڙهي
روانو ڪري ايندا. سندس اچڻ، موٽي وڃڻ جي داخلا ڪاڻ
ٿيندي ۽ نڪو پاسپورٽ تي، ڪو ٺپو لڳندو.

طلب ڪئي آهي، پر ور ور ڪري هن کي انڪار ڪئي وئي آهي. جڏهن پاڪستان جو وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو هو ته مون کيس هڪڙو شخصي خط موڪليو هو، جنهن ۾ چيو هم، ته الهيءَ حقيقت تي مون کي انتهائي گهڻو فخر ٿيو آهي ته دنيا جي ڪنهن هڪ وڏي رياست جو وزيراعظم هڪ سنڌي ٿيو آهي. تون الهيءَ ڌرتيءَ جي سنتان آهين، جنهن ڌرتيءَ تي شاهه لطيف جهڙي صوفي درويش جنم ورتو آهي. مون به ان ڌرتيءَ تي جنم ورتو آهي. مون کي پنهنجي وطن جي مٽي ڏسڻ کان محروم ڪيو ٿو وڃي. اها ڳالهه تنهنجو مرڪ نه آهي. سنڌين کي سنڌ ۾ اچڻ واري بندش هٽائي ڇڏ، جئن تنهنجو ۽ منهنجي ملڪ جو شان وڌي. چون ٿا ته پاڪستان ريڊيو تان خبر آئي هئي ته ڀٽي هڪ عام ميڙ ۾، هن وارو لکيل خط هوا ۾ ڦهلائي خلق کي ڏيکاري، چيو هو، ”ڏسو، ڀارت مان هڪڙي سنڌيءَ ڪيڏو نه وڏو مان ڏنو آهي موکي!“ پر پوءِ به شاهه جي سخن ۽ مٽيءَ جو مان ڪونه رکيائين. دراصل هو به فوجين جي هٿ ۾ ڪيڏوٽو هو.

هڪ دفعو وري پاڪستان لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ، منهنجي لاءِ منهنجي دوست موهن پنجابيءَ ڪوشش ڪئي. دهليءَ ۾ پاڪستاني ايمبيسيءَ سان سندس ڏاڍو نزديڪيءَ جو رستو هو. خود پاڻ، مون کان ويزا لاءِ درخواست تيار ڪرائي دهليءَ کڻي ويو ۽ وڃي روبرو اتي ڪوشش ڪيائين. حسن-اتفاق اهڙو ٿيو جو سچ پچ هو، منهنجي لاءِ ويزا وٺڻ ۾ ڪامياب ويو. منهنجي پاسپورٽ تي ڪيس ٺپو به لڳائي ڏنائون. هن وٽي ڪن آفيسرن سان ڳالهيون ڪيون ته اوچتو ڪو آفيسر اندر لنگهي آيو ۽ ڪاغس پاسپورٽ واپس وٺي ويو ۽ پوءِ موٽائي ڪٽي آيو. پاڻ اچي ڏنائين ته ويزا جي

آهي. سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا آهيون. هندستان وارن ۾ نه ڪا اُڻم ڪاهي جو ڪٿي ڪهڙن کي سڏو ڪن. ڄام وڏو اوستو ۽ ماهر سياسي ٻازيگر هو. ضيا جي جهازي تباهه ۽ موت کانپوءِ هو سنڌ ۾ موٽي آيو. مٿس سوين ڪيس هئا، پر حرفتبازيءَ سان هو اچو ٿي ويو ۽ مهاجرن جي مدد سان سنڌ جو وڏو وزير ٿيو، جنهن عهدي تان رب ڏانهن راهي ٿيو. ان زماني ۾ مون ڏانهن مٿيون نياپو موڪليو هئائين ته ڊپٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺي ڪراچيءَ ۾ لهي پوان ۽ باقي بندوبست هو پاڻ ئي ڪندو. مون اهڙو جوکم کڻڻ ٺيڪ ڪو نه سمجهيو. موهن ڪلپنا کي جڏهن معلوم ٿيو ته هڪ انڊيڙو پرزو لکي موڪليائين ته متان اهڙو خطري جو ڪم ڪيو اٿئي. پاڪستاني خفيه ايجنسيءَ کي تنهنجي سنڌ ۾ آمد جو پتو نه پوي، سا ناممڪن ڳالهه آهي. پوءِ هو ٺوڪي اُڏائي ڪٿي ويندا ۽ پتو ئي نه پوندو ته تون ڪيڏانهن گم ٿي وئين. هونئن به مون اخلاقي توڙي قانوني طور لڪوريءَ پٺي ڪنهن ملڪ ۾ گهسي وڃڻ ٺيڪ نه سمجهيو. اگر ڪو انقلابي سمو هجي ها يا ڪو وڏو ڪارج ان مان راس ٿيندو هجي ها، ته پوءِ جان جي بازي لڳائڻ ۾ ڪين هڪان ها.

اوهان ڏٺو ته سنڌيت جي هلچل جو ڪاروان، جنهن سان منهنجو جيءُ جڙيو ۽ من سنيو پيو آهي، تنهن کي واٽ ٿي ڇڏي مان ٻين ڪن وائن ٿي اکري ويس. اهي به ته منهنجا ئي آزمودا ۽ منهنجون پرانيون سرگرميون هيون ۽ انهن سان اوهان جي پرانچه ڪرائڻ کان سواءِ منهنجي آتم-ڪٿا اڌوري رهجي وڃي ها.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي ڪاروانن ۾

ڄام صادق عليءَ جي ڳالهه لکڻي آهي ته سندس عجيب ڪردار جي هڪ اڌ جهلڪ ڏيڻ ضروري پيو سمجهان. هو سنڌ جي هڪ وڏي زميندار (ٽالپر ڀاڳ ۾ رهيو آهي) جو پٽ هو. ڪيتري ايتري زمين هئي، جنهن جو نه انت، نه مٿو، نه ڪٿو! ڄام پنهنجي ڏينهن ۾ پاڪ ڪئبينيٽ ۾ شهري وڪاس کاتي جو وزير هو. ڪراچيءَ جون خالي زمينون وٺي الاٽ ڪندو. پيءُ کي جو خبر ملي ته پاڻ وٽ گهرائي چيائينس: ”اَبا، ٻڌو اٿم سڄي ڪراچي الاٽ ڪري ڇڏي اٿيءَ؟ رڳو هڪڙي مهرباني ڪجانءِ، **جناح جي قبر** واري زمين ڪنهن کي الاٽ نه ڪجانءِ ته ڪٿي آفت ۾ نه اچي وڃون....“ ڄام کلي ويٺو. جڏهن پٽي تي اچي گهوڙا چڙهيا ۽ وٺي وڃي پنڊ ۾ وڌائونس ته ڄام سنڌ ڇڏي وڃي لنڊن وارد ٿيو. هڪ دفعو اندرا گانڌيءَ جي ڏينهن ۾ ڄام هٿ سانئس ڳالهيون ڪرڻ آيو هو. مونکي اها نه ڄاڻ ڪانه پيئي ته سندن وچ ۾ ڇا وهيو واهيو. پر اُهو وچ وارو دوست ڄام کي منهنجي پاندرا واري آفيس ۾ هڪ ڪلاڪ لاءِ وٺي آيو هو. سڪيورٽيءَ وارا ڪيس ڪڍي پٽي گهميا. ڪين، ڪنهن پراڻي دوست سان ملڻ جي بهاني، منهنجي آفيس لائين وٺي آيو هو. سڪيورٽيءَ وارا ٻاهر جيپ ۾ ويٺا رهيا.

ڄام صادق علي، قد، بت ۽ شڪل ۾ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو ۽ سندس آزاد ۽ بيباڪ گفتگو به مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. ڳالهه ٽان ڳالهه ڪندي چيائين: ”يار! اسين سنڌي وڏيرا (پاڻ کي هڪ ڪچي گار ڏيندي) سڌرڻ جا نه آهيون. پر هاڻي، جڏهن اسان جي پٺين (Buttocks) تي لتون لڳيون آهن، تڏهن اسان جو هوش ٺڪاڻي آيو آهي ته پاڪستان جا حاڪم ڪهڙا نه ڪچا آهن. پر هاڻي ته ڪافي دير ٿي وئي

باقاعدي ٿيندا رهيا. ان عرصي ۾ سڀا جي مٽڪ ۾ هڪ ٻئون گل لڳو. شري مورجمل منگهاڻي، سڀا جي معرفت، هر سال پنج هزار روپيا ساهتڪ کيتر ۾ انعام ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا خوشي ۽ شڪرگذاريءَ سان قبول ڪئي وئي. اهو انعام جنهن ١٩٨٢ کان شروع ٿيو آهي ۽ اڄ ڏائين هلندو رهي ٿو. انعام جي رقم ١٩٨٥ ۾ وڌائي ڏھ هزار، ١٩٩٤ ۾ وڌائي ويھ هزار ۽ هاڻي ١٩٩٨ کان وڌائي پنجويھ هزار ڪئي وئي آهي.

١٩٨٧ ۾ سڀا جي ڪارج ۾ وري هڪ وڏو ۽ اهم موڙ آيو. سترهون سميلن گانڌيڌام جي ڌرتيءَ تي رٿيو ويو، جنهن سان سنڌي جاتيءَ جو جذباتي لڳاءُ آهي ۽ ان وقت اها هلچل هلندڙ هئي ته گانڌيڌام کي هوم لئنڊ ڪري ظاهر ڪجي. سنڌين کي پنهنجو وطن ڇڏي چاليهه سال (١٩٤٧ کان ١٩٨٧) گذري ويا هئا ۽ سنڌي هلچل جا ٽيهه سال (١٩٥٧ کان ١٩٨٧) پورا ٿيا هئا. ايڏي لمبي عرصي کانپوءِ ۽ ايڏي هلچل جي باوجود سنڌي سهيتڪ توڙي منووگيانڪ طور پوري امواي وسي نه سگهيا هئا ۽ نه ڪو پورو سنتوش پائي سگهيا هئا. اها ڳالهه روشن ٿيندي پئي وئي ته سنڌين کي جيسين راجنيتڪ طور حصيدار نه بڻايو ويو آهي، تيسين سنڌين حيثيت ٻئي ڪلاس ناگرڪ جهڙي رهندي. راجنيتڪ سٽا يا دٻاءُ کانسواءِ سنڌين کي ٻه مسئلا حل نه ٿيندا. هو هر لحاظ کان هر کيتر ۾ ويچارا بڻيا رهندا. ان ڳالهه جو احساس آهستي آهستي سنڌين تي روز روشن ٿيڻ لڳو هو. خاص طور اديب ۽ ٻڌيمان طبقو سنڌي جاتي سان ورتل ٻيدي ۽ بي-اکيائي وارو وهنوار برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. اهڙي شعور ۽ راجنيتڪ جاڳرتا جي ٻاوا واري وايو منڊل ۾ گانڌيڌام سميلن جون تياريون ٿي رهيون آهن.

سال ١٩٨٠ ۾ ڪجهه تبديل آئي. سڀا جو پندرهون ساهت سميلن ١٩٨٠ ۾ ڀالنگانا جي تنيزي شهر ۾ ٿيو، جتي سنڌين جا تمام ٿورا گهر هئا، پر پرائمري اسڪول کان هاءِ اسڪول تائين تعليم سنڌيءَ ۾ ڏني ويندي آهي. نگرپالڪا تي به سنڌين جو ڏاڍو اثر آهي. خود هڪ سنڌي شري نارائڻداس ٻاشومل نگرپالڪا جو پرڌان ۽ سميلن جي آجيان ڪاميٽيءَ جو به صدر هو. انهيءَ محبوب شهر ۾ اسان کي پندرهون ساهت سميلن ڪرڻ جي دعوت ملي. هن سميلن جو مهورت، تازو چونڊجي آيل، ٻارس پارليامينٽ ميمبر آچاريه ڀڳوان ديو ڪيو. اثرانتو لقرباز آهي. پنهنجي پر اثر دليلن ۽ شبدن سان سنڌي جاتيءَ جي سوالن تي حاضرين ۾ بجليءَ وارو اثر پيدا ڪيائين. صدارت مون ڪئي ۽ آچاريه ڀڳوان ديو کي سنڌي جاتيءَ طرفان واڌايون ڏنيون ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سنڌين جو سچو سيوڪ تي ڪين حق وٺي ڏيڻ ۾ سڀ ڀاڙو ٿيندو. پوءِ سڀني کي خبر آهي ته ٻه ٽي سال ڳجهوڙ ڪيائين ۽ انت ٽڪرو ٿي ويو.

هن سميلن ۾ مون رت ڏني ته سڀا جو پرڌان ٻئي ڪنهن لائق ساهتڪار کي چونڊيو وڃي. مان اٺ سال (١٩٧٢ کان ١٩٨٠ تائين) صدر جو پد سنڀالي چڪو هوس. مون شري گوبند مالهيءَ کي پرڌان چونڊڻ جي رت ڏني. هن گهڻي آنا ڪاني ڪئي، پر اسان سڀني سائين مٿس زور آندو، ڪيس مڃايو ۽ گوبند مالهي اڪراءِ سڀا جو صدر چونڊيو ويو. ٻئي مدي لاءِ ٻڻ سورهين سميلن تي ١٩٨٣ (ٻڙودا) ۾ گوبند مالهيءَ کي صدر جون جوابداريون ڏنيون ويون. مالهيءَ جي ستن سالن جي اڳاڪاري (١٩٨٠ کان ١٩٨٧) ۾ سڀا جو ڪارج اڳئين کان اڳرو رهيو. سڀني سرگرمين لکڪ سميلن، ناٽڪ اتسو ۽ چٽاڀيٽيون، سالياني العام، نوجوان جا سميلن، چيٽي چنڊ جا ميلا وغيره

ٿين. سموري خبرچار گڏ ڪري ڪمرن ۾ پاڻن کي موڪلي ڏني هئائين ته ڇڪجي اچن. هو سواگت ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو. هن موقعي تي هن لکيو ۽ رٿا ناهي هُئي ته هوم رول جي سوال تي ڌار سمجهوتا ناهي، ديش - پرديش ۾ پرچار ڪجي. ٻئي طرف وري حسن اتفاق اهو ٿيو جو سرحد پار کان اٽڪل ڏهاڪو جيئي سنڌ تحريڪ جا سرڪردا به آئي اچي پهتا. واهو محفل ۾ سنڌيت جي سگهه ۽ جوش، پنهنجي زمين جي محبت ۽ راڄنيتي ولوڙي جو سيلاب پيدا ٿي ويو. هن سميلن ۾ سنڌين لاءِ راڄنيتيءَ ۾ هڪجهڙائيءَ جو سوال متفقه سطح تي آيو آهي جنهن ڪري هن سميلن ۾ مکيه طور چار ڊگها ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. جيتوڻيڪ پهريون ٺهراءُ سنڌي ساهتڪ، سماجڪ ۽ تعليمي تڪليفن ۽ طلبن بابت هو، پر ٻيو نمبر مکيه ٺهراءُ سنڌين کي خاص ڌورائي واري جاتي ڪري تسليم ڪرڻ جي سوال تي ڇنو هئو، جنهن جو انچارج اهو هو ته سنڌين ڀارت جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو وطن وڃايو آهي ۽ ڀارت جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ ٽڙي پکڙي ويا آهن. هر پرديش ۾ ڌورائيءَ واري حيثيت ڪارڻ، سنڌين داد - فرياد ڪئي ۽ ڪوائي ٿو ٿئي. ٽيون ٺهراءُ سنڌي (ان وقت جي ڪٿ موجب الڳ) پنهنجي لاءِ هڪڙو الڳ ميمبر پارليامينٽ ۾ ٽڪا موڪلي سگهن ۽ اهو ڪو سنڌين عوضي پرديشڪ اسيمبلين ۾ چونڊجي نه اچن، جو آواز اٿاري سگهن. ٻئي طرف مزورام، ناگالئنڊ، تريپورا، منيپور، اروناچل، ميگهاليه ۽ سڪم جهڙن پرديشن ۾، جن جي آدمشماري پنجن لکن کان ويهن لکن تائين آهي، سي الڳ راڄڌاني طور الڳ پرانت آهن ۽ ڪين پارليامينٽ ۾ گهٽ ۾ هڪڙو ميمبر ته آهي ۽ ونن پنهنجي رياست ۽ سرڪار آهي، پنهنجي الڳ اسيمبلي آهي، جتي سنڌين هر ڏک جو آواز اٿي سگهي ٿو ته پوءِ سنڌين سان اهو سراسر انياءُ نه آهي جو سڀ ڪجهه

گانڌيڌام جي ترقيءَ لئي پهرين ڪاپوءِ ته اهڙي شعور ۾ اچا ۽ وڌڻ ڪ زور اچڻ جو وڏو امڪان هو. سميلن جي سواگت ڪاميٽيءَ جو صدر هو سنڌي ٻاشا جو اڀمار ڪوي هري دريانيءَ "دلگير"، جنهن پنهنجي صدارتي تقرير ۾ سنڌي ٻولي کي جاڳائي ڪٽي ڇوٽ لئي پهچايو. چي: ... هن ترقيءَ لئي، جتي اسانجو سميلن ٿي رهيو آهي، اٽي ٽي سؤ سال اڳ، اسان جي سڳوري درويش، عظيم شاعر شاهه لطيف پنهنجا پولر پير گهمايا هئا. اڄ ب شاهه جو هت اولڙو ٿي آدر آهي. ڪڇ ۾ اندر ويندا ته اڪثر ڀڪتاري ۽ دلي لئي شاهه جو ڪلام گونجندو ٻڌندا.... سنڌي سکڻ جون موج ڀرائون مقلون ٿيندئون آهن.... هت ٿي لاڻي، ڌوٻي، ڪولي، جمعدار، دڪاندار وغيره سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هتي تي غير سنڌي رهواسين جا ٻار شد سنڌي ڳالهائي سکندا آهن.... اسان سنڌين اڳيان مکيه مسئلو اهو آهي ته اسان ڪيئن لکم سنڌين کي پنهنجو زمين جو ٽڪرو ڪونهي.... پنهنجي ترقيءَ لئه هٿڻ ڪري، اسانجي ساهتڪ ٻولي وڏي خطري ۾ آهي.... هن سميلن جي موقعي تي ڪي ٻه واد وواد ڪونه آڻيا ويندا.... تن، من، ڌن ۽ وچن سان پنهنجي امرڙ جي ٻولي پنهنجن کان تسليم ڪرائون...."

ڀڳوان ايچندانيءَ، جنهن جي زبردست جفاڪشي، محنت ۽ اتساهه سان هيءُ سميلن ممڪن ٿي سگهيو هو، سو سچا جو ته هڪ اول صف جو سرڪردو ۽ سپاهي هو، ٻئي گانڌيڌام کي سنڌين جي هوم ٿڏنب ٻڌائڻ جي اڙاڪ ۾ سڀ کان اڳرو ڪمٽيب ڪارڪن هو. هن جو اهو ٿي وڃار هو ته هن سميلن جي موقعي تي پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي ٻارن کي ٻڌ چکي هت آڻي، جيئن هو، گانڌيڌام کي وسائڻ لاءِ متوج

خوشيءَ سان ان فرض جي پورائيءَ لاءِ پڻ قبول ڪيو ۽ سگهو ئي عمل جو رستو به ڳوليو. هن کان اڳ، سنڌي اديبن هر ڦرلت لئي فرض پاليو ۽ پاڻ ليکيو هو. اديبن کان تقاضا ئي نه هئي راڄنيتڪ ڦرلت لئي پڻ پنهنجي جاتيءَ سان همراهي ڪن ۽ فرض اپنائين. سنڌي جاتيءَ جو ليکڪ، ڏسجي ٿو، وڏو اهڃاڻ رول ادا ڪري رهيو هو. راڄنيتي رول کان ته مان ڇرڪيس ڪين ٿي، جو نه راڄنيتي نه مذهبي خون ۾ سمايل هئي، پر هٿ هڪ نازڪ رول ادا ڪرڻو هو. هڪ طرف هئي سنڌي جاتي، جنهن ۾ راڄنيتيءَ لاءِ چاهه، گهٽ ۽ وڌڻ جو نه اچا نه معاذو گهٽ ۽ ٻئي طرف هئي "پنهنجي" سرڪار، جنهن قدم قدم تي ڪٽيو هو، ڇاڪاڻ ته هٿ گهڻا **دلاور** ماڻهو هئا، جيڪي سرڪار خلاف ڪنهن صحيح ۽ واجبي قدم کي به "غداري" يا پنج ذات سان سڏيندا هئا. ڪي وري خود اسان جي ساهتڪار برادريءَ مان به هئا، جن کي سياست کان ڇرڪو هو. چي: "ساهتڪار، سياست ۾ ٽنگ نه اڙائيندا آهن؛ ساهت ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪهڙو ميل؟!" هاڻي هنن ساهت جي "پوڄارين" سان ڪهڙو منطق؛ ڪهڙو بحث! جالي پلي وڃي، سڀن درياهه ٽئي، هيءُ صاحب، ساهت جي مندر جي رکوالي ڪندا رهندا ته مٿان نه ڪو ان کي اپوتر ڪري ڇڏي! مذهبي سمجهه ۾ هو اصولن جا ليکا ڪٽيندا رهن ٿا. دنيا جو اتهاس، ساهتڪار جو جاتيءَ ڏانهن فرض پالڻ، ڪجهه اور ئي ٻڌائي ٿو. خير!

مون دل ۾ چيو ته، اگر ساهتڪار پنهنجي ٻولي ۽ لپيءَ سان انياءَ خلاف آواز اٿاري سگهي ٿو ته پنهنجي جاتيءَ سان راڄنيتي سطح تي ٿيندڙ بي-انصافي خلاف به آواز اٿاري سگهي ٿو. اسين ڪو لٺيون يا بندوقون نه ڪو نه کڻنداسون،

ديش مٿان قربان ڪرڻ بعد به سنڌين کي آواز نه هجي، ۽ نه ڪين بنيادي لوڪشاهي جا حق ڏنا ويا هون.

مٿين حقيقت جي بنياد تي، ٺهراءُ ۾ ٻهراون دفعو سڀا جي پليٽفارم تان راجنيتي حقن جي طلب ڪئي ويئي ته سنڌي جاتيءَ لاءِ پارليامينٽ ۾ چوڏهن جڳهيون محفوظ ڪيون وڃن، هڪ هڪ، مهاراشٽرا، گجرات، راجستان، مڌيه پرديش، اتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ ساڳي طرح مٿين پرانتن ۾، ساڳئي بنياد تي اسيمبلين ۾ پڻ سنڌي عيوضين لاءِ جڳهيون محفوظ ڪيون وڃن. مٿيون ٺهراءُ مون کليل اجلاس ۾ پيش ڪري، ٻهڳيٽن کان پڪراءِ ڀالي ورتي ته سڀا طرفان مٿين گهرن تي ساليڪي جوڙجڪي آندولن هلائي وڃي. گانڌيڌام جي وڪاس لاءِ ۽ جيئي سنڌ هلچل کي اخلاقي پٺڀرائي ڪرڻ جو ٺهراءُ پڻ پاس ڪيو ويو. هن سميلن ۾ ٻيا به ڪي اهم فيصلا ڪيا ويا. سڀا جو جاتي ترانو ۽ سڀا جو جهنڊو مقرر ڪرڻ لاءِ هڪ ٽن ڄڻن جي ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جن اڳتي هلي **موتي پرڪاش** جو لکيل ”آسنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي“... گيت کي سنڌي جاتيءَ لاءِ قومي ترانو ڪري پاس ڪيو. سڀا جو جهنڊو به تيار ڪيو ويو هو، جنهن ۾ موهن جي دڙي واري ترائي، سنڌي مٽڪي ۽ چنڊ جو جوڙ هو، پر ان تجويز تي ڪي اعتراض آيا ۽ ان تي عمل نه ٿي سگهيو. انهن سالن ۾ ڳالهه اڳتي ڪانه چري.

گانڌيڌام سميلن وقت هڪ وار وري، پرڌان پد جون جوابداريون سڀني سائين ۽ سنڌيت جي پريمين گڏجي منهنجي مٿان رکيون. صاف ظاهر هو ته سنڌين جي راجنيتي حقن جي باري ۾ ٺهراءُ مون ئي آندو ۽ پاس ڪرايو هو ته مون تي فرض عائد هو ته مان ان مقصد جي پورائيءَ لاءِ اڳيان اچان. مون

ڏنيسين، جنهن ۾ اها وينتي ڪيل هئي تہ، انهن چيني چنڊ جو انسو سنڌي جاتيءَ کي خاص ڏورائي واري جاتي، تسليم ڪرائڻ لاءِ ملهايو ويو. اهڙي قسم جا نهراءِ پاس ڪري، پرڌان منتري ۽ راشٽرپتيءَ کي تارن رستي موڪليا وين. انهن موقعن تي حاضرين کان پڻ پرڻ دهرايو ويو تہ، هو راڄنيتي حقن جي پيرائي ٿا ڪن. اسان امبئي ۾ چيني چنڊ انسو کي بلڪل مٿين قسم جو رنگ ڏنو. پڙودي ۾ سنڌي ساهت سڀا طرفان سڏايل چيني چنڊ جي ميلي تي پڻ مون کي ڪوٺ ڏئي گهرايو ويو، جتي تہ مون اٽڪل چار-پنج هزار خلق کان اهو پرڻ دهرايو. ٻين هنڌن تي بہ، اسان جون مٿين قسم جي پروگرام کي عمل ۾ آندو. وايومنڊل ۾ البت سجاڳيءَ جي لهر پيدا ٿي ۽ ٻين سنستائن پڻ ساڳئي سر کي پڪڙيو. پوءِ سڀا طرفان اسان کي پترا ۽ نعرا بہ تيار ڪيا ۽ ڇپائي پڌرا ڪيا ۽ ٻين شهرن ڏانهن بہ موڪلي ڏنا.

اِنهيءَ وچ ۾ مان هڪڙو طويل عريضو لکڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويس. اُن وقت شري راجيو گانڌي پرڌان منتري جي پد تي هو. هڪڙو وڏو سنڌي آفيسر سندس بلڪل ويجهو هو، جنهن کي مون سان ڪن حالتن ڪارڻ ڏاڍو نزديڪ اچڻ جي چڪو هو. مون سانس دل جو حال اوريو ۽ کيس ٻڌايم تہ سنڌين سان ڏاڍو انياءُ ٿي رهيو آهي. اسين جڻ ٻئي درجي جا ناگرڪ بڻجي رهجي ويا آهيون. سياسي طور يتيم آهيون. مون سانس اها خواهش بہ ظاهر ڪئي تہ اسان اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت طرفان مهم هلائڻ ٿا چاهيون تہ، راڄنيتي سطح تي اسان کي حق ملڻ کپن. اسين پرڌان منتري کي هن سوال تي هڪ زوردار عريضو (بہ روبرو) سندس آستان تي ڏيڻ ٿا چاهيون. اسان کي اوهان جي مدد جي درڪار آهي. هڪ

بلڪ سالميتڪي لحوائي لوڪشاهي اقدار مطابق، جاتيءَ خلاف ناحق تي صدا بلند ڪرڻ جو اسان کي هرڪو حق آهي. پر مون سمجهيو وقت چاهيو ٿي ته اهڙي قدم تي عمل لاءِ گهڻن جي راءِ حاصل ڪريون. جيتوڻيڪ گانڌي ڌام سميلن ۾ ٽيهارو شهرن مان آيل انڪل هڪ هزار ڊيليگيٽن حمايت جو ٺپو لڳايو هو، پوءِ به مونکي خيال آيو ته اڃا به ڪيترن رهيل پڌماڻن ۽ سنڌي شيدائين جي ويچارن کي ڄاڻڻ بعد ئي آخري فيصلو وٺجي ته بهتر ٿيندو. مون جواب ڪري انڪل ٽن سؤن سنڌي جاتيءَ جي سڃاڻ شخصن کي، سڀا جي پرڌان جي حيثيت ۾ هڪڙو خط لکي ڄاڻڻ چاهيو ته سڀا جي پليٽفارم تان هن قسم جي هلچل هلائڻ بابت سندن راءِ ڪهڙي آهي. سٺ سڄڻن وٽان خط جو جواب آيو، جن مان گهڻن اسان جي قدم جي آجيان ڪئي ۽ پنهنجي اخلاقي پٺڀرائي به جتائي. ڪن اڪڙ - ٻڪڙ مترن شنڪا ظاهر ڪئي ته سڀا جي پليٽفارم تان اهڙي قسم جي هلچل ڪيتري حد تائين واجب ٿيندي. مون اڃا به وڌيڪ خاطري ۽ خبرداري ڪرڻ لاءِ ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٧ تي دهليءَ ۾ سڀني ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميڙ سڏايو، جنهن ۾ واهه ڪاميٽي جا ميمبر ۽ ٩ دهليءَ جا معزز شخص شامل ٿيا، جن وري به هن نازڪ ۽ اهم سوال تي تفصيلي بحث مباحثو ڪري، اها هلچل هلائڻ جو فيصلو ورتو ويو. ساڳئي وقت اها به راءِ بيٺي ته هن سوال تي سڀني سنستائن ۽ پنچائتن وغيره جو سهڪار ورتو وڃي.

انهيءَ وايس ٻهڙي اسان ١٩٨٨ سال، سنڌي جاتيءَ جي راڄنيتي حقن جو سال ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو. سڀا طرفان هڪ اپيل پنهنجي عام سنستائن ۽ انهن کي موڪلي

راجيو گانڌيءَ سان ملاقات جي ڳالهه. ڪنهن همره سيڪو پيو چوي ته اڄ مٽ ۾ ئي ڇٽي ڪري ڇڏيندءِ. مان چوان: "موڪي رڳو ڳالهائڻ ملي، پوءِ ڏسو ڪيئن ٿو ٿيو جهلي ٻيهار ٻالس!" وٽهن ڏانهن ٽائيپ ٿيل صفحن جو طويل عريضو منهنجي هٿ ۾ هو، جنهن ۾ سنڌين جي آزاديءَ لاءِ قربانين جو ذڪر هو، ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ سنڌين تڪليفن جو ورڻن هو، سيئنٽڪ ڪيڊر ۾ بي انصافين برداشت ڪرڻ جي ڪهاڻي هئي، راڄنيتي ۾ سنڌين صفا بيپرواهي ڏيکارڻ جي ڳالهه هئي ۽ آخر ۾ طلبن جي ياداشت هئي، جنهن ۾ سيئنٽڪ ۽ راڄنيتي سهوليتن ۽ حقن بابت گهرون شامل هيون.

مون سنڌي عريضي جي ڪاپي ڪئي، سچ ٿو چوان ته ان ڏينهن جي اندر گهوٽي ۽ رٽي ورتو هو. بار بار پيو من ۾ دهرائيندو هوس، جڻ ذهن اندر رڪارڊ ٿي ويو هو. راجيو گانڌي عام دربار ۾ سڀني ڪمبن کان وفد سان ملندو، مختصر ڳالهائيندو، گولائيءَ ۾ اڳتي وڌندو ڏانهي ڪمب طرف اچي رهيو هو، جتي اسين ويٺا هئاسون. جيئن ئي هو اسان جي چوڪنيءَ اندر آيو ته اسين اٿي بيٺاسون. مان "نمسڪار" چئي، وڃي سندس سامهون بيٺس. **فرنٽيئر ميل** واري رفتار سان شروع ٿي ويس: "سنڌي جاتي نهرو خاندان جي آڀاري آهي. اوهان جي ناني **پنڊت جواهرلعل نهروءَ** سنڌي ڀاشا کي ساهتيه اڪادميءَ جي ڪاريه ڪرم ۾ جاءِ ڏني، اسان جي جاتيءَ سان نياءُ ڪيو، اوهان جي ماتا شريمتي **اندرا گانڌي** سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جڳهه ڏني، سنڌي جاتيءَ کي برابريءَ جو احساس ڏيارو ۽ هاڻي اسان کي اميد آهي ته هڪ اعليٰ ناني ۽ مهان ماءُ جو فرزند پڻ اسان کي راڄنيتيءَ ۾ برابريءَ جا حق ڏئي منووگياڪ ۽ عملي سنتوش

سنڌيءَ جي حيثيت ۾ جذباتي طور تي متاثر ڪيو هئس. سندس شرافت جي حاضريءَ ۾ ڳالهيون ٿيون. هوءَ به نه ايتري سنڌڻ هئي. سندس من ۾ به اهو اٿي ۽ منهنجي رت کي تائيد ڪندي گهوٽ کي چيائين، ”فلاڻا، اوهان کي هن ڳالهه ۾ اڳرو ٿيڻ گهرجي.“ قبول ڪيائين ته هو پنهنجي طرفان وڏو وس هلائيندو. پر اها صلاح ڏنائين ته مڪمل عرضو تيار ڪري وٽس موڪليان. هوءَ به اُن تي نظر گهمائيندو ۽ پوءِ پرڌان منتريءَ کان اسان جي وفد لاءِ وقت مقرر ڪرائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندو. لمبي ڪهاڻيءَ کي مختصر ڪندي، مان جيڪر ائين چوان ته شري راجيو تائين پهچڻ ۾ سال کن لڳي ويو. ايتري اسان جي دوست، راجيو جي صلاحڪار مٺي شنڪر آير جي معرفت اسان لاءِ ملاقات جو وقت ورتو. تار رستي اسان کي بمبئي ۾ اطلاع مليو. مون يڪدم ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي تارون ڪري اطلاع ڏنو ته مقرر تاريخ ۽ وقت ۴ مئي ۱۹۸۹ صبوح جو ائين اچي پرڌان منتريءَ جي نواس پهران اچي بيهن. انڪل ويهارو کن ميمبر وقت سر پهچي ويا، جيڪي جدا جدا شهرن مان آيل هئا. مراد اها هئي ته وفد کي اکل ڀارت سطح جي حيثيت هجي. سلامتيءَ جي سڀني ڏاڪن تان گذرندا، اچي عام دربار ۾ پهتاسون. اسان جي وفد کي هڪ وڻ هيٺان چالوءَ ۾ فراش وڇائي پٽ تي ويهاريو ويو. پوءِ اوچتو هڪ آفيسر ڊوڙندو آيو. اسان کي فراش تان اٿاري، هڪ چتري (Canopy) هيٺان پيل ويهارو کن ڪرسين تي ويهڻ لاءِ چيائين.

منهنجي من ۾ آنند ماڻڻ هئي. انڪس نه ڪوڙا هوس، پر بي - تاب (Excited) ضرور هوس. اڳي جڏهن سان به شري

سنڌي ٻوليءَ جي راڄڌانيءَ حقن لاءِ سڀا طرفان هلايل پرچار، پرڌان منتريءَ سان اهم ملاقات وغيره جي خبرن سنڌي جڳت ۾ چڱي اٿل پٿل ۽ جاڳرتيءَ جي لهر پيدا ڪئي ۽ پوءِ هڪڙو وڏو ڌماڪو ٿيو. سنڌ جي هڪ نامور پرسڌ سيڪيولر سنڌالاجي ڪٽنب سڄاڻ قيرومل جي فرزند، شري روچيرام ٿداڻيءَ، جنهن جو مان اڳواٽ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان ته اسڪولي جيون ۾ هن ئي مون ۾ قوميت جو ٻج ڇٽيو هو، جنهن هڪ ”ٻير“ اڀريو هو. هو ناگپور نواسي هو ۽ رٽائرڊ جيون گذاري رهيو هو. سنڌي ٻوليءَ جي پاولا سنڌس من ۾ ايڏو زور آڻيو، جو پنهنجي ليکي، راجيو گانڌيءَ کي خط لکي موڪليائين ته اگر هو، سنڌي ٻوليءَ جي واجبي حقن ڏانهن جي خاطري نه ڏيندو ته هو (روچيرام) ٢ آڪٽوبر ١٩٩١ تي مهاتما گانڌيءَ جي سماڌيءَ اڳيان پران تياڳ ورت رکندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ واقعي، ورهاڱي کان پوءِ ڪنهن سورهيه، سنڌي ٻولي صدقي پنهنجي پراڻن جي بازي لڳائي هئي. اڪثر پيڪر مڏي خارج ڪانگريسين کي ڇڏي، باقي ٻوليءَ جي سڀاڳي فردن ۽ سنسٿائن هن پرڌانيءَ جي آجيان ڪئي ۽ ڪيس واڌايون ڏنيون، سنڌس مرسيءَ جي ساراهه ڪئي. بمبئيءَ ۾ اکل ڀارت سطح جي سنسٿائن ايڪدم هڪ ڪوآرڊينيٽنگ ڪاميٽي ٺاهي، جنهن ۾ مون سڀا جي صدر جي حيثيت ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو. مراد اها هئي ته شري روچيرام ٿداڻيءَ جي پران تياڳ ۽ هڙتال جي حمايت ڪجي ۽ ان لاءِ سڀني ڀارت جي سنڌين ۽ سنسٿائن کي عمل لاءِ تيار ڪجي. ڪيس بمبئيءَ ۾ گهرائي ڪوآرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي مڙني ٻڌان پيڪيدار سواگت ڪيو ويو، اهڙي قسم جي بهادريءَ لاءِ سنڌس ڪردار کي ساراهيو ويو ۽ پورن سات ۽ حمايت جي خاطري ڏني وئي. ڪو. آ. ڪا. طرفان

ڏياريندو. ڀارت ۾ ٽڙي پکڙي وڃڻ کانپوءِ ڀارت جي پارليامينٽ ۾ سنڌي جاتيءَ کي هڪ به عيوضي ڪونهي. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج سيٽون ملڻ گهرجن. هڪدم حيرت ۾ چيائين: ”پنج سيٽون؟“ مون چيو: ”ها، پنج سيٽون! خيال ته ڪريو، اگر اسانجو وطن سنڌ ڀارت جو حصو هجي ها ته اسان کي پنهنجي سٺ ميمبرن جي اسيمبلي هجي ها ۽ پندرهن ميمبر پارليامينٽ ۾ هجن ها.“ مان اڃا ته اڪساهيءَ چوندو ويس: ”سنڌين پنهنجو سڀ ڪجهه، ديش تان قربان ڪيو ۽ هيٺ اوهان ڏسو ته سنڌين سان ڪهڙو وهنوار ٿي رهيو آهي! انڊيا ڪلچرل فيسٽيول ۾ سنڌي جاتيءَ جي ڪنهن به سچيتڪ ٽوليءَ کي ڀاڱو وٺڻ لاءِ دعوت ڪانه موڪلي وئي. پرسان پٽيل سيڪريٽريءَ کان پڇيائين، ”ائين ڪيئن ٿيو؟“ سيڪريٽريءَ چيو ”مان پتو لڳائيندس.“ وري مون چيو، ”اوهين ڇا سوچي سگهو ٿا ته پرجاوادي ڏينهن جي پريڊ ۾ سنڌي جاتيءَ جي شاندار تاريخ ۽ شاهوڪار سنسڪرتيءَ جي جهلڪي (Float) اڄ ڏينهن تائين نه ڪڍي وئي آهي. سنڌي جاتيءَ جي ڪيتري نه دل-خراشي ٿي ٿئي.“ وري به پرسان پٽيل سيڪريٽريءَ کان پڇيائين، ”ائين ڇو آهي؟“ سيڪريٽريءَ چيو، ”مان ان جو به پتو لڳائيندس.“ راڄيو ڏٺو ته هن بحث جي گاڏي نه ڪٿي رڪجي ٿي، سو منهنجي همت مان عرضو ولي، سيڪريٽريءَ کي ڏيندي چيائين، ”هن عرضي کي واسطيدار کاتي ۾ موڪلي، راءِ مون ڏانهن موڪلڻ لاءِ چيو ۽ هو اڳيان وڌي ويو. مون واچ ۾ ڏٺو ته پورا ٽي منٽ راڄيو گانڌي اسان سان گڏ رهيو. پوءِ اسان فوٽو کڍائڻ لاءِ عرض ڪيو. هو خوشيءَ سان اچي اسان جي گروپ جي وچ ۾ بيٺو، ڪئميرا ڪلڪ ڪري ورتو.

ويچار آيو ته سنڌي ٻچت، جيڪا لاچ، سنگت ۽ ڪٿا جو هڪ انوکو سنگم آهي ۽ سنڌ جي آڳاٽي لوڪ ڪلا جو سنڌر املهه آهي ۽ ٻوٽي حالت ۾ آهي، تنهن کي ڇو ڪين سڀني طرفان اوچ ڏيڻ لاءِ اٿن وٺون. سائين کي ڳالهه خوب وڻي. هڪ شخصي خط تيار ڪري، مون انڪل سو کن سڄاڻ شخصن کي نيپاڙو کن شهرن ۾ موڪلي ڏنو، جنهن ۾ پنهنجي خواهش جو به ذڪر هو ۽ اهو به ذڪر هو ته پنهنجي شهر مان سنڌي ٻچتن جا البا ۽ سنڌن پتو موڪلڻ جو قرب ڪن. هڪ اڌ دفعو وري به ياد ڏيارڻو پيو. پر اُن ڪوشش جو نتيجو سٺو ئي اڪتو. انڪل ويهن سنڌي ٻچتن جا البا ۽ پتا پهچي ويا. اسان کي خوشي ٿي. اسان اکل ڀارت سطح تي سنڌي ٻچت ميلو ۽ سيمينار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پورو هنڌ ڳولهڻ ۾ به وقت لڳو. آخر گونديا (مهاراشٽرا) شهر جي دلبر دوست لڇمڻ داس پوجواڻيءَ هٿي وڃي هنڌ ڪيو. شهر جي سڀني هلندڙ وارن معزز شخصن ۽ سنستائن جي عيوضين جي گڏيل سنڌي لوڪ جوتي ميلا سمتي ٺاهي، اسان کي دعوت موڪلي اهاڻين. ٽن ڏينهن لاءِ، ٢٧ کان ٢٩ نومبر ١٩٩٢ پروگرام تيار ڪيو ويو.

اسين تياريءَ ۾ لڳي وياسون. ميلي کي سٺو رنگ ڏيڻو هو ۽ هڪ اتهاسڪ واقعو ڪري پيش ڪرڻو هو. وٽن ٻچتن سان مهو کن لڪيڙه هلي هلي، ٻاهرن ٻچتن ميلي ۾ شامل ٿيڻ جي ٻڪ ڏني. آخر اڳ ئي ٻچت وڃي پيدا، پر اسين خوش هياسون، جو ورهاڱي کانپوءِ هيترن ٻچتن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪري سگهيا هئاسون. گهڻ ڳالهه ان هئي. ٻچتن کي پورو مان ۽ سنمان ڏيڻ لاءِ اسان رٿا ٺاهي. سنت ڪنوررام جي مورتيءَ تي اُڌ راس هڪ سهڻي ٽرافي تيار ڪرائيسين.

وڏو ننڍ گڏ ڪري، هڪ طرف پرچار جي مهم چالو ڪئي وئي، ٻئي طرف سڄي ڀارت مان انهيءَ ڏينهن لئي هزارن ٻارن ڪي ٢ آڪٽوبر ١٩٩١ تي مهاتما گانڌيءَ جي سماڌيءَ تي اچي پهچڻ لاءِ اپيلون ڪيون ويئون ۽ انهن لاءِ بندوبست رکيو ويو. اهڙي زوردار تياريءَ ڪانگريس اوچتو وچ ڪري ڇڏي. شري راجيو گانڌيءَ جي ڪئبينيٽ جي هڪ وزيراڻي شريمتي سروج کاربوڙي جي دلبي ڏاڍي تي ته پرڌان منتريءَ سان ملاقات ڪرائي. سندس سڀ طلبون پوريون ڪرايون ويندئون، شري روچيرام ٽاواڻي، پرڌان منتريءَ جي آستان تي چڙهي ويو. پرڌان منتريءَ ڪمس زباني خاطري ڏني ته سندس سڀ گهرون پوريون ڪيون وينديون. هو صاحب ڏاڍي پيار وانگر ٿلهي خاطريءَ جو رالڪو هٿ ۾ کڻي، پران ليائي ورت ٿان هٿ کڻي اچي لاڳپور ۾ واپس رهيو. سندي جڳت ۾ سدائو چالئجي ويو. سڄو مانڌاٽ ٽاس جي ٻڌي وانگر ڍهي اچي پٽ پيو. سندي جالي ۽ ڪم ڪندڙن کي شرمندي آئي پلئه ۾ پيئي. ان ڪانگريس پارٽ جي سياست ۾ وڏو سڌڪت جو سمو آيو. شري راجيو گانڌيءَ کي قتل ڪيو ويو. هڪ ٻئي پنيان گهوٽالا ۽ ڌماڪا ٿيندا رهيا آهن. راجنيتي حقن جي سوال کي اسان سڀا طرفان في الحال پاسيرو ڪري رکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اڄ ڏينهن ٽائين وري ان ڳالهه کي ڪوله کوليو الٿون.

منهنجي من ۾ هميشه اها اڀلاشا رهي آهي ته سڀا جي ٻئي هيٺ اسين نوان نوان پروگرام رٿيون، ڪم جو دائرو وڌايون، ورهاڱي ڪانگريس جي سندي جاليءَ جي تاريخ ۾ ڪي سهڻا باب جوڙيون. نوي واري ڏهاڪي ۾ گهڻو ڪجهه اهڙو ڪارج ڪيو ٿيو، جنهن جو مان صرف نوري ۾ پرڇهه ڪرائي سگهندس.

ڪلا جي الڳ الڳ پهلوئن تي عالماڻا پيپر پڙهيا، جن تي آرٽ ساهتڪارن، ڪلاڪارن ۽ خود پڙهندڙن پڻ کليل بحث ۾ حصو ورتو.

سڀا طرفان سنڌي ساهتڪارن لاءِ الڳ سيمينار ڪوٺائڻ جو جيڪو سلسلو ١٩٧٤ کان شروع ٿيو، سو پوءِ ته هر سال، پوءِ ٿوري ٿوري وچ وٿيءَ کانپوءِ قائم رهيو. اهي سيمينار ڀارت جي مکيه شهرن ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن هواخوريءَ جي هنڌن تي سڏايا رهيا، جتي سنڌي ساهتڪارن جو چڱو تعداد شرڪت ڪندو هو. سنڌي ٻولي، ساهت، سڀيتا جي ڌار ڌار ڪڙين ۽ ليکڪن سان لاڳو، مخصوص ۽ اهم وشين تي مقالا تيار ڪرايا ويندا هئا. هنن سيمينارن لاءِ مان اڪثر من پسند وشيه تي مضمون تيار ڪندو هوس. ڪافي محنت ۽ اڀياس جو وجهه ملندو هو. اهي مضمون مون اڳتي هلي ٽن ڪتابن ۾ ڇپايا. ستن مضمونن جو مجموعو، "ادب ۾ قدرن جو سوال" نالي سان مون ١٩٧٤ ۾ پنهنجي سورت پبليڪيشن طرفان ڇپايو. ١٩٨١ ۾ پنجن طويل مضمونن جو منهنجو ٻيو مجموعو، ڪونج پبليڪيشن وارن ڇپايو، جنهن کي ڀارت سرڪار جي تعليمي کاتي وٽان ١٩٨٢ ۾ ساهتڪ پرسڪار مليو. ٽيون منهنجن اهم ڏهن مضمونن جو سنگرهه، آڌونڪ سنڌي ساهتيه پرچار ٽرسٽ وارن جو ساليانو آل انڊيا سنڌي مضمون چٽاڀيٽي ۾ پهريون نمبر آيو، جن ان کي ڏيهي منهنجو ڌاڪار نالي سان ١٩٨٥ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مونکي ٻولي ۾ گهرائي عام جلسي ۾ انعام ڏنو ۽ ستڪار ڪيو.

ليکڪ سيمينارن جي ڳالهه ڪندي، گس کان ٿورو پرڀرو

هڪ مٽر (جيڪو سالو هميشه ٻڌهو رکندو آهي) کي مڃالو سمن ۽ هو هرهڪ ڀڳت لاءِ پارهن سو روپيا ڳوٺريءَ ۾ وجهي جيڪا ڀيٽ ڪندا سون، انهن ڪانسواءِ دشالو ۽ سندي نوٽي ٽڪ ڀڳتن کي ڀهرائيندا سين. ٻاڙا پتا ۽ ذلاسون.

دل هئي ته سندس ۾ ذلل ڀڳت وارو رنگ قائم رکجي. ٻنهي طرفن ماڻهو وهن ۽ ڀڳت ۽ سندن ٻولڙيا وچ واري ٻيڙري تي لڳن. سازندڙ مهڙ ۾ هجن. آدرش سندي ودپا مندر اسڪول جي کليل ميدان ۾ بندوبست مڙئين امولي تي رکيو ويو، پر امام گهڻي سرديءَ ڪارڻ مٿان شاميانو اڏيو ويو.

ڀڳت جو رس، مزو ۽ رونق ٻڌائڻ جي ڳالهه نه آهي. اِها اکين، ڪن، توڙي آتما جي ماڻڻ جي وستو آهي. گهڻي ڀاڳي ڀڳت وڏي عمر جا آزمودگار ڪلاڪار هئا. انهن ارابر هو ته پرڏ اوستا ڪارڻ، ڪن جي چمڪ ۽ لچڪ جهڪي ٿي هئي، پر پوءِ به هئن، سندي ڀڳت جي پرمپرا سان خوب نڀايو. ڪن ته خلق کي وجد ۾ به آڻدو پئي. ڀاڻ ته پئي اچيا، ٻولڙيا به پئي اچيا، اسين به پئي اچياسون، حاضرين ۾ ڪي شائق ۽ شوقين به لچيا پئي. تن ڏينهن جو واهه جو ميلو هو. اهي ٽي ڏينهن ڳوليا جا ٻار-ٻيا، جوان-جوالڙيون ۽ مائٽون رات ڏينهن لائين، سندن جي امر ڪلا جو آنند ماڻيندا رهيا. سڀا امڙيءَ جي فائونڊ فنگر فلمس جي مالڪ شري جيرام رويانٽي ۽ سندس ساٿي گوپ گولاڻيءَ جون ڀڳت تي وڊيو ڪئسيٽ تيار ڪرڻ لاءِ خدمتون حاصل ڪيون هيون، جن لئه ناچرڙا ساٿي سان ٽن ڪلاڪن جي ڪئسيٽ سڀا جي پنڌر هنان تاهي تيار ڪئي آهي، جيڪا هن ڪلا کي ايندڙ نسلن لاءِ سلامت رکڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش آهي. ميلي جي دوران ڀڳت ڪلا تي سيمينار به رکيو ويو هو، جنهن ۾ ڪن ودوان ساهتڪارن هن

ناٽڪ کي اوچ ڏيارڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي، جنهن جو ذڪر
اڳوات ڪيو ويو آهي. لنڊن ناٽڪن جا فيسٽيول ۽ چئمپئنشپون
سڀا جي پليٽفارم تان ٿيون. اهڙا ڏهه فيسٽيول الڳ الڳ
شهرن ۾ ٿي گذريا آهن. هت مان سنڌي ناٽڪ جي اوسر يا
تاريخ ۾ وڃڻ نٿو چاهيان. اهو منهنجو پرو وشيه آهي، پر اُن
جي ذڪر لاءِ هيءُ وقت ۽ جڳهه موزون نه آهي. سنڌي
ناٽڪ شتابدي سال جي يادگيري مون کي دراصل اسان جي
ناٽڪ لوڀس دوست شري مدن جماڻي ڏياري. پهريون سنڌي
ناٽڪ، جيتري قدر لکڻ جو سوال آهي ته سنڌ جي عالم فاضل
اديب مرزا قليچ بيگ ١٨٨٠ ۾ ”ليلا مجنون“، هندي ڏوهيڙن
جي طرز تي، ساڳي ٽالي واري جڳهه پرسند عاشقاڻي قصي جي
امداد تي ڌاهي تيار ڪيو هو. پر جتي سنڌي ناٽڪ جي منچ
تي ڪري ڏيکارڻ جو سوال آهي ته اها سڀاڳي گهڙي سال ١٨٩٤
۾ آئي، جڏهن پهريان سنڌي ناٽڪ منڊلي ٺهي. جي. سنڌ
ڪاليج اميچيور ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ مهاڀارت تان ورتل،
ماسٽر چيتاننداس ڪنڊداس پرياڻي جو تيار ڪيل ڊرامي ناٽڪ
دل دميتي ڪري ڏيکاريو. سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ اهو
مهتوپورڻ واقعو هو. سڀا جي ڪاميٽيءَ اڳيان مون رٿ رکي
ته سال ١٩٩٤ کي سنڌي ناٽڪ رنگ منچ شتابدي سال ڪري
ملهائڻ لاءِ، اسان کي سنڌي ناٽڪ ڪارن ۽ ناٽڪ منڊلين کي
ساٿ ڏيڻ گهرجي. اسان اهڙي اپيل ڪئي سڀني شامل سنسٿائن
کي عرض موڪليو ته پنهنجن شهرن ۾ ناٽڪ ٿوڻين سان ملي
سهڻي نموني ۾ سال ملهائين ۽ مرڪزي آفيس کي احوال
موڪلين. گهڻن هنڌن تي سٺا پروگرام رٿيا ويا. دهليءَ ۾ نه
اهڙي انسو لاءِ گوبند مالهي ۽ مون کي ته لولو آيو ۽ اسين
وڃي جنهن ۾ شامل ٿياسون. سنگيت ڪلا سنگم وارن شتابدي

ٿي، مون پنهنجن مضمونن جي ڳالهه اوهان سان ڪئي. اها به ضروري هئي. اوهان کي به ٻڌائڻي هئي. هيءُ ٿي نه پراڻو هند هو. سڄا طوفان ١٩٧٤ کان ١٩٩٤ جي ويهن سالن ۾ **پنڌ رهن** سيمينار ڪوٺايا ويا. انهن ته هر سيمينار پنهنجي ٻالي سان هو، پر جيپور جي گلابي شهر ۾ **پنڌ رهون** گهرايل سيمينار (١٩٩٤) لاجواب هو. گهڻيئي اهم ۽ الهاسڪ ڳالهيون هن سيمينار سان ڳنڍيل آهن. پهرين ڳالهه اها هئي ته هن موقعي تي ويچارن ۽ انهن مقصدن کي پاسيرو رکي، ڇولاڊ اٽڪل سوا سؤ کن اديبن کي لوٺو ڏنو ويو هو. مراد اها هئي ته انهن ويچارن جا اديب ۽ عالم ٽيبل جي چوڏاري ويهي، سڀا جي ڪارڻ ۽ سنڌي هلچل جي مرادن ۽ مقصدن جو پورو پورو، ڪليل دل سان جائزو وٺن ۽ آئينده لاءِ اسان جي راهه روشن ڪن. ان وشيه تي الڳ الڳ پهلوئن کان سڀاڻ اديبن کان مضمون به لکايا ويا هئا، جن جي بنياد تي ههڙي بحث ڪارگر ثابت ٿيا. هن موقعي تي سڀا طرفان هڪ بي شاندار روايت قائم ڪئي وئي. سنڌي ڀاشا جي **ٻارهن بزرگن** اديبن ۽ عالمن جو يادگار سنمان ڪيو ويو. جن سٺر ٻا سٺر کان مٿي سال سنڌي ڀاشا ۽ ساهت جي سيوا ڪئي هئي. هر هڪ کي سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي وڏي سيوا لاءِ **ٻارهن سؤ** روپين جي ٿيلهي، قدر شناسيءَ جو مانپتر، سنڌي ٽوپي خاص تيار ڪيل ٽرافي ۽ دشالو پيش ڪيو ويو. سنڌن سنمان راجستان جي گورنر بلرام **ڀڳت** جي هٿان ٿيڻو هو، پر سنڌس اوچتو دهليءَ وڃڻ ڪري، راجستان يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر مسٽر آر. اين. سنگهه اها رسم ادا ڪئي.

سال ١٩٩٤ سنڌي جاتيءَ جي اتهاس ۾ تاريخ اهميت رکي ٿو. اهو سنڌي ٻاٽڪ منچ جو شتابدي سال آهي. سڀا سنڌي

جو مهورت ڪندي، سنڌي ڪلاڪارن کي واڌايون ڏنيون ۽ جن ورهاڱي جي ڀاري ڌڌڪي کي جذب ڪري، ناٽڪ ڪلا جي سرجڻ ۾ پاڻ کي رڌل رکيو هو. فلم دنيا جو پرسڌ اداڪار اي. ڪي. هنگل مهورتي جلسي تي مکيه مهمان جي حيثيت ۾ حاضر هو، جنهن سنڌين کي پنهنجي ٻولي، ساهت ۽ ڪلا کي جيوت رکڻ جي ڪوشش لاءِ ساراهيو ۽ اُتساهيو. موقعي تي صدارت ڪرڻ جو شرف مون کي مليو. ٻنهي مهمانن هٿان چونڊ ڪلاڪارن کي سنمانت ڪرايو ويو. دهلن - دمامن ۽ شهنائين سان مهورت جي شروعات ٿي. ٻهراڙيءَ جو پڻ ڪلاڪار ۽ حاضرين شهنائين ۽ دهلن جي گونج تي بي سڌ ٿڃجي اچندا رهيا. مٿان جو وري اڇي مينگهه ملهار جي مهر ٿي ته، ٻيهي مؤلي جا ٻڙا هٽندا، سڀ پنهنجي ماڳ، راهي ٿيا.

سنڌي ٻولي کي وسيع ۽ گهڻگهرو بڻائڻ لاءِ، جاتيءَ جي ٻن مکيه طبقن - سنڌي نوجوان ۽ سنڌي استرين کي پڻ سنڌيت جي ڌارا ۾ ڇڪي اچڻ لاءِ منهنجي دلي خواهش هئي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀا جي جوڙجڪ ۾ اهڙي وڀاڳ پڻ جوڙيا ويا ۽ انهن لاءِ الڳ سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيا ويندا هئا. ۱۹۸۰ ۾ وڃي ان ڏس ۾ سڦلتا به ملي. ۲۶ ۽ ۲۷ جنوريءَ تي احمدآباد ۾ پهريون اکل ڀارت سنڌي نوجوان سميلن ڪوٺايو ويو، جيڪو نهايت سڦارو ٿيو. انهيءَ سال ۾ ٿوري ٿوري وقفي ڪالونيءَ ڪل ڇهه نوجوان سميلن ڪوٺايا ويا آهن. پنجون سميلن، ارڙهين اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن وقت الهور ۾ ٿيو، جيڪو شري ڪرشن کٽواڻيءَ، ۽ الهور جي انهن ساٿين جي همت ۽ اُتساهه سان ڪوٺايو ويو هو. هن سميلن وقت ئي استرين جي پڻ خاص الڳ بيٺڪ

سال جو اُنسؤ شاندار اموليِ رهيو. ايڪاڪن جو ميلو لڳايو، جنهن ۾ مڪاني ناٽڪ ٽولين ڀاڱو ورتو. ٻرڪ ڪلاڪارن جو جو سنمان ڪيو ويو. اُٺد رقم، ٽرافي ۽ دشالو ڀيٽ ڪيو ويو. اُنسؤ سرڳواسي مهان ڪلاڪار شري جيون گرسهاڻي کي ارپت ڪيو ويو هو. شتابدي جشن جو آخرين ۽ اکل ڀارت سطح تي پروگرام، سنڌ طوفان اسان ناگپور ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جو اُسان جي شامل سنسٿا سنڌي ساهت سڀا (ناگپور) اسان کي ڦرهائتو لولو موڪليو هو.

شتابدي اُنسؤ اسان وڏي پئماني تي ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو، جنهن ۾ اسان مکيه طور ٻه اُسر رکيا - هڪ طرف، سنڌيءَ جا ورهاڱي کانپوءِ پيش ڪيل بهترين ابدا ناٽڪ ڪرڻ جو وچار ڪيو سين، جنهن لاءِ ڀارت جي جدا جدا شهرن جي بهترين ٽولين کي لولو ڏنئي گهرايو سين ۽ ٻئي طرف، جنهن ١٩٩٤ ۾ اسان ساهتڪ کيتر جي ٻارهن اعليٰ هستين جو ڀيڪدار سنمان ڪري هڪ پرمپرا ٺاهي هئي، تنهن هن الهاسڪ موقعي تي پڻ ناٽڪ کيتر ۾ اسان اهڙي شاندار روايت قائم ڪرڻ ٿي گهري. سنڌي ناٽڪ لوڪ ۽ سنڌي رنگمنچ جي چوٽيءَهن مهارٿين، جن ورهاڱي کانپوءِ جي اٽڪل پنجاهه سالن ۾، سنڌي ناٽڪ ۽ رنگمنچ جا گهڻا پرڀا هئا، تن جو ساڳئي شاندار اموليِ سنمان ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. خاص ٽرافي ٺهرائي وئي، سهڻو مانپتر تيار ڪيو ويو، هر هڪ ڪلاڪار لاءِ ٻارهن سؤ روپين جي ٿيلهي به تيار ڪئي وئي. ٺهيڪاسواءِ سنڌي ٽوپي ۽ دشالو ڀيٽ ڪيو ويو.

ڇهين کان اٺين جنوري ١٩٩٥، ٽن ڏينهن جو جلسو، ناگپور جي بهترين ڊاڪٽر وسنتراءِ ديشپانڊي هال ۾ شروع ٿيو. مرهٽي منچ جي نامور ناٽڪڪار مهيش ايلڪنچور شتابدي اُنسؤ

١٩٩٦ ۽ ١٩٩٧ کان اهو ڏينهن سڀا طرفان به زور شور سان ملهايو ويو آهي. هو پنهنجي سنسٿائن طرفان اپريل جو آدر ڪري، پنهنجن شهرن ۾ ملهائڻ جي شروعات ڪئي آهي. هنن پروگرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ وارن ۾ قوميت ۽ سنڌيت جي ڀاونا جاڳائڻ وارا اهم رٿيا ويندا آهن، جن ۾ اسڪولي ۽ ڪاليجي نوجوان ئي ڀاڱو وٺندا ۽ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريندا آهن.

مون سنڌيت جي هلچل ۽ سڀا جي وهنوار ڪم ۾ زندگيءَ جو گهڻي ۾ گهڻو وقت، شڪتي ۽ ويچار ارپت ڪيو آهي. حساب ڪتاب نه ڪو نه رکيو اٿم پر ٿلهي لکمي پٽاندڙ منهنجو اسي سيڪڙو وقت، شڪتي ۽ ٻڌي پنهنجن آدرشن جي پالڻ پٺيان وتيت ٿيو آهي، تنهن ڪري پنهنجي خانگي ۽ شخصي معاملن ڏي گهٽ ڌيان ڏنو اٿم. ساهتڪ محاذ تي مقدار جي لحاظ کان ايڏو وڏو يوگدان نه ڏنو اٿم. ٽيوهن اصلوڪا ڪتاب ڇپيا اٿم. ٻه-ٽي ڇاپي لاءِ تيار به ڪري رکيا اٿم. ٽي پستڪ ترجمو ڪيا اٿم، جن ۾ هڪڙو **ماءُ** نالي سان جڳ مشهور روسي انقلابي ليکڪ **مئڪسم گورڪي** جو ساڳئي نالي وارو ناول آهي. ٻيو ڀارت جي تمام مشهور ليکڪ **ملڪ راج آنند** جي جڳ مشهور ناول **کولي** جو الٿو آهي ۽ ٽيون ”مرهٽي ساهتيه جي تاريخ“ جو ترجمو آهي، جيڪو مرڪزي ساهتيه اڪاڊميءَ جي آڇ تي تيار ڪيو ويو آهي. ساهتيه اڪاڊميءَ جي آڇ تي مون ٻه ٻيا مجموعا پڻ تيار ڪيا آهن - هڪڙو آهي **سنڌي چونڊ مضمون** ۽ ٻيو آهي **سنڌي چونڊ لوڪ ڪهاڻيون**.

ساهتڪ رچنيءَ ۾ ڪهاڻي منهنجي خاص ۽ پريه پسند آهي. اٽڪل ٻه سؤ کن ڪهاڻيون لکيون اٿم، جن مان

ڪوٺائي ويئي هئي، جنهن ۾ ڪافي پئسن پڳي ويو. ان ڏهن سمان جي خصوصيت اها به هئي ته مهورت سنڌي ڄاليءَ جي هڪ مهان شيوڪ دوارڪي سنڌراڻيءَ ڪيو، جنهن کي سنڌس اعليٰ شيوائن ڪري ٺڪّر سي انعام مليو هو. هنديءَ جو پرسنڌ ڪوي شو منگل سنگهه "سومن" مکيه مهمان طور آيو هو. ڇهون آخرين اکل ڀارت سطح جو سنڌي نوجوان سميلن، سنڌي ڀڳت ميلي جي موقعي (١٩٩٢) تي ٿيو. ڏاڍو ڪامياب ويو. اکل ڀارت سنڌي نوجوان سڀا ٻيا ڪرڻ جو فيصلو ورتو ويو. هڪ نوجوان اشوڪ وڌياڻيءَ کي سنسٿا جو سيڪريٽري ڪري چونڊيو ويو. سميلن ڪرڻ جي ٻه هفتا شروعات ٿي ۽ سنسٿا جي جوڙجڪ جو مسودو ٺاهڻ بابت ڇڪو به تيار ڪيو ويو. سنڌي نوجوان سڀا طرفان دهليءَ ۾ دوردرشن خلاف زوردار مظاهرو به ڪيو ويو. سڀا جي شاخ دهليءَ ۾ ٻيڻ ٻيا ڪئي ويئي. ٻر ٿوري وقت ۾ شري اشوڪ وڌياڻيءَ اهڙو رخ ڏيکاريو، جو سنسٿا اڳتي وڌي نه سگهي. هو سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ توڙي نوجوان سڀا جي سيڪريٽري پد تان استعيفا ڏئي هليو ويو. سڀا الهيءَ ڪارڻ ڪي في الحال اڳي ٿي رهڻ ڏنو.

سنڌي نوجوان طبقي جي سجاڳيءَ ڏانهن اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا وڏو پٽ آهي. ان سوال تي لئين سر سوچ ڪري ڪاروباري ڪاميٽي، ١ آڪٽوبر ١٩٩٥ واري ميٽنگ ۾ ڪوناپال ميز ۾ هڪ اهم فيصلو ورتو ته شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو شهادت ڏينهن، ٢١ جنوري هر سال سنڌي نوجوان ڏينهن ڪري سڀا طرفان به ملهايو وڃي ۽ ٻين سنڌي سنسٿائن کي پڻ اهو ڏينهن ملهائڻ لاءِ اپيل ڪئي وڃي. ان فيصلي مطابق

سنڌي ٻوليءَ ۾ منهنجي جملي ڪمن لئي ڏهه هزار روڪ ۽ ٽرافي مليو. ٻيو "ڀارتيه ڀاشا پريشد" وارن منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي "اوهين سڀ سنگا آهيو" کي سنڌيءَ ۾ پوئين ٽن سالن لاءِ بهترين رچنا ڄاڻائي، مولڪي ٽرافي ۽ پندرهن هزار روڪ انعام پڌرو ڪيو ۽ ڪلڪتي ۾ گهرائي (فيبروري ١٩٩٧) انعام ڏنو ۽ سنمان ڪيو.

منهنجو اهو وشواس ڪڏهن ڪونه رهيو آهي ته جيڪو ليکڪ گهڻو ٿو لکي، اهو سٺو يا اعليٰ ليکڪ آهي، تنهن ڪري گهڻو لکڻ جي موهه ۾ مان ڪڏهن به ڪونه ڦاٿو آهيان. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪي اهڙا به ليکڪ هئا، جن سوين پستڪ لکيا، پر اتهاس ۾ سندن ذڪر به ڪونه ٿيو. ٻئي طرف ڪي ليکڪ اهڙا به هئا، جيڪي هڪ-ٻن رچنائن لکڻ تي پڻ اتهاس ۾ امر ٿي ويا. هر ڀيرو پنهنجو نالو ڇاپي ۾ ڏسان، اهڙو حرص به ڪونه رهيو اٿم. جيڪي لکان، سو هر ڀيرو ڇپجڻ گهرجي؛ اهڙي تشنا کان به پري رهيو آهيان. دراصل منهنجي تخليقي پرڪريا ڪجهه اهڙي آهي. ڪو واقعو، ڪو وچار، ڪو ڪردار، ڪا ڳالهه، ڪو آزمودو، ڪو تصور، ڪو اڪثو يا ٻيو ڪجهه به اهڙو، جيڪو من يا ذهن کي ڇهي وڃي ۽ سوچ جون لهرون پيدا ڪري ۽ تخليق لاءِ آماده ڪري، اُن کي مان سانڍي گهمندو آهيان، ذهن ۾ اُن جي پرورش ڪندو آهيان، ٻج کي ٻوٽي جو آڪار ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ڪيترا انيل وچار يا جذبا، سڄي ڄمڻ کان اڳ ئي مرجهائجي ويندا آهن، ڪي ٻاهر ڪونه سگهندا آهن، پر جي ڪو اُن جي خواهش ڏيکاريندو آهي ته پوءِ مان ان کي تصور جي ٻارن لئي اڏائيندو آهيان. ان کي وڌيڪ ڦهلجڻ ۽ پاڻ ڪولڻ ۾ مدد ڪندو

ڪيتريون منهنجون ڇهن ڪهاڻي سنگرهن ۾ اچي چڪيون آهن، جيڪي آهن: هوءِ (١٩٥٦)، درد، جو دل ۾ سمائجي نه سگهيو (١٩٦٦)، نئين ليلائي، نئين مجنو (١٩٨٧) ۽ اوهين سڀ ننگا آهيو (١٩٩٣). سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ مون ريڊيا ناٽڪ پڻ لکيا هئا، جن مان اٺ گڏ ڪري، "سوريءَ سڏ ڪيو" نالي مجموعي ۾ ڇپايا هئم (١٩٧٢). هڪڙي ٻي منهنجي اهم رچنا آهي - "سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد"، جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ تي هڪ طويل مقالو آهي، جنهن ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ خاص طور ورهاڱي کانپوءِ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو تفصيلي تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. اهو ڪافي سراهيو ويو آهي ۽ سنڌي طور تي ڪم ايندو آهي. تنهن کانسواءِ اڻڳڻيا ليک / مضمون ۽ ٻيون رچنائون، جيڪي سنڌي مخزن، رسالن ۽ اخبارن ۾ پنجاهه سالن کان ڇپبا رهيا آهن، تن جو ته ڪو ڳاڻاٽو ئي ڪونه آهي؛ سڀن ۾ ٽي سگهان ٿو. انگريزي ڀاشا ۾ پڻ مون گهڻو لکيو آهي ۽ مخزن توڙي معياري اخبارن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي.

انعامن جي فصل مان به منهنجي جهول ۾ ٿورو حصو آيو آهي. هن مليل انعامن جو مون هن کان اڳ ذڪر ڪيو آهي. انهن کانسواءِ ٻيا به ڪي انعام منهنجي پلئه پيا آهن. سڀ جي پهرئين انعام کان جيڪو ساهتڪ ڪم لاءِ انعام سري هور جهل منگهاڻيءَ طرفان سال ١٩٨٣ کان ٻرپا ڪيو ويو هو، اهو انعام مونکي ١٩٨٦ ۾ عطا ڪيو ويو. مهاراشٽرا راڄ سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان مونکي ٻه ڀيرا پرسڪار ملي چڪو آهي. ١٩٨٧ ۾ سال جي بهترين پستڪ لاءِ مونکي منهنجي مضمونن جي مجموعي "ٻيهي منجهه ٻاهر" تي ڏهه هزار نقد انعام ۽ ٽرافي ملي ۽ سال ١٩٩٤ ۾ مهاراشٽرا اڪادميءَ طرفان

ليکڪ جي پنهنجي قوت ۽ ذات سان واسطو رکي ٿي، جيڪا سڀني وقت ساڳئي مقدار واري نه آهي.

منهنجي تخليقي قوت جي ڳالهه لکندي آهي ته پوءِ هيءَ به ڳالهه اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان. منهنجن دوستن ۽ گهڻگهرن کي اڄ ڏينهن تائين اها قربانئي شڪايت آهي ته مون پنهنجي رچناتمڪ شڪتيءَ کي سنسٿائي ۽ راجنيتڪ ڪارڻ لئي قربان ڪري ڇڏيو آهي، ضايع ڪيو آهي. شايد هو پنهنجي ڪٿ ۾ صحيح به هجن، پر مون کي اُن جو هرگز ڏک نه لڳو آهي. مون پنهنجو جيون، پنهنجي شڪتي ڪنهن آدرش پٺيان ڏني آهي، جنهن کي ضايع قرار ڏيڻ، منهنجي سمجهه ۾ ناسمجهي آهي. هيڏو ڪارڻ ڪندي اڄ به ويهارو کن ڪتاب ته لکيا اٿم. ڇا اها حاصلات گهٽ آهي؟ ٻين گهڻن اهڙو حاصل ڪيو آهي؟ مون کي پورن سنتوش آهي. پنهنجن رچنائن جي لسٽ ۾ اڳ، ڏهاڪو کن ٻيا به ڪتاب ڪٺي جوڙيان ها ۽ ٻئي طرف پنهنجي اندروني قرباني (رچناتمڪ ڪارڻ) جي نتيجي ۾ ڏسان ويٺو ته منهنجي اهڙي ڪوشش سان سنڌي جاتي، ڀاشا، سڀيتا ۽ ساهت کي جيڪو ٿورو لاڀ مليو آهي، سو مون لاءِ وڌيڪ قيمتي آهي، فخر جو باعث آهي. شخصي شان، مرتبي، ساراهه، يا سنتوش کان جاتيءَ جي مان - مرتبي، ڀاشا ۽ ساهت جي وجود ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪارڻ، وڌيڪ ملهائتو ۽ آنندمئه ڄاتو اٿم.

شخصي معاملي ٻيو پهلو آهي، منهنجي خانگي زندگي - پرِوارڪ جيون جو کيتر، جنهن ۾ پڻ مون پنهنجي طرفان ڪجهه ڪوتاهي ڪئي آهي، پر منهنجي اڌ شريڪي، سوشيلا ۽ منهنجن ٻچن ڪڏهن به اهڙي لڪ پوڻ نه ڏني آهي. سوشيلا ڪڏهن ڪڏهن رنجش جو اظهار ڪيو آهي، جيڪو ڪن - ساعت

آهيان، جڏهن پنهنجي قوت ۽ قابليت جو انديش منهنجي اڳيان ڪنهن حد تائين اظهاري ٻاهاري سگهي. اهو انديش پڻ پورن ٻا سؤ ٽڪا چٽو نه به هجي؛ اهو ڌنڌلو ئي سهين، پر ليکڪ جي اڳيان جي هڪ سڄو آڪار نه ٿو اڀري ته پوءِ هو ان کي پنهنجن لفظي قوتن سان مڪمل بڻائي، سڄي رچنا جو نرماڻ ڪري سگهي ٿو.

هت مان هڪ ٻي ڳالهه به ڪرڻ ٿو گهران، جيڪا منهنجي پنهنجي لکڻي جي خصلت آهي. جڏهن منهنجي تصور ۾ ڪنهن رچنا جو چٽ اڀري اچي ٿو، ته پوءِ مان لکڻ ٿي ويهندو آهيان ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته مان هڪ ويهڪ ۾ ڪا رچنا پوري ڪري اٿان. اڪثر به ٿيندو آهي ته قلم ڪٿي اڳتي چرڻ کان انڪاري واري ويهندو آهي. مان زوري لکڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهيان. پر ڪٿي اهڙي دفعا ناغو (interval) ٿئي، مان ان ڪو نه ٿيندو آهيان. هونئن ته ڪنهن به ڳالهه ۾ زور ڪرڻ يا زبردستي ڪرڻ کان ڪم وٺڻ منهنجي فطرت ۾ نه آهي. جڏهن هڪ دفعو رچنا لکجي تيار ٿي وڃي ته مان يڪدم ڇپڻ لاءِ ڪونه موڪليندو آهيان. سنواري سڌاري ۽ سوڌي ٻيو دفعو ته ضرور لکندو آهيان. جي اڃا به من ۽ ذهن کي چيز نه آئڙي ته ٽيون دفعو به لکڻ کان آر نه ڪندس. اها ريت هر ويڙهو سڀني رچنائن سان لاڳو نه آهي. منهنجو مت اهو آهي ته ڇپڻ لاءِ اها چيز (لکيت) ڏجي، جيڪا پهرين خود پاڻ کي پسند پوي ...... ۽ مان انهن ماڻهن (خلقيندڙن) مان نه آهيان، جن کي پنهنجو ڪاڻو پٽ به ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي - پيارو پٽ هجي؛ پر بدصورت کي خوبصورت چوڻ پاڻ کي ٺڳڻ آهي. منهنجو اهو ئي انديش رهيو آهي ته ٿورو لکان، پر سٺو لکان. سٺي جو معيار برابر هر هڪ جو پنهنجو آهي ۽ سٺي جي نسبت هر هڪ

هائوسنگ بورڊ جي آدرش نگر ڪالوني (ورلي) ۾ ٻن رومن واري جڳهه ۾ اچي ٿاڻيڪا ٿياسون. هتان ئي ننڍي پٽ پيار جي شادي ڪري، پنهنجي پنهنجي ونيءَ وٺي، وڃي الڳ گهرن ۾ رهيا آهن. اٽڪل ٽيهارو سال مون جڳهين ٺهرائڻ جو ڌنڌو ڪيو، پر پاڻ ٻن رومن واري ننڍڙي مڪان ۾ ئي اڄ تائين رهيو پيو آهيان. مون ڪنهن به هيرا ڦيري ڪرڻ کان بلڪل پاسو ڪيو آهي. سوبتا ۽ موهنيءَ کي ان لاءِ ڪنهن به قسم جو ارمان ڪونهي. بلڪ فخر جو احساس آهي. هوءَ به سنتوشي آهي. چوندي آهي، جڏهن اسين بئرڪ ٽائيپ گهرن ۾ رهندا هئاسون، جتي ڪوٺا پيا هڪ ٻئي پٺيان ڇتين ۾ ٻوڙندا هئا، تڏهن مون "سائينءَ کان هڪ ئي ڳالهه گهري هئي ته موهنيءَ کي سيمين ڇت وارو گهر ڏي. "سائينءَ" منهنجو عرض اگهايو، هاڻي موهنيءَ کي ڪجهه ڪونه کپي. مان هن گهر ۾ بلڪل خوش آهيان، جتان اسان جا سڀ ڪارج پورا ٿيا آهن. هوءَ ڌرمي خيال جي آهي. سندس مک ۾ هميشه اهي اکر هوندا آهن: "سائين تنهنجا لک لک شڪرانا.... سڀڪي ڏنو اٿيئي، اڃا ڏي... پنهنجي هلندي هلائج..."

اسانجو هڪڙو ننڍڙو پرِوار آهي. ٽن پٽن جا ٽالا ته مٿي چاڙهيا اٿم، جن مان وڏو ۽ وچون ڊبل گريجوئيٽ آهن (ارٿ شاستر ۽ فلاسافيءَ ۾)، ننڍو صرف گريجوئيٽ آهي. امپروار سندن پتنيون آهن - ساوتا، سپنتا ۽ سنگيتا. ٻهراڻيون ٻه وري ٻه ڊبل گريجوئيٽ آهن (اتهاس ۽ سائيڪالاجي) ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائينديون آهن. ننڍي گريجوئيٽ ۽ گهر ڌڻياڻي آهي. ٽي پوٽا آهن: آنش، اڪالت ۽ سداوت ۽ ٻه پوٽيون آهن: نروُوپا ۽ ديپا، جن ۾ ٻهراڻا به ڪاليج ۾ ۽ پويان ننڍي پار اسڪول ۾ تعليم وٺندا آهن. ٽيرهن پالن جو هيءَ ڪتاب

لاءِ روساميءَ لائين محدود هوندو آهي، باقي ٻيءَ طرح هن
ٻانڍ کي، ٻارن کي ۽ خود مونکي سنڀالي رکڻ ۾ اُن پرسندا
پاليءَ ۽ جيون جي سڦلتا ڄاتي آهي، منهنجي هر قسم جي
بيپرواهي، رکائي ۽ غفلت کي گهڻي ڀاڱي نظرانداز ڪيو آهي
يا وڌ ۾ وڌ هلڪي منهن گهٽائڻ لاءِ ائين محدود رکيو آهي.
مان ائين اصل قبول ڪونہ ڪندس تہ مون سوچنا ۽ سندس
ڪکہ مان ڄاول ٽن شهزادن کي پنهنجو پيار نہ ڏنو آهي.
ڪين مون ڀرپور پيار ڪيو آهي. ان جي اظهار جو طور طريقو
ڀلي ٻين کي سگهي نہ. باقي ايترو مڃيل حقيقت آهي تہ مان ڪين
شخصي سطح تي گهڻو وقت ۽ ڌيان نہ ڏئي سگهيو آهيان.
پر ان ڳالهہ جي ڪمي سندن ماءُ اهڙي تہ خوبيءَ سان پوري
ڪري ڇڏي آهي جو ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڇڏيو، پر زبان
لوڙي ڇهري تي لکہ بہ ڪانہ ڏيکاري اٿن. ماءُ جي اُسمت
پيار، شيوا ۽ قربانيءَ جو فائدو ۽ لاڀ منهنجي جهوليءَ ۾ بہ
پيو آهي، جو ٻار نہ ڪيس اصل پوڄيندا آهن، پر مونکي بہ
بيحد گهڻو پيار ۽ عزت ڏيندا آهن، ايتري حد تائين جو ڪڏهن
سوچنا مون تي ڪاوڙجي ويندي آهي تہ ٻڌو اٿم (سوچنا ئي،
مونکي ٻڌائيندي آهي) تہ ٻار ڪيس چوندا آهن: ”تون ڀلي
اسان تي ڪيترو بہ غصو ڪر، پر پاپا کي ڪجهہ بہ نہ چوندي
ڪر.“ هن ڪان وڌيڪ، مونکي ٻيا ڪهڙا سولن ٻلن جا انعام
گهرجن؟ مونکي سڀ آنند ۽ دل جي راحت ملي آهي. ڪڏهن
پڇت کي تہ ائين بہ چوندو ٻڌو اٿم تہ ٻئي جنم ۾ بہ اسان کي
هيءُ پيءُ ملي.

اسان ٽنهين ڀيڻ - ڀائرن، اُڻون ۽ روئيءَ کي سادگيءَ سان
پالڻو آهي. پر هر انڌي وڏي گهرج جو پورائو ڪيو آهي.
ٻهراڻ تہ ڪين گهرن ۾ زندگي بسر ڪئي سين. ١٩٦٢ ڪالهوءَ

لوڙهي قوم سان ڪمل، سالن جي لڳاتار وڇن ـ ٻڌائا ترڪ ڪري ڇڏي.

هن موقعي تي اسان کي اچا ٿ، وڏي خوشي ان ڳالهه جي آهي ته اسان جي پياري ”اُمان“ ۽ ”مما“ سويتا، جنهن جو مطلب آهي سونهن (سچ)، پنهنجي پٽ کي پوري جيون ساٿ ڏنو آهي. هوءَ ته ٧٣ سالن جي ڄمار ۾ پهتي آهي ۽ ڄاڻ پليٽينم جبلي ملهائڻ واري آهي. هوءَ پوري پريوار لاءِ سنيهه جي ڇتري آهي، اُساهه جو ڦوهارو آهي. سندس سچي دل سان ڪيل پرارٿنا ۽ آسيس اسان جي ڍال آهي ۽ اسان مٿان شانتي ۽ خوشيءَ جي برکا ڪندي آهي. هن موقعي تي جي اوهين اسان کي اچي درشن ڏيندا، ۽ گڏجي واهي اسان سان پوڄن ورتائيندا ته اسان کي بيحد خوشي ٿيندي. هن دعوت تي سڀني ٻارن جا نالا ڇپيل آهن.

ڪيترن ملڪن کان ٻاهر جي مترن جا خط، ٽيليفون ۽ تارون رستي دل ڇهائيندڙ سنديش آيا. ممبئي ۾ رهندڙ جنهن اُتسوَ تي اٽڪل ڏيڍ سؤ کن ساهتڪار، ڪلاڪار، ودوان ۽ ٻيا دوست ۽ عزيز شامل ٿيا، جن گڏجي کاڌو کاڌو. هن موقعي تي ڪن دلبر دوستن شڀ اڇائن جا ٻه اکر ٻه ڳالهايا، جن ۾ خاص هئا: اي. ڪي. هنگل (فلمي ستارو)، گوبند مالهي (مشهور ساهتڪار)، پرڪاش ڀاردواج (جوتش ودياجو ڄاڻو)، گهنشام واسواڻي (سنگيتڪار) ۽ ٻيا.

هن سال جو ٻيو اهم واقعو هو، سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان سڏايل ويهون اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن ۽ سنڌي هاسٽل جي چاليهين سالگره جو اُتسوَ، جيڪو جئپور جي ڪلائي شهر ۾ ملهايو ويو، جتي هاسٽل جي چاليهن سالن جي اتهاس جي پردرشني پڻ رکي وئي هئي. ٻه سؤ چاليهه سنڌي

بيحد خوش ۽ ساز سلوڪت ۾ رهندو آهي، جيڪا منهنجي لاءِ هڪ نعمت ۽ مسرت جي شيءِ آهي. ٻنهن جي الڳ جو منهنجو انسان کي ڏاڍو گهڻندو ڪولو آهي. سڀئي هڪٻئي ڏانهن تمام محبتي ۽ مهربان آهن. اڪثر هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ سڄو پريوار هڪ هنڌ ملندو آهي، ڪل خوشيءَ ۾ ڪاڻو ڪاڻي، پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيندو آهي. هيءُ منهنجي لاءِ خوشيءَ جو خزانو آهي.

١٩٩٧ جو سال منهنجي لاءِ تمام اهميت وارو سال رهيو آهي. ڪيترائي اهم ڳالهيون هن سال ۾ ٿيون آهن: ٣، جنوريءَ تي مون پنهنجي جيون جا **٧٥ سال** پورا ڪيا. منهنجن ٻارن پنهنجي سالگرهه ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو، انڪل ٻن سون مائٽن ۽ مترن کي دعوتنامو موڪليو، جنهن ۾ ڪجهه هن ريت لکيائون: اسان جي خوشي، حدون ٽپي پار ڪري وئي آهي. اسان جي پيءُ **ڪيرت**، جنهن کي ٻچا ۽ ڏهٽرون ڏاڏا ۽ پوٽا ۽ پوٽيون بابا ڪري ڪوٺيندا آهن، پنهنجي گوناگون زندگيءَ جا ٧٥ سال پورا ڪيا آهن. سندس چمڪندڙ چهري مان ڪاميابي ۽ سنتوش جون جهلڪون پسجي سگهجن ٿيون. هن ٣، جنوري ١٩٢٢ کان ٢، جنوري ١٩٩٧ تائين ٧٥ سالن جو سفر پورو ڪيو آهي. هو جيون جا ٽي **ورڻ** پورا ڪري، ڀارتي فلسفي موجب، چوٿين ورڻ - **سنياس** ۾ پرويش ڪري رهيو آهي، جنهن جو مطلب آهي سنسار جو تياڳ. پر هو ڪرم جو پڄلو آهي. پنهنجي سڄي سيوا ڪارڻ، هر سک - آرام ۽ شانتيءَ ايڪانت ۾ رهڻ جو حقدار آهي. پر اسان جي پريوار ۾ اهو عالم آشڪار آهي ته نڪو هو ٿو چاهي ۽ نڪو اسين، سندس ٻار ٿا چاهيون ته هو سرگرم جيون جي مارگ تان هٽي وڃي ۽ جالي

مهنجي من ۾ اهو انديشو اڀريو ته جي اڄ اسان سڀا جي لاءِ ايءَ قطار ۾ اڳواڻي ڪندڙ سدسيا نه تيار ڪريون ته پوءِ امڪان آهي، ته ڪڏهن به وقت خال پيدا ٿيڻ تي سدسيا جو ٻالڪو ٿي اچي پٽ پوي. ڪڏهن ڪٿي نه اڳيان آٽڪو آهي، جنهن جوش جهلندي رهي. هيءَ ئي وقت آهي جو ڳڻ ڳوت ڪري، ڪڏهن هڪ ارجنتي اديب کي اڳيان ڪري، جوابدارين مٿس رکون، جنهن ڪڏهن به اوچتي حادثي ڪارڻ سڀا جي اڳواڻيءَ ۾ خال نه پيدا ٿئي. مونکي به چار اهڙا ايماندار، ڪارڪن نظر ۾ هئا، جن ۾ قوتون جهجهيون آهن، صرف وشواس ۽ ساهس جي ڪمي آهي. انهن سائين بابت پڻ چڱي ڳڻ ڳوت ڪري، مون آخر سندر اگناڻيءَ تي پنهنجون اکيون ڄمايون. پر هو نريءَ ٽيل لڳڻ تي نه ڏئي. مون هن سان دوستاڻي لکپڙهه جاري رکي. پوري حالت کيس سمجهائي ۽ زور ڀريو ته هو سڀا جي جوابداري هٿ ۾ کڻي، ڇاڪاڻ ته مون پاڻ بابت پڪو نشچو ڪري ڇڏيو آهي ته، ڪڏهن به حالت ۾ سڀا جي صدارت قبول نه ڪندس. اهو ٻڌڻ هلڪو دڙڪو به هو. آخر لائين آناڪاني ڪندو رهيو. مون کيس لکيو به وچن ڏنو ته مان پوڏان پد تي نه هوندي به، سڀا جو اهڙو ئي ڪارج ڪندو رهندس، جهڙو هاڻي ڪري رهيو آهيان. چيائين: ”چٽ ڏئي، تون ڪاٿ مهنجي ڪلهي تي نه رکڻ چاهين!“ مون چيو: ”سندر، هيترن سالن ۾ نه ڪيرت کي اهڙي امولي سڃاڻو آهي؟ هڪڙو سال آزمائي ڏس. اگر مان پنهنجي قول ۾ پورو نه لهان ته تون سال ڪاٽوهه استعيفا ڏئي وڃجانءِ. مان وري توکان واڳون وٺندس....“ قصو ڪوتاهه، مون ماڻهيءَ ۽ ٻين وڏڙن سائين کان ٻڌ سندر اگناڻيءَ جي نالي لاءِ رضامندي ورتي. سڀا جي جنرل باڊي، جنهن ۾ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر ۽

ساهتڪارن، ڪلاڪارن، ودوانن ۽ ٻين سنڌيت جي شيدائن کي
خاص دعوت ڏئي گهرايل هو ته، چاليهن سالن جي هلچل جو
تنقيدي جائزو وٺي ڪيئن پيشين نئي چٽو ڪري، آئنده
لاءِ راهه روشن ڪن. هن موقعي لاءِ، مون پنهنجي ساري ۾
هڪڙو اهم فيصلو وٺي ڇڏيو هو. سڀا جي ٣٧ سالن جي سنسٿائي
وجود جو انڪل طور اڌ وقت مان سڀا جي صدارتي پد تي
رهي چڪو هوس. مون گذريل ٻن ٽن سالن کان محسوس پئي
ڪيو ته اهو پد ڪنهن ٻئي لائق ۽ قابل نوجوان ساهتڪار کي
ملڻ گهرجي، جنهن لاءِ مون وٽ ٻه ڪارڻ هئا. هڪ اهو ته
ڪنهن به سنسٿا جي مکيه پد تي (باوجود لائقيءَ جي) ايڏو
وڏو مدو نه رهڻ گهرجي، جو ائين سمجهڻ ۾ اچي ته مان اهيءَ
پد کي چهٽي پيو آهيان ۽ گديسر وانگر چڙهيو ويٺو آهيان.
گذريل ٻن ٽن سالن ۾ مون پنهنجن تمام ويجهن هم-ڪم ڪندڙ
ساٿين سان پڻ ان سلسلي ۾ پئي ويچار ونڊيا، پر گهڻو ڪري سڀني
منهنجي ان رٿ کي نا-سوڪار پئي ڪيو، اهو دليل ڏئي
ته ٻهراڻ اهڙي پد کي سنڀالڻ لاءِ، ڪنهن ساٿيءَ کي تيار
ڪجي، پوءِ توڻي اهڙو قدم کڻجي، نه ته دپ آهي ته سڀا جو
ڪارڄ لپ ٿي وڃي. ڪن ته ائين به پئي چيو، ”تون سڀا کي
شايد ٽالو لڳائڻ ٿو چاهين. جنهن ڪارڄ کي پنهنجي زندگيءَ
جا بهترين سال ڏنا اٿئي ۽ ويهارو سال جيءَ جان سان سنواريو
اٿئي، تنهن کي هن اولي ڇڏي وڃين، جڻ ڪارڄ سان
بي-وفائي آهي ۽ ڇاٽي واٽي جوکم جو قدم کڻڻو آهي.

مون ڄاتو ٿي ته هيءَ مٺر سڀا ۽ سنڌيت جي ڪارڄ جا
سڀا هنڌ ڏوکي آهن ۽ سچي دل سان امڪان، انديشا ۽ خطرا
محسوس ڪري رهيا آهن. ڪنهن حد تائين سندن دليلن ۾
وزن به هو، پر مون پنهنجو فيصلو، اٽل ڪري ڇڏيو هو.

ڪندا آهن. ڪير منهنجن ويچارن يا عقيدن کي مڃي ٿو يا نه رکي ٿو، تنهن جو اولو ڪونه رکندو آهيان ۽ انهن کي اظهار ڪرڻ ۾ ڊپ يا سنڪوچ نه ٿيندو اٿم. مان اُنهن مان نه آهيان، جيڪي مڃين هڪ ڳالهه، ڊپ وچان، چون ٻي ڳالهه ۽ مطلب لاءِ ڪن وري ٽين ڳالهه. اڄ جي دنيا ۾ اهڙن مطلب پرست ماڻهن جي اڪثريت آهي ۽ هموار سطح تي اهڙن ماڻهن جو بول بالا آهي. عام رواجي انسان اهڙي پاکنڊ ۽ بهروپ جي هلت-چلت ڪري نه، درگذر ڪري ڇڏجي، پر سچائي ۽ ايمانداريءَ جون ٻڙڪون وڄائيندڙن ۽ وڏن اصولن جا گهنڊ ڳچيءَ ۾ وجهي هلندڙن جا ڪرتوت به اهڙا هجن ته پوءِ ڇا چئجي ... خير!

هر قسم جي قدامت پرستيءَ کي مان الوداع ڪري چڪو آهيان. اڪثر لوڪ پنهنجن پراڻن ۽ مذهبي خارج عقيدن ۽ ويچارن کي مشڪل سان ڇڏيندا آهن، پنهنجو اُباڻو "ورثو" سمجهي ان کي چهٽي پوندا آهن، اُن کي ئي اٽل سچ سمجهي ويهندا آهن ۽ ان جي ٽوڙ کي قيامت قرار ڏيندا آهن. منهنجو جيون جي هر وهنوار، ويچار ۽ چيز ڏانهن عقلپرستيءَ جو رخ رهندو آهي. گنل-پيٽل، اڳواٽ مڃيل-مقرر ڪيل ويچارن کي مان مشڪل سان قبول ڪندو آهيان. قبول ڪيل ويچارن کي تنقيدي نظر سان ڏسندو آهيان. اگر منهنجو ڪو به ويچار ڪڏهن به غلط ثابت ٿئي ته ان کي ڪڍڻ ۾ اجهو نه ڏيندو آهيان. کليل دل سان پنهنجي غلطيءَ جي قبوليت ڏيندو آهيان. مان ائين مڃيندو آهيان ته هر ويچار يا قدر لاءِ عقل جي پرک ئي سچي پرک آهي.

مان سڀني هزارن ٻنڌڻن کان مڪت آهيان. منهنجي ڀاونا ڪنهن به انڌي قدر کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، سڀني

سڀا سان شامل سنستائن جا عهديدار ۽ عيوضي حاضر هئا، جنهن ۾ سڀا جي آئيندي صدر لاءِ مون شري سندر اگراڻيءَ جي نالي جي رٿ ڏني. گوبند ماليءَ رٿ کي ٽيڪو ڏنو ۽ ٻڪراءِ سڀا جي صدارت لاءِ سندر اگراڻيءَ جو نالو ڪڍيو ويو. ٽڪڙي تاڙيون ڪندي، سندر چئي ڏنو: "منهنجي سر تي ڪنڊن جو ڇٽ رکي ڇڏيو."

سندر اگراڻي چاليهن سالن کان سنڌي هلچل جو آزمايل سپاهي رهيو آهي. هن ۾ قوم جي ڪمي ڪانهي، اُتساهه ۽ ونس ڪمان ٽار آهي. هاڻي ته هن ۾ مالي ٻل به آيو آهي. سڀ کان وڌيڪ جا ڳالهه مون هن ۾ ڏٺي آهي، سا اها ته سچو ۽ ايماندار شخص آهي ۽ سنڌيت جي آدرش سان سچو ٽڪا ڪمٽيڊ آهي. مونکي ان جو به شڪ نه آهي ته سڀا جو ڪار هن جي اڳواڻيءَ ۾ ڀلو ٿيندو يا ڀٽتي ٿيندو. منهنجو ته هيڪاري اهو وشواس آهي ته سڀا جو ڪار ٻـ رڳون وڌيڪ ترقي ڪندو. منهنجي من ۾ ڪا به شڪا، ڊپ يا سنسو ڪونهي. مون سڀا کي صحيح هٿن ۾ ڏنو آهي، ڪارج جي جوت سدائين جلندي رهندي.

هن سال ۾ ٽين جهڙا اهم ڳالهه ٿي آهي سا اها ته مون هن ئي سال ۾ پنهنجي آتم ڪٿا ڇپائڻ جو آرنڀ ڪيو ۽ هن ئي پنجٽيهم سال ۾ پورو پاتي، هڪ ڊگهي خواهش ۽ اهم فرض جي پورائي ڪري رهيو آهيان.

هر ٻيءَ ڳالهه ٿي لکڻ ۽ ڪجهه ڇوڙ بعد هاڻي مان پاڻ کي مخاطب ٿي رهيو آهيان. پنهنجي جيون جي پنجاهه - سٺ سالن ۾ مون ڪن آزمودن، اُڻيون ۽ اندر جي سوجهه - ٻوجهه مان ڪي نتيجا ڪڍيا يا وچار پاليا آهن، جيڪي منهنجي جيون جي رهبري ڪندا آهن ۽ جيون کي سمجهڻ ۾ مدد

آهيان. مون ڪيترن سان مخالفت ڪئي آهي، ڪيترن سان ٺڪر ڪاڙا آهن. وقت لئي ڇڪرائون به ٿيون آهن. ٻيو به شخصي وير وروڌ يا نفرت جو جذبو منهنجي من ۾ ڪڏهن نه پيدا ڪونه ٿيو آهي، بلڪ پيدا ٿيڻ ئي نه ڏنو اٿم. وروڌيءَ خلاف افسوس وڌيڪ، غصو گهٽ ڪاڙو اٿم. ڪرب جو روڳ وڌيڪ نفرت جو جذبو گهٽ رکيو اٿم. مون انسان کي صرف انسان ئي سمجهيو آهي، ٻيو ڪجهه به نه. سندس برائي واري پهلوءَ کان وڌيڪ، چڱائي واري پهلوءَ کي ترجيح ڏني اٿم. هر شخص کي سندس ٻاهران ظاهري ڇهري لئي قبول ڪيو اٿم، ڪنهن ڪري مان ان الزام جو شڪار ٿيو آهيان ته، مون کي ماڻهو سڃاڻڻ نه ايندا آهن. مون وٽ نه، ڪا اهڙي ڪل ڪانهي جو انسان جي مستڪ ۾ رکي، هن جي شرافت يا شيطانيت کي پرکي وٺان. ڇو ته مان ته هرڪو انسان، انسان ئي لڳندو آهي. انسان کي پرکڻ لاءِ مون وٽ ڪا به مقرر فارمولا ڪانهي. اها حقيقت آهي ته مان هر شخص کي سٺو سمجهندو آهيان. مان ڪنهن مان به وشواس ڪونه وڃائيندو آهيان. هر شخص مان شرافت هئڻ جي اميد رکندو آهيان. اهڙو وشواس رکندي ڪڏهن ڪڏهن کي انڪلون ۽ حرفتون ڏٺيون اٿم، پر ڪو وشواس گهات يا دوکو ڪونه ماريو اٿم، ڪنهن ڪري انسان جي بنيادي چڱائي ۾ يقين پڪو ٿيندو رهيو آهي. مون ڪرب ڏٺو آهي، ڪرب پاليو آهي.

ڪارج .... ڪارج ئي منهنجي جيون جو الڳ اڻٽجي ويو آهي. ڪارج منهنجي پوڄا آهي، منهنجو "ڀڳوان" آهي. سڄي عمر ڪنهن نه ڪنهن ڪارج ۾ رڌل رهيو آهيان. ڪنهن نه ڪنهن ڪم جي ڌن ۾ هوندو آهيان. ڪم ڪانسواءِ مان ويهي ڪونه سگهندو آهيان. ٿڪجي ئي آرام محسوس ڪندو آهيان.

غير-عقلي سمجهڻ کان منڪر آهيان. مان ڪٽرپڻي يا واهمه وسوڙل ناهيان. مان ڪنهن به مت جو پوڄاري نه آهيان. ڪنهن به ويچار يا وِيڪتي اڳيان سجدو ڪندڙ نه آهيان. مان صرف **مارڪس** جي فلسفي کان متاثر ٿيو آهيان، جيڪو تاريخي ۽ جدلياتي **ماديات** جي وگيانڪ بنياد جي مٿ تي ٻڌل آهي. اڄ مان سوچيان ٿو ۽ پنهنجي نظر ورائي ڏسان ٿو ته مارڪسوادي ويچارڌارا منهنجي زندگيءَ ۾ اٿل پٿل آندي، انساني جيون جي رهسيه، کي منهنجي سامهون کولي ٻهاريو، ۽ مون کي نئون دڳ ڏيکاريو آهي. منهنجي جيون کي سڌاريو ۽ ڀرپور معنيٰ ڏني آهي .... پوءِ به منهنجو خود مارڪسواد ڏانهن رخ عقلي آهي، وگيانڪ آهي، شرڌا تي ٻڌل هرگز نه آهي.

مون زندگيءَ کي هر پهلوءَ کان ڏٺو آهي. سڀ لاها چاڙها ماڻيا به آهن ۽ ڀوڳيا به اٿم. پر حياتيءَ مون کي ڪڏهن به اداس نه ڪيو آهي. ڪنهن وقت کيسي ۾ ٻه آنا هوندي به، مون پاڻ کي شهنشاهه محسوس ڪيو آهي ته ڪڏهن وري سوين-هزارين روپيا جيب ۾ هوندي به پاڻ کي مسڪين سمجهيو اٿم. مون ڪنهن به چيز، ماڻهو ويچار يا رشتي ۾ موهه نه رکيو آهي، پوءِ به مون کي ڪنهن به وقت سڀني چيزن، ماڻهن ۽ ويچارن جي ڪمي محسوس ڪانه ٿي آهي. مان جيون ۾ ڪنهن به وستوءَ پٺيان پيو نه آهيان، پوءِ به ڪنهن به چيز کان اداس نه رهيو آهيان.

مان پنهنجي ويچارن، اصولن ۽ آدرشن تي اٽل پڪو ۽ سخت آهيان، پوءِ به ٻين جي ويچارن ۽ اصولن کي عزت ۽ گمڀيرتا سان وٺندو آهيان، بلڪ انهن ۾ جيڪا سچائي ۽ سڌائي هوندي آهي، تنهن کي مان ڏسندو آهيان، ساراهيندو به آهيان. اگر اُن ۾ ڪجهه صحيح آهي ته اُن کي جهليندو به

جنم (يعني جنم ته منهنجي لاءِ آهي ئي ڪونه) هڪ **سڪڻي**
جو جنم آهي .... ۽ تنهن ڪانسواءِ هن زندگيءَ ۾ جيڪي **مشن**
مون پنهنجي اڳيان رکيا آهن، ان جي پورائي ۽ سڦلتا، اڃا ته
باقي آهي، پوءِ مان ڪيئن منهن موڙي وٺندس؟ مونکي
جيترو به باقي وقت آهي - ڏهه - پندرهن سال اهو انهن مقصدن
جي جستجو ۾ لڳندو. مان هن جيون ۾ سنڌي جاتيءَ جي
ڀلائي، سلامتي، واڌاري ۽ سڌارڻ سان وچن بڌ آهيان. اهو
منهنجو وچن، سرحد جي ٻنهي پاسن لئي وسيل سنڌين سان
آهي. دراصل هن پار جا سنڌي، لوڙي هن پار جا سنڌي
لڳ ڀڳ ساڳيا ئي مسئلا ڀوڳي رهيا آهيون. ٻنهي طرفن جا
سنڌي اڻانگن ۽ ڏکاري حالتن سان منهن مقابل آهيون. زنده
رهڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکڻ جي جدوجهد ۾ سرگردان
آهيون. هت **سنڌيت** جي هلچل ۽ هتي **جيئي سنڌ** جي
لهر، هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. هڪ ٻئي جون مددي
۽ پورڪ هلچلون آهن. مان ٻنهين سان برابري طور ڪمٽيڊ
آهيان. آخرين گهڙيءَ تائين انهن مقصدن جي لوري لڳل
رهندي. آخرين دم تائين اها ئي لوچ من اندر رهندي.

درستي

آتم ڪٿا جي ڀاڱي ٽئين ۾ صفحي ٩٤ کان ٩٧ تائين، جيڪو
احوال آيو آهي ته پروفيسر ايس. ايڇ. لالواڻي ۽ مان ١٩٦٧ ۾
جڏهن سنڌي ٻولي جي تسليميءَ لاءِ بل پاس جي پارليامينٽ
۾ اچڻ هو ته اسين ٻئي وڃي دهليءَ ڪئمپ ڪوڙي ويٺا هئاسون.
ان وقت جي رپورٽن مان اهو احوال به مليو آهي ته بعد ۾ شري
گوبند مالهي سڀا جو جنرل سيڪريٽري ۽ شري ٽهلرام آزاد
پبلسٽي سيڪريٽري به آيل هئا ۽ پارليامينٽ جي ڪارروائيءَ
وقت حاضر رهندا هئا.

(چوٿون ڀاڱو پورو ٿيو)

ڪارڻ ۾ ڪنهن به شخصي مطلب يا لاڀ جو اولو نه رکيو اٿم. ڪارڻ مان مولڪي سچو آنند ۽ هڪ عجيب پرسنتا ملندي آهي، جنهن مان جيون جي پورنتا جو احساس ماڻيندو آهيان. اڄوڪي جڙوادي دنيا ۾، اهڙي حالتيءَ کي ٿي شايد عام طور ”ونڊرق“ سڏيو ويندو آهي، جنهن مان ڪو شخصي ابراسو نه ٿئي. ان ڪري منهنجا ڪيترا خيرخواه مٽر ۽ سڱا عزيز پڻ، هڪ هوشيار مشهور وڪيل ٿيڻ بجاءِ لکين روپيا نه ڪمائڻ تي افسوس ڪندا آهن ۽ ميار وار ٺهرائيندا آهن. اهڙي وقت ڪلي ڪلي مان سندن اکين نظر کان اهڙو ٿي ”ونرق“ اٿو نڪرندو آهيان: ”منهنجو وشواس آهي ته هيءُ آتم جيون هڪ دفعو ئي ملي آهي ۽ وري ملڻ واري ڪانهي. تنهن ڪري اهيءَ املهه شيءِ کي دنياداري جي خيال کان ڌن گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڪٽڻ، چترائن ۽ حرفتبازين جا جار وڇائڻ لاءِ تيار نه آهيان.... منهنجي من جي آنند کان وڌيڪ ٻي ڪا ملهائتي چيز هن سنسار ۾ نه آهي.... ۽ من جو سچو ۽ پورڻ آنند گهڻن جي ڀلائي ۽ خوشي (Collective Good) مان پيدا ٿيندو آهي، پر اُن لاءِ اندرين من جي سچائيءَ جي درڪار آهي.

اٽڪل ٻارهن سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي پرڌان پد کان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ، گهڻن جو اهو ئي اندازو ۽ شڪ هوندو ته مان ”باز آئي از محبت سي“ چئي ڪنارا ڪشي ڪري، وڃي ڪنڊ پاسيرو ويهندس. اهڙن شخصن منهنجي بنيادي فطرت کي نه پرکيو يا جاتو آهي. ”ساند ڪري وهڻ“ جهڙو سبق مون هن جيون ۾ ڪونه پرايو آهي. ساند ڪري وهڻ مولڪي موت جي برابر لڳندو آهي. موت اچي منهنجي ڳلي ملي، تنهن کان اڳ مان موت سوڪار ڇو ڪريان؟ منهنجو هيءَ

With Best Compliments From;

Ram Jawhrani

Chairman

Sahyog Foundation

(A Socio Cultural Organisation)



2, Bhagat Co-op. Hsg. Society, Plot No. 417, 14th Road, Bandra, Mumbai-400050.

Tel. Fax. 6431784

ڪتاب بابت ....

”ڪجهه پڙهيم، ڪجهه لکيم“ جو هي ڇهون ڀاڱو توهان جي هٿن ۾ آهي.

سنڌيءَ جو بزرگ ليکڪ شري ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي زندگيءَ جا ڇاهتر سال پورا ڪري ستهتر سال ۾ قدم رکيو آهي. هن آتم ڪهاڻي، ڪيرت جي زندگيءَ جي ڪهاڻي ته آهي ئي آهي، پر سنڌ، سنڌين جي تحريڪ، آزاديءَ جي تحريڪ، سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت، سنڌي سنسڪرتيءَ کــي بچائڻ جــي به ڪهاڻي آهي.

تاريخ، بادشاهن، راجائن جي تخت پوشي جي تاريخن سان هوندي آهي. پر ان ۾ ديش ۽ عوام جو ذڪر نه برابر هوندو آهي، پر هڪ ڪلاڪار، هڪ اديب جــي ڪهاڻي / تاريخ ان وقت جي سماج، ديش جي به ڪهاڻي ۽ تاريخ هوندي آهي.

تازو **ستيش گجرال** جي آتم ڪٿا Bursh with Life پڙهيم، ستيش گجرال جي اڙد گرد پنجاب ۾ هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪ جي به تصوير آهي، نه سندس شخصي جدوجهد جو به نقش آهي.

ان ڪري ڪنهن اديب، ڪلاڪار جي آتم ڪٿا، شخصيت جي گهري ۾ هوندي آهي ــ سماج، ديش ۽ ماحول جو هڪ آئينو هوندو آهي، جو ڪن لاءِ آئنده - پيڙهيءَ جو سر چشمو هوندو آهي.

سندس آتم ڪٿا پڙهندي، دل مان هڪ دانهن، آهه نڪري ته ڪاش! اڄ اسان (سنڌين) کي ڪا پنهنجي زمين هجي ها، ته ٿورا درخت لائي گهڻن کي، آسائش ڏئي سگهون ها ۽ زمين کي ساوو سبز بڻائين ها. پر اڄ اهــا رڳو آهه، چاهنا فقط دانهن ٿي رهجي ٿي وڃي.

شو راتري،
٢٥ فيبروري ١٩٩٨
56، هيرا نانو سنگه سوسائٽي
الهاسنگر-٣. فون: 550575

ڪيرت ٻاٻاڻي
مکيه سمپادڪ

With Best Compliments From :

Jai Sachdanand Textiles

Jai Shankar Textiles

Plot No 4-A, Section 3-A, Industrial Area,
Pawai Chowk, Ulhasnagar-4.

☎ Fact 520931-529235 Resi. 521857-531281

SILVER POINT

On the eve of Sindhyat day Cheti Chand

With Compliments from

BHARTIYA JANTA PARTY

ULHASNAGAR-3.

Shri Ashok Talreja

President

Shri Narendra Rajani

Chairman :

Standing Committee

Ulhasnagar Municipal Corporation

With Best Compliments Of :-

Jaymes Products

Quality Biscuit Manufacturers

BHAGCHAND D. ROHRA

Fact. : 53, Industrial area, Ulhasnagar-4.

Tel. 520041-521065 Resi. 550467

Gram : J. P BISCUITS

With Best Compliments From

ANIL SUNIL

چيٽي چنڊ (سنڌيت ڏينهن) نئين سال جون اوهان
صاحبن ۽ سڀني ڪٽنب کي لک لک واڌايون

Hasso H. Paryani

7, Hansa Apartment, Plot No 126–127,
Garodia Nagar, Ghatkopar (E), Mumbai–400077.

☎ 5122544-5103108



With Best Compliments From :

Annu Manwani

SATYAM

**Wrist Watches, Gifts,
Electronics & Novelties**

104, Japani Bazar, Ulhasnagar–2.

☎ 544151-549052 Mobile 09821044151

NATIONAL

Gas Agencies

Dealers in :

Oxygen, Acetylene, Nitrogen

Head Office :

2, Sai Darshan Society, RKT College Road Ulhasnagar-3.
Tel. 550849–551714

Godowns :

1. Kalyan Ambernath Road, Near Hanuman Mandir, Ulhasnagar-3. ☎ 72866
2. Laxmi Niwas, opp. Ajit Weight Bridge, Kalyan Shell Road, MIDC Dombivli (E) ☎ 466656
3. 5, Laxmi Narayan Shopping Centre, Kalyan Badlapur Road, Ambernath. ☎ 583915–2715

MUKATA CLASSES

For the Best Teaching from Std. V to X

★★
★★
★★

Rakhi Apartment (Basement), Ulhasnagar-4.
☎ 525406

With Best Compliments From

INDUS

Advertising Agency

— Publicity Representative —

Indian Railways, Hoardings, Translites & Posters

5-2, Naaz Bldg. Lamington Road. Mumbai-400004.

With Best Compliments From:

SUDHA CLASSES

For VIII, IX & X

All Subjects with Science Practicals

4th floor, Prince Market, Ulhasnagar-3.

Tel. 544253

SUDHA PUBLICATION

Sudha Super Series (Guides) for Std. V to XII

49, 2nd floor, Prince Market, Ulhasnagar-3

Phone : 544253

Sudha Offset Printers & Graphics

Offset Printers, Screen Printers, DTP etc.

25, 1st floor, Prince Market, Ulhasnagar-3.

Tel. 560465

With Best Compliments

Of :-

FASHION CLUB

SHOWROOM

Classic Family Wear



Teckson Tower, Gol Maidan, Ulhasnagar-1.

☎ 546555

With Best Compliments From :

MURLI ROHRA
Proprietor

MURLI BUILDERS

Regd. Govt. Contractors

Head Office :
112, New Prince Market, 1st floor, Ulhasnagar–3.
Off. : 73251 Gram - MURLIBUILD

Resi. 23/B, Hira Co-op. Hsg. Society,
Opp. Telephone Exchange, Ulhasnagar–3.

Resi. 70775 STD Code 0251

With Best Compliments From

Basant V. Chellani
Anil B. Chellani

NENUMAL JEWELLERS

(Lunch 2 p.m. to 4 p.m.)

Gold & Diamond Ornaments Makers
Sellers & Buyers

Shop No. 123-124, Japani Bazar, Ulhasnagar-2.
☎ 541210-541284-546640

M/s. Shankar Mahadev & Co.

Civil Engineers & Contractors

Off. Sec. 17, Ulhasnagar-3.
☎ 550512, 550912, 551293
Resi. : Sec. 19, Ulhasnagar-3. ☎ 550615

With Best Compliments From;

BHARAT
Manufacturers Co.

Plot No. 274, Near Kalani Mahal, Ulhasnagar-2.

☎ 541086, 541084, 540185, 546145, 546182

C-5
4

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 10

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62



Kujh Budhayum, Kujh Likayum
Part-4

By KIRAT BABANI

Sindhi Times Publications

(Quarterly Book Series April-May-June-1998)

Designed by Ram Lalchandani (Art Spot) Tel.:4464134-4466348